ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95)   سومر 07 سيپٽمبر 2026ع 24 ربيع الاول 1448ھ صفحا 6 - ملھ 30 وپيا   شمارو (23)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان ۽ مصر پاران آمريڪا-ايران مفاهمتي يادداشت تي ڀرپور عملدرآمد لاءِ ڪوششون، سفارتي رابطا شروع

مصر جي پرڏيهي معاملن واري وزير بدر عبدالعاطي، پرڏيهي معاملن واري وزير اسحاق ڊار سان ٽيليفون تي رابطو ڪري علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

ٻنهي پرڏيهي وزيرن علائقائي سلامتي جي معاملن تي رابطا ۽ صلاح مشورا جاري رکڻ تي اتفاق، خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ امن ۽ استحڪام بحال ڪرڻ بابت ڪوشش تي پڻ ڳالهيون

نائب وزيراعظم جو سعودي هم منصب شهزادي فيصل بن فرحان سان رابطو، مڪي دفاعي معاهدي جي اسٽريٽجڪ، سياسي ۽ دفاعي ڪميٽي جي اجلاس ۾ ٿيل مفاهمت تي خيالن جي ڏي وٺ

پاڪستان ۽ سعودي عرب جي پرڏيهي وزيرن وچهه رابطا برقرار رکڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو، ڳالهين دوران استنبول اجلاس ۾ ٿيل مفاهمت تي عملدرآمد جو پڻ جائزو ورتو ويو

ترڪ پرڏيهي وزير هاڪام فيدان سان ٽيليفون رابطي دوران ٻڌايل دلچسپي جي معاملن ۽ گهڻ رخي فورمز تي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

اسلام آباد (م ر د) پاڪستان ۽ مصر آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي ڀرپور عملدرآمد شروع ڪرڻ ۽ ٽڪرار کي پکوڙجڻ کان روڪڻ لاءِ سفارتي ڪوششون تيز ڪرڻ تي زور ڏنو آهي عرب ميڊيا موجب مصر جي پرڏيهي معاملن واري وزير بدر عبدالعاطي پرڏيهي معاملن واري

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪانگو ۾ شادي جي تقريب ۾ باهه لڳڻ سبب 22 ڄڻا فوت، ڪيترائي زخمي

ڪنشاسا (اي پي پي) جمهوريه ڪانگو جي گادي واري شهر ڪنشاسا ۾ شادي جي تقريب ۾ باهه لڳڻ سبب 22 ڄڻا فوت ۽

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

HUMANITARIAN ASSISTANCE FOR FEDERAL DEMOCRATIC REPUBLIC OF NEPAL
FROM : THE GOVERNMENT & PEOPLE OF PAKISTAN

اسلام آباد: ن ليگ اڳواڻ طارق فضل چوڌري وزيراعظم جي هدايتن تي نيپال جي ٻوڏ سٽيل عوام لاءِ امدادي سامان سفير حوالي ڪري رهيو آهي

يوم دفاع جي موقعي تي آءِ ايس پي آر طرفان حب الوطني جي جذبي سان ڀرپور قومي نغمو ”منزل پاڪستان“ جاري

راولپنڊي (اي پي پي) آءِ ايس پي آر يوم

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

6 سيپٽمبر تاريخ جو روشن باب آهي قوم ۽ فوج بيمثال عزم جو مظاهرو ڪيو: عبدالعليم خان

اسلام آباد (اي پي پي) استحڪام

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخواهه ۾ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون، ڀارتي حمايت يافته فتنه الخوارج جا 21 دهشتگرد مارجي ويا

اتر وزيرستان ۾ پاڪ افغان سرحد ويجهو ڪامياب آپريشن ڪانپوءِ علائقي ۾ لڪل وڌيڪ 10 خوارجين کي ماريو ويو، ٻي اثرائتي ڪارروائي ۾ 7 دهشتگرد مارجي ويا

ڪوهاٽ ۽ ڊيرا اسماعيل خان جي ضلعن ۾ به سيڪيورٽي فورسز جا ٻه الڳ مقابلا، انٽيليجنس جي بنياد تي ڪيل ڪارروائين دوران وڌيڪ 4 خوارجي دهشتگرد مارجي ويا

افغان طالبان حڪومت سرحد پار دهشتگردي روڪڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي، اثرائتي بارڊر مئنيجمينٽ ۽ دهشتگردي جي خاتمي بابت عالمي ذميواريون پوريون ڪيون وڃن: آءِ ايس پي آر

پاڪستان افغان سرحد تي بار بار ٿيندڙ دهشتگرد واقعا پاڪستان جي ان موقف جي تائيد آهي ته افغان سرزمين پاڪستان خلاف سرحد پار ڪارروائين لاءِ استعمال ٿي رهي آهي: ترجمان

ملڪ ۾ موجود ڀارتي اسپانسرڊ خوارجين ۽ غير ملڪي حمايت يافته دهشتگرد عنصرن جي مڪمل خاتمي تائين سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون ڪارروايون جاري رهنديون: ترجمان

صدر آصف زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف طرفان ڪامياب دهشتگردي ٽوڙ ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش، قوم کي پاڪ فوج جي صلاحيتن تي فخر آهي

راولپنڊي (اي پي پي) خيبرپختونخواهه ۾ گذريل ٻن ڏينهن 3 کان 5 سيپٽمبر 2026ع تائين مختلف آپريشنز دوران ڀارتي سرپرستي ۾ ڪم ڪندڙ فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ 21 خوارجي ماريا ويا. آءِ ايس پي آر طرفان اڄ ڏينهن جاري ڪيل پريس ريليز مطابق 31 آگسٽ / ڀهرين سيپٽمبر 2026ع جي رات اتر وزيرستان ۾ پاڪستان ۽ افغانستان جي سرحد ويجهو سيڪيورٽي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: يوم دفاع جي موقعي تي مقامي اسڪول جا ٻارڙا شهيدن جي ياد ۾ ٽيبلو پيش ڪري رهيا آهن

ڪي پي ڪي ۾ 21 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي جي اهم ڪاميابي آهي: وفاقي گهرو وزير

پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ويڙهاڪن جي نيٽ ورڪ جي خاتمي تائين آپريشن جاري رکڻ لاءِ پرعزم آهي

اسان جي بهادر فوج مشڪل حالتن ۾ ذميواريون نڀايون ۽ قومي سلامتي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي

ڪامياب آپريشن شهرين جي تحفظ لاءِ سيڪيورٽي ادارن جي جاري ڪوشش کي نمايان ڪري ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي خيبر پختونخوا ۾ ڀارتي حمايت يافته ويڙهاڪن خلاف ڪامياب آپريشن ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي ساراهه ڪندي چيو آهي ته 21 ويڙهاڪن جو خاتمو دهشتگردي خلاف جاري ڪوشش ۾ هڪ اهم

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

6 سيپٽمبر قومي اتحاد ۽ اجتماعي طاقت جي علامت آهي: اويس قادر شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه چيو ته 6 سيپٽمبر قومي اتحاد ۽ اجتماعي طاقت جي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت 8 اسلامي ملڪن پاران غزه فلسطيني عوام جي بيدخلي وارن منصوبن جي مذمت

اسرائيلي جي قومي سلامتي ۽ دفاع واري وزيرجا بيان ۽ تجويزون، عالمي قانون جي کليل ڀڃڪڙي آهن

ولاريل فلسطيني ڌرتي اندر يا ٻاهر بيدخل ڪرڻ جي ڪوشش ۽ منصوبن کي واضح انداز ۾ رد ڪريون ٿا

فلسطينين کي سندن ڌرتي تان نيڪالي ڏيڻ لاءِ عملي قدمن کي تبديل ڪرڻ جا سنگين نتيجا نڪرندا

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان، مصر، انڊونيشيا، اردن، قطر، سعودي عرب، ترڪيه ۽ گڏيل عرب امارات جي پرڏيهي وزيرن اسرائيلي قومي سلامتي جي وزير اتمار بن گوير ۽ اسرائيلي دفاع واري وزير اسرائيل

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

قوم پاڪ فوج جي بهادر سپوت محمد وسيم شهيد جي لازوال قرباني کي سلام پيش ڪري ٿي: گهرو پاڻي

اسلام آباد (اي پي پي) قوم عظيم

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

آمريڪي رياست ڪيليفورنيا ۾ ننڍو جهاز ڪري تباهه، 2 ڄڻا فوت، 2 زخمي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي رياست

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وقتي صدر يوسف رضا گيلاني سفاري ڪلب انٽرنيشنل پاڪستان جي ڪنوينشن ۾ عهديدارن سان گڏ شريڪ آهي

پاڪستان امن پسند ملڪ آهي، ملڪي سلامتي تي ڪوبه سمجهوتو نه ڪيو ويندو: شرجيل ميمڻ

1965ع ۾ پاڪستاني قوم ۽ پاڪ فوج جي جرائن اتحاد ۽ جرئت سان دشمن جا ارادا ناڪام بڻايا

جن مائرن پنهنجا پٽ وطن تي قربان ڪيا، قوم سندن عظمت کي سلام پيش ڪري ٿي

موجوده صورتحال ۾ ملڪ جو امن ۽ سڪون هٿياربند فوجن جي بهادري جو ثمر آهي: ناصر شاهه ۽ ٻين جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته 6 سيپٽمبر پاڪستان جي تاريخ جو ناقابل فراموش ڏينهن آهي، جنهن تي قوم پنهنجي شهيدن ۽ غازين کي سلام پيش

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 2 ڄڻا فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 2 ڄڻا فوت جڏهن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پاڪستان خطي ۾ پائيدار امن لاءِ ڳالهين ۽ سفارتي ذريعن تي يقين رکي ٿو: اعظم نذير تارڙ

6 سيپٽمبر تاريخ جو يادگار ڏينهن آهي، شهيدن جون قربانيون وسارڻ جوڳيون نه آهن

اڄوڪي ڏينهن قوم هٿياربند فوج سان گڏجي وطن جي دفاع ۽ خودمختياري جي تحفظ جو اظهار ڪيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف بابت وفاقي وزير سينيئر اعظم نذير تارڙ يوم دفاع ۽ شهداءَ جي موقعي تي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۽ پنجاب ۾ رڳو ٻه خاندان اقتدار تي قابض آهن، سياسي اجاره داري جو خاتمو آڻينداسين: سهيل آفريدي

ڪي پي ڪي جي وڏي وزير عمرڪوٽ، ٽنڊو الهيار، حيدرآباد سميت مختلف شهرن جو دورو ڪيو، استقبال

پنجاب جي جعلي وزير چوڻ ٿي ته مون کي نئن صوبن کان خطرو آهي، ڀارت کان خطرو ناهي، جعلي حڪومت کي پاڪستان جي ڪا به فڪر ناهي

عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي کي تمام جلد عوام پنهنجي وچ ۾ ڏسندي، اسان چاهيون ٿا ته اسان جي اڳواڻن کي انصاف ملي

حيدرآباد/ٽنڊوالهيار/عمرڪوٽ(نمائندن وٽان) حيدرآباد ۾ چوڪ تي پي ٽي آءِ جو تاريخي پاور شو، وزيراعلي خيبرپختونخوا سهيل آفريدي جو شاندار استقبال ۽ جلسو حيدرآباد ۾ گهانگهارا موري فتح چوڪ

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

عمرڪوٽ: خيبرپختون خواهه جو وڏو وزير سهيل آفريدي جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

حيدرآباد ۾ هڪ ئي ڏينهن ٽي ٽي سياسي جلسا ٿيڻ سبب روڊ رستا بند، شهرين کي سخت ڏکيائين جو منهن ڏسڻو پيو

حيدرآباد: حيدرآباد ۾ هڪ ئي ڏينهن تي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ويجهو پي ٽي آءِ قافلن کي روڪڻ لاءِ رڪاوٽون، اڳواڻن ۽ پوليس ۾ منهن ماري

سياسي پروگرام ۾ شرڪت لاءِ ويندڙ ڪارڪنن کي مختلف هنڌن تي روڪيو ويو

پوليس ۽ ڪارڪنن وچ ۾ ڇڪتاڻ، مختلف هنڌن تي ٽريفڪ متاثر، اضافي نفري طلب

حيدرآباد بحيدرآباد ويجهو رڪاوٽون پي ٽي آءِ اڳواڻن جي پوليس سان منهن ماري پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

تعلقي باقراڻي ۾ ترقياتي ڪمن سان گڏ عوامي ڀلائي جا منصوبا جاري آهن: سهيل انور سيال

اسٽريٽ لائيٽ، سولر پليٽون، معذور لاءِ ويل چيئرون ۽ شاگردن لاءِ ليپ ٽاپ فراهم ڪيا ويا آهن

پارٽي جي نمائندن جا دروازا 24 ڪلاڪ عوام لاءِ کليل رهندا آهن: مستحقن کي سامان ڏيڻ بعد ڳالهيون

باقراڻي (ن ع) باقراڻي لڳ سيال هائوس

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

وطن خاطر جان قربان ڪندڙ حوالدار چوڌري ظهير احمد شهيد کي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد (اي پي پي) قوم وطن خاطر جان قربان ڪندڙ حوالدار چوڌري ظهيراحمد

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ يومِ دفاع ۽ شهيدن کي ڀرپور خراج عقيدت، ملير گيريزن ۾ پروقار تقريب

وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ ڪور ڪمانڊر ڪراچي پاران يادگارِ شهدا تي گلن جي چادر چاڙهي فاتحه خواني ڪئي

پاڪ فوج جي دستي پاران سلامي، وطن جي دفاع لاءِ جانين جا نذرانا ڏيندڙ شهيدن کي خراج عقيدت

وڏي وزير ۽ ڪور ڪمانڊر پاران شهيدن جي وارثن سان ملاقات، قربانين کي قومي تاريخ جو روشن باب قرار

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) يوم دفاع ۽ شهيدن جي ڏهاڙي جي موقعي تي ملير گيريزن ۾ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪور ڪمانڊر ڪراچي سميت سنڌ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

باقراڻي: پ پ اڳواڻ سهيل انور سيال مستحقين ۾ سامان ورهائي رهيو آهي

ڪراچي ۾ ڏوهارين خلاف ڪارروايون، مقابلي دوران پوليس اهلڪار شهيد، ٻه زخمي

ڄام صادق پل وٽ مقابلي دوران جوابدارن جي فائرنگ ۾ اهلڪار اويس تنولي سخت زخمي ٿيو

کيس اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هن دم ڏٽي حوالي ڪيو، سرجاني ٽائون ۾ ٻه اهلڪار زخمي ٿي پيا

لياقت آباد ۾ ايل پي جي دڪان تان ڦر دوران مزاحمت تي نوجوان ملازم شهزاد فائرنگ ۾ مارجي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ڏوهارين خلاف ڪارروايون دوران فائرنگ جي مختلف واقعن ۾ پوليس جو هڪ اهلڪار شهيد، جڏهن ته ٻن پوليس اهلڪارن سميت هڪ شهري زخمي ٿي پيو جڏهن ته پوليس هڪ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پاڪ افغان بارڊر تي مقرر پاڪ فوج جي بهادر سپوتن پاران ملڪي دفاع جو عزم

6 سيپٽمبر شهيدن ۽ غازين جي لازوال قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو ڏينهن آهي: ليفٽيننٽ ڪرنل بلال

سرحد تي ڊيوٽي فخر جو سبب ۽ وردي کي قوم جي اميدن ۽ اعتماد جي ذميواري آهي: ڪيپٽن سبحان

اسلام آباد (اي پي پي) يوم دفاع ۽ شهداءَ جي موقعي تي پاڪ افغان بارڊر تي مقرر پاڪ فوج جي بهادر سپوتن قوم جي تالي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

6 سيپٽمبر قوم جي تحفظ لاءِ ڏنل قربانين جي ياد ڏياري ٿو: محسن نقوي

ملڪ جي هٿياربند فوج وڏي دشمن قوت جو مقابلو ڪري ڪاميابي سان وطن جو دفاع ڪيو

هي ڏينهن هٿياربند فوج ۽ پاڪستان جي عوام جي حوصلي، عزم ۽ جذبي جي نمائندگي ڪري ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي هٿياربند فوجن شهيدن ۽ اڳوڻن فوجين کي خراج تحسين

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاڪستان کي عسڪري قوت سان جامع قومي طاقت کي مضبوط بڻائڻو پوندو: احسن اقبال

اڪيهين صدي ۾ وطن جي دفاع جو تصور صرف سرحدن جي حفاظت تائين محدود ناهي رهيو

ڪمزور معيشت سان قومي خودمختياري کي ڊگهي مدي تائين برقرار نٿو رکي سگهجي

اسلام آباد/ ناروال (اي پي پي) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته ايڪيهين

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو: سنڌو درياهه جي ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي اچڻ بعد ماڻهو درياهه ڪناري تفريح ڪري رهيا آهن

يوم دفاع جي موقعي تي مزار قائد تي گارڊز جي تبديلي جي پروقار تقريب منعقد

پاڪستان ايئر فورس اڪيڊمي اصغر خان جي ڪيڊٽس مزار تي گارڊز جون ذميواريون سنڀالي ورتيون

ايئر وائيس مارشل حسن ٽيپل مزار قائد تي حاضري ڀري باباءِ قوم کي خراج عقيدت پيش ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) يوم دفاع ۽ شهيدن جي ڏهاڙي جي موقعي تي ڪراچي ۾ مزار قائد تي گارڊز جي تبديلي جي پروقار تقريب

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج غير معمولي بهادري سان وطن عزيز جو دفاع ڪيو: انجنيئر امير مقام

يوم دفاع جي شهيدن جون عظيم قربانيون قومي تاريخ جو نه وسارڻ جهڙو باب آهي

حق جي ويڙهه ۾ به هٿياربند فوج جي بيمثال جرئت ۽ قرباني تحسين جوڳي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ سيفران معاملن واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام پاڪ فوج جي شهيدن

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

6 سيپٽمبر 1965 جي شهيدن بهادري سان وڙهندي شهادت جو رتبو ماڻيو

ڪيپٽن اسلام احمد خان، ميجر فخر عالم خان، ميجر محمد منير خان شهيد ٿيا

ميجر محمد سرور ۽ ڪيپٽن خالد حمير لوڌي بهادري سان وڙهندي شهادت ماڻي

اسلام آباد (اي پي پي) 6 سيپٽمبر 1965 جي جنگ ۾ ڪيپٽن اسلام احمد خان ميجر فخر عالم خان ميجر محمد منير

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

شهيدن ۽ غازين جي قربانين کي هميشه ياد رکيو ويندو: شزه فاطمه خواجا

پاڪستان جي هٿياربند فوج جي بهادري ۽ پيشورانه صلاحيتن تي قوم کي فخر آهي

معرڪه حق ۾ اسان جي فوج فيلڊ مارشل جي اڳواڻي ۾ دشمن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو

اسلام آباد (اي پي پي) انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزه فاطمه چيو آهي ته اسان

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

قوم پنهنجن شهيدن ۽ غازين کي سلام عقيدت پيش ڪري ٿي: طارق فضل چوڌري

اسان جي شهيدن جون لازوال قربانيون ملڪي دفاع، سلامتي ۽ خودمختياري جي ضامن آهن

عهد ڪرڻ پوندو ته پاڪستان کي وڌيڪ مضبوط، مستحڪم، خوشحال ۽ اسريل ملڪ بڻائينداسين

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن بابت وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته يوم دفاع جي موقعي تي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڄام نواز علي: ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو ڪيڊٽ ڪاليج ڄام نواز علي جي پريڊ ۾ شريڪ آهي

مقامي عورتن ۽ نياڻين سماجي تبديلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن پيون: مراد علي شاهه

مائي بختاور کان شهيد بينظير ڀٽو تائين سنڌ جون عورتون مزاحمت، جرئت ۽ عزم جي علامت رهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه دنيا جي مقامي عورتن ۽ نياڻين جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

يوم دفاع پاڪستان جي موقعي تي شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش، توپن جي سلامي

وفاقي گادي واري شهر ۾ 31 ۽ صوبائي گادي وارن شهرن ۾ 21، 21 توپن جي سلامي ڏني وئي

ملڪي ترقي ۽ خوشحالي ۽ ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير جي آزادي لاءِ خاص دعائون

يوم شهداءَ جي موقعي تي وطن جي محافظن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ خاص پروگرامز نشر ڪيا ويا

اسلام آباد (اي پي پي) يوم دفاع ۽ شهداءَ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ملڪي دفاع لاءِ قربانيون ڏيندڙ شهيدن ۽ غازين کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا: چوڌري ارمغان سبحاني

سيالڪوٽ (اي پي پي) رٿابندي ۽ ترقي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

يوم دفاع ملڪي سلامتي لاءِ ڏنل عظيم قربانين جي ياد ڏياري ٿو: سينيٽر روبينه خالد

1965ع ۾ قوم جي سپوتن بيمثال بهادري سان دشمن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻايو

6 سيپٽمبر جو جذبو هڪ ڀيرو ٻيهر آپريشن بنيان مرصوص جي شاندار ڪاميابي ۾ نمايان ٿيو

اسلام آباد (اي پي پي) بينظير انڪم

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي خلاف عزم استحڪام تحت ڪارروائيون جاري رهنديون: يوسف رضا گيلاني

وقتي صدر پاران ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ سموري قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وقتي صدر سيد

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

6 سيپٽمبراسان کي شهيدن جي عظيم قربانين ۽ قومي يڪجهتي جي ياد ڏياري ٿو: وفاقي وزير خالد مگسي

اسلام آباد (اي پي پي) سائنس ۽

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

هٿياربند فوج 6 سيپٽمبر تي غير معمولي جرئت ۽ بهادري سان وطن جو دفاع ڪيو: اسحاق ڊار

شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت ۽ انهن جي بي مثال قربانين تي سندن ڪٽنبن کي سلام پيش ڪيون ٿا

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ ادارن جي لڳاتار قربانين کي پڻ قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا

پاڪستان امن استحڪام ۽ ترقي کي نقصان پهچائڻ واري هر ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته اسان پنهنجي هٿياربند فوج ۽ ان جي بهادر پٽن کي انتهائي عقيدت ۽ احترام سان خراج تحسين پيش ڪيون ٿا

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڊي جي پي آءِ بي اربع طاهر اقرا يونيورسٽي ۾ شاگردياڻين کي شيلڊون ڏئي رهي آهي

پاڪ ڀارت جنگ جي عظيم قومي هيرو ميجر راجه عزيز ڀٽي شهيد جي مزار تي دعائيه تقريب منعقد

اسلام آباد (اي پي پي) يوم دفاع جي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ايف سي جي لانس نائيڪ نور حسن جي والد پاران پٽ جي شهادت تي فخر جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) يوم دفاع شهيدن

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي سلامتي، خودمختياري ۽ آزادي لاءِ قربانيون ڏيندڙ قوم جا حقيقي هيرو آهن: وڏووزير

1965ع جي جنگ ۾ سنڌ جي بهادر سپوتن جو ڪردار تاريخ جو روشن باب آهي

عوام هر ڏکي گهڙيءَ ۾ پاڪ فوج سان گڏ بيهي قومي يڪجهتي جو مظاهرو ڪيو آهي

ملڪ جي وحدت، امن، خودمختياري ۽ قومي يڪجهتي جو تحفظ پڻ قومي ذميواري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) يوم دفاع پاڪستان جي موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه سينيئر وقار مهدي، سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

يوم دفاع جي شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا: راڻا مشهود احمد

6 سيپٽمبر پاڪستان جي تاريخ جو فخر جوڳو باب ۽ قومي اتحاد، جرئت ۽ عزم جي روشن علامت آهي

ملڪي هٿياربند فوج جي آفيسرن ۽ جوانن جي جرئت، پيشورانه صلاحيت ۽ عزم قوم لاءِ فخر آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود احمد خان يوم دفاع پاڪستان جي موقعي تي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سنڌ کي ورهائڻ جي ڪا به سازش يا اڻ سڌي ڪوشش قبول نه ڪئي ويندي: عامر وڙائچ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار ايسوسيئيشن وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي سنڌ جي ورهاست بابت تازو بيان

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

6 سيپٽمبر قومي تاريخ ۾ عزم، بهادري ۽ بي مثال قربانين جي علامت آهي: قيصر احمد شيخ

پاڪ فوج جي شهيدن ۽ غازين جون قربانيون پاڪستان لاءِ عظيم قومي سرمايو آهن

پاڪستان جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سالميت جو هر قيمت تي تحفظ ڪيو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) سيڙپڪاري بورڊ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ چيو آهي ته 6 سيپٽمبر اسان جي قومي تاريخ ۾

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

قومي اتحاد، يڪجهتي ۽ حب الوطني ئي پاڪستان جي اصل طاقت آهن: علي خورشيدي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي ۽ متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي سنڌ

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڏگهڙي ۾ عوامي تحريڪ جي سنڌ ورهاڱي، نون ڪينالن ۽ ڊيمن خلاف ريلي

عزيز پيٽرول پمپ کان محمدي چوڪ تائين ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي

سنڌ جي زمينن ۽ معدني وسيلن تي قبضا قبول نه ڪنداسين: مظاهرين

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ۾ عوامي تحريڪ پاران سنڌ جي اسڪاني ورهاڱي نون ڪينالن ۽ ڊيمن سنڌ جي زمينن ۽ معدني

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ نيڪال جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ڏگهڙي: عوامي تحريڪ پاران سنڌ جي ورهاڱي ۽ ٻين ٻرندڙ مسئلن خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

وفاقي وزير قيصر شيخ پنهنجي چونڊ تڪ ضلعي چنيوٽ جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو

چنيوٽ (اي پي پي) سيڙپڪاري بورڊ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ اڄ ڏينهن پنهنجي چونڊ تڪ ضلعي چنيوٽ

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي پاران نون صوبن خلاف سنڌ دوست سياسي جماعتن سان رابطا ڪرڻ جو فيصلو

وفاقي وزيرن پاران مسلسل بيانن ۽ پنهنجي موقف تي قائم رهڻ ڪانپوءِ سياسي صورتحال وڌيڪ گرم ٿي وئي

نون صوبن يا انتظامي يونٽن جي قيام جي ڳالهه تي پارٽي اندر ڪابه گروپ بندي قبول نه ڪئي ويندي: اڳواڻ

سنڌ جي ورهاست واري معاملي تي خاموش رهڻ بدران سياسي سطح تي ڀرپور مزاحمت ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي قيام بابت وفاقي حڪومت جي ڪجهه وزيرن پاران مسلسل بيانن ۽ پنهنجي موقف تي قائم رهڻ ڪانپوءِ سنڌ جي سياسي صورتحال وڌيڪ

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي ويجهو ڪوئلي سان ڀريل 7 گاڏا ڌماڪي سان پٽڙي تان لهي ويا، هڪ ڄڻو فوت

ريلوي اسٽيشن ويجهو حادثي سبب مال گاڏي ۾ پويان ويٺل گينگ مين اشوڪ ڪمار هيٺ ڪري فوت ٿي ويو

حادثي بعد پوليس ۽ ريلوي انتظاميا پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪري پٽڙي جي مرمت جو ڪم شروع ڪيو

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن ويجهو ڪوئلي سان ڀريل مال گاڏي جا 7 گاڏا اوچتو ڌماڪي سان پٽڙين تان لهي ويا جنهن ڪري مال گاڏي ۾ پويان ويٺل ريلوي گينگ مين اشوڪ ڪمار هيٺ ڪري فوت ٿي ويو جنهن بعد ايمرجنسي نافذ ڪندي فوتي ملازم جو

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: لطيف آباد ۾ لڳل پينگهه تي عورتون ۽ ٻارڙا جهولي رهيا آهن

گمبٽ ويجهو هاءِ وي جي مرمتي ڪم دوران سر وڊر رولر هيٺان اچي فوت



گمبٽ (ٽ.ر) مهراڻ هاءِ وي روڊ تي پيروسڻ ڊرتي هوٽل پرساڻ روڊ جو تعميراتي ڪم ڪندڙ

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

ڪيترائي زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق ميونسپلٽي لنگوالا جي سربراهه صحافين کي ٻڌايو ته باهه لڳڻ جو واقعو هڪ عمارت ۾ ان وقت پيش آيو جڏهن اتي شادي جي تقريب جاري هئي. هن ٻڌايو ته زخمين کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ۽ فوتين جي انگ ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو. ٻئي پاسي اختياريون واقعي جي جاچ ڪري رهيون آهن.

بقايا 2 روزاني عبرت

فورسز ڪامياب ڪارروائي ڪانيءَ علائقي ۾ لڪيل وڌيڪ 10 خوارجين کي ماري ڇڏيو جنهن سان دراندازي جي ڪوشش ۾ مارجي ويل خوارجين جو ڪل انگ وڌي 25 ٿي ويو. وڌيڪ اتر وزيرستان ۾ پاڪستان ۽ افغانستان جي سرحد سان هڪ ٻئي مقابلي ۾ خوارجين جي هڪ گروپ جي چرپر کي سيڪيورٽي فورسز پڪڙيو ۽ اثرائتي طريقي سان ڪارروائي ڪندي 7 خوارجين کي ماري ڇڏيو. آءِ ايس پي آر مطابق گڏيل ڪارروائين دوران ڪوهاٽ ۽ ڊيرا اسماعيل خان جي ضلعن ۾ ٻن مختلف مقابلن ۾ اثرائتي طريقي سان وڌيڪ 4 خوارجين کي ماريو ويو. هن چيو ته پاڪستان افغانستان سرحد سان وري وري ٿيندڙ اهڙن واقعن هڪ ڀيرو ٻيهر افغان طالبان حڪومت طرفان سرحد پار دهشتگردي لاءِ افغان سرزمين کي دهشتگرد تنظيمن جي سرپرستي ۾ استعمال ٿيڻ کان روڪڻ ۾ ناڪامي جي حوالي سان پاڪستان جي مستقل موقف جي تصديق ڪئي آهي. افغان طالبان جي حڪومت اثرائتي بارڊر مئنيجمينٽ کي يقيني بڻائڻ ۽ دهشتگردي جي خاتمي جي پنهنجي عالمي ذميوارين کي پورو ڪرڻ ۾ مسلسل ناڪام رهي آهي. آءِ ايس پي آر چيو آهي ته پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ملڪ جي سرحدن جي دفاع لاءِ پختي ۽ پرعزم آهي. آءِ ايس پي آر مطابق پاڪستاني سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان وڙهڻ عزم استحڪام (جنهن جي نيشنل ايڪشن پلان تي عملدرآمد جي حوالي سان سپريم ڪميٽي طرفان منظوري ڏني وئي آهي) تحت دهشتگردي جي خاتمي جي مهم ذريعي علائقي ۾ موجود ڪنهن به ٻئي پارٽي اسپانسرڊ خوارجي کي ختم ڪرڻ لاءِ سينيٽائيزيشن آپريشن ڪيو پيو وڃي ته جيئن دهشتگردي جي خطري ۽ غير ملڪي حمايت يافته دهشتگرد عنصرن جي خاتمي جي مهم کي پوري قوت سان جاري رکي سگهجي. ٻئي طرف صدر مملڪت آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف خيبرپختونخوا جي مختلف ضلعن ۾ ڪامياب انٽيلي جنس بيسڊ ۽ دهشتگردي جي روڪٿام جي ڪارروائين دوران ڀارتي سرپرست يافته فتنه الخوارج جي دهشتگردن کي جهنم پهچائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. اڄ تي وزيراعظم آفيس جي جاري بيان مطابق صدر ۽ وزيراعظم چيو ته ملڪ جي امن ۽ استحڪام خلاف ناپاڪ عزمن کي مسلسل ناڪام بڻائڻ تي سموري قوم کي پنهنجي هٿياربند فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي پيشيوراڻين صلاحيتن تي فخر آهي. وزيراعظم چيو ته دهشتگردي خلاف ان جاري جنگ ۾ سڄي قوم پنهنجي سيڪيورٽي فورسز سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي. پاڪستان جي سرزمين مان پرڏيهي حمايت يافته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين "عزم استحڪام" جي ويزن تحت ڪارروائيون ڀرپور عزم سان جاري رهنديون.

بقايا 3 روزاني عبرت

ڪاميابي آهي. گهرو وزارت مان اڄ ڏينهن جاري بيان ۾ وفاقي وزير ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي مبارڪون ڏيندي علائقي ۾ سرگرم ويڙهاڪ گروپن جي منصوبن کي ناڪام بڻائڻ ۾ سندن ڪردار جو اعتراف ڪيو. هن چيو ته ڪارروائين دوران 21 ويڙهاڪن جو مارجڻ سيڪيورٽي خطرن کي منهن ڏيڻ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪاميابي کي ظاهر ڪري ٿو. محسن نقوي آپريشنز ۾ شامل سيڪيورٽي اهلڪارن جي پيشيوراڻين صلاحيتن کي ساراهيندي چيو ته بهادر سيڪيورٽي فورسز ويڙهاڪن خلاف ڪارروائيون ڪيون ۽ انهن جي سرگرمين کي روڪڻ دوران عزم ۽ آپريشنل تياري جو مظاهرو ڪيو. گهرو وزير چيو ته پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ويڙهاڪن جي نيٽ ورڪ جي خاتمي تائين آپريشن جاري رکڻ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته دهشتگردي خلاف مهم جاري رهندي ۽ پاڪ فوج ملڪ ۾ امن سلامتي کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي. محسن نقوي واضح ڪيو ته ڪامياب آپريشن ويڙهاڪن جي خطرن جو مقابلو ڪرڻ ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ سيڪيورٽي ادارن جي جاري ڪوششن کي نمايان ڪري ٿو. هن چيو ته اسان جي بهادر فوج مشڪل حالتن ۾ مسلسل ذميواريون نڀايون آهن ۽ قومي سلامتي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. آپريشنز ۾ حصو وٺندڙ اهلڪارن کي خراج تحسين پيش ڪندي گهرو وزير چيو ته ملڪ کي پنهنجي سيڪيورٽي فورسز جي قربانين تي فخر آهي.

بقايا 4 روزاني عبرت

علامت آهي. متحد قوم جي عزم کي دنيا جي ڪا به طاقت شڪست نٿي ڏئي سگهي. هن شهيدن غازين ۽ سندن خاندانن کي سلام پيش ڪندي چيو ته 1965ع ۾ قوم ۽ هٿياربند فوجن گڏجي دشمن جا ارادا ناڪام بڻايا. جڏهن ته آپريشن بنيان مرصوص ۽ معرڪه حق ۾ پڻ ساڳيو جذبو ٻيهر نمايان ٿيو. پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي چيو ته يوم دفاع تي سڄي قوم پنهنجي شهيدن کي سلام ۽ وطن جي محافظن کي خراج تحسين پيش ڪري ٿي. هٿياربند فوجن جي شهيدن جون قربانيون رڳو تاريخ جا ورق نه پر هڪ زنده ورثو آهن. هن چيو ته شهيدن جو رت قوم کي امن جمهوريت، آئين جي بالادستي ۽ قومي يڪجهتي جي اصولن تي ثابت قدم رهڻ جو حوصلو ڏئي ٿو. سينيٽر وقار مهدي چيو ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو ويزن مضبوط خودمختيار ۽ جمهوري پاڪستان هو جڏهن ته صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پرامن، خوشحال ۽ متحد پاڪستان جي ويزن کي اڳتي وڌائي رهيا آهن.

بقايا 5 روزاني عبرت

ڪار پارڪنگ غزه جي پٽي مان فلسطيني عوام جي بيدخلي بابت ڏنل بيانن خاص طور تي فلسطينين کي سندن ڌرتي تان جبري طور بي دخل ڪرڻ جي منصوبن ۽ طريقيڪار بابت تجويزن جي سخت مذمت ڪئي آهي. اڄ ڏينهن پرڏيهي آفيس مان جاري بيان موجب 8 اسلامي ملڪن جي پرڏيهي وزيرن پنهنجي گڏيل بيان ۾ ان قسم جي ڇڙ ڏيارينڊڙ بيانن ۽ تجويزن، عالمي قانون سميت، عالمي انساني قانون جي اصولن جي ڪليل ڀڃڪڙي ۽ فلسطيني عوام جي جائز حق لاءِ سڌي ريت خطرو آهي. پرڏيهي وزيرن فلسطيني عوام کي ڪنهن به بهاني يا جواز تحت والاريل فلسطيني ڌرتي اندر يا ٻاهر بيدخل ڪرڻ جي ڪوشش ۽ منصوبن کي واضح انداز ۾ رد ڪندي ان جي شديد مذمت ڪئي آهي. هنن خبردار ڪيو ته جبري بيدخلي جي مطالبن کي باقاعده پاليسي يا فلسطينين کي سندن ڌرتي تان نيڪالي ڏيڻ لاءِ عملي قدمن کي تبديل ڪرڻ جا سنگين نتيجا نڪرندا. هنن چيو ته اهڙي طرح جا قدم امن حاصل ڪرڻ لاءِ عالمي ڪوششن خاص ڪري صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي غزه تڪرار جي خاتمي جي جامع منصوبي لاءِ سڌي ريت چئلينج آهي جنهن ۾ جبري بيدخلي کي واضح طور رد ڪيو ويو آهي. اهڙا قدم خطي ۾ استحڪام جي امڪانن کي شديد نقصان پهچائڻ جو خطرو رکن ٿا. هنن زور ڀريو ته غزه پٽي والاريل فلسطيني سرزمين جو اڻٽٽ حصو آهي. هنن غزه جي پٽي ۽ اولهندي ڪناري سميت اوڀر بيت المقدس تي ٻڌل فلسطيني سرزمين جي اتحاد کي برقرار رکڻ جي اڻٽر ضرورت تي زور ڀريو آهي. هنن ان عزم کي ورجايو ته منصفاڻو ۽ پائيدار امن حاصل ڪرڻ جو اڪيلو رستو ٻه رياستي حل تي عملدرآمد آهي. جنهن تحت 4 جون 1967ع جي سرحدن جي بنياد تي هڪ آزاد فلسطيني رياست جو قيام عمل ۾ آندو وڃي جنهن جو گادي وارو هنڌ اوڀر بيت المقدس هجي. هي قدم عالمي قانوني حيثيت بابت ٺهرائن موجب هجي. پرڏيهي وزيرن عالمي برادري خاص طور تي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل تي زور ڀريو آهي ته هو پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري ۽ والاريل فلسطيني سرزمين ۾ نئين آباديائي يا جاگرافيائي حقيقت مڙهڻ جي ڪنهن به ڪوشش جو مضبوطي سان مقابلو ڪري جڏهن ته عالمي قانون جي اصولن ۽ قاعدن جو احترام يقيني بڻائي. هنن فلسطيني عوام جي پنهنجي سرزمين تي ثابت قدمي لاءِ پنهنجي مڪمل ۽ مسلسل حمايت کي ورجايو ۽ فلسطيني مسئلي کي ختم ڪرڻ يا فلسطيني عوام جي جائز حقن کي ڪمزور ڪرڻ جي سمورين ڪوششن کي رد ڪري ڇڏيو

بقايا 6 روزاني عبرت

شهيدن کي خراج عقيدت ۽ غازين کي خراج تحسين پيش ڪندي وطن عزيز خاطر جان قربان ڪندڙ پاڪ فوج جي بهادر پٽ شهيد محمد وسيم جي لازوال قرباني کي سلام پيش ڪري ٿي يوم دفاع جي موقعي تي شهيد محمد وسيم جي ڪٽنب، شهيد کي ياد ڪندي چيو ته محمد وسيم گهر ۾ سڀني سان خوش اخلاقي سان پيش ايندڙ هو ۽ گهر وارن جو حال احوال وٺڻ لاءِ روزاني ٽيليفون ڪندڙ هو. شهيد جي والد ٻڌايو ته محمد وسيم اڪثر مون کي چوندو هو ته بابا" ڪائنات ۾ شهادت کان وڏو ٻيو رتبو نه آهي" ۽ آخرڪار هن جي اها دلي مراد پوري ٿي. محمد وسيم شهيد جي زال چيو ته هو هڪ بهترين انسان ۽ شفيق مڙس هو جيڪو هر خوشي ۽ ڏک ۾ منهنجو سهارو بڻيو. وسيم جو اخلاق ۽ رويو منهنجن ۽ سمورن گهر وارن سان انتهائي خوشگوار ۽ مثالي هو. محمد وسيم شهيد جهڙن عظيم سپوتن جون لازوال قربانيون ئي اسان جي آزادي، سلامتي ۽ پرامن زندگي جو بنياد آهن.

بقايا 7 روزاني عبرت

ڪيليفورنيا جي شهر فريسنو ۾ ننڍو جهاز ڪري تباهه ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا فوت ۽ 2 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق شيرف جي آفيس طرفان بيان ۾ ٻڌايو ويو ته امدادي ڪارڪنن سان جوڪوئن دريا جي ڪناري موجود هڪ بلند هنڌ تي هڪ انجڻ واري ننڍي جهاز کي باهه جي وڪوڙ ۾ ڏٺو. فائر فائٽرز جهاز تي لڳل باهه تي ضابطو آندو ۽ ان کي ويجهن گهرن تائين پهچڻ کان روڪيو.

بقايا 8 روزاني عبرت

ڪري ٿي. هن چيو ته 1965ع ۾ پاڪستاني قوم ۽ پاڪ فوج جي جوانن اتحاد ۽ جرئت سان دشمن جا ارادا ناڪام بڻايا ۽ اڄ به قومي اتحاد ۽ يڪجهتي پاڪستان جي اصل طاقت آهي. پاڪستان امن پسند ملڪ آهي پر دفاع وطن ۽ ملڪ جي سلامتي تي ڪو سمجهوتو نه ڪيو ويندو. صوبائي وزير ثقافت، سياحت ۽ نوادرات سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته شهيدن پنهنجي رت سان وطن جي سرحدن تي ناقابل شڪست حوصلي جي لڪير ڪڍي. هن چيو ته جن مائرن پنهنجا پٽ وطن تي قربان ڪيا، قوم سندن عظمت کي سلام پيش ڪري ٿي. شهيدن جو رت رڳو تاريخ جو باب ناهي پر پاڪستان جي مستقبل جي امانت آهي. صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه چيو ته وطن جي سرحدن جي حفاظت لاءِ جانين جو نذرانو ڏيندڙ هر سپاهي قوم لاءِ فخر جو سبب آهي. شهيدن جون قربانيون آزادي، خودمختياري ۽ قومي وقار جون ضامن آهن ۽ قوم انهن قربانين کي ڪڏهن به وساري نه سگهندي. هن چيو ته موجوده علائقائي ۽ عالمي صورتحال ۾ ملڪ جو امن ۽ سڪون هٿياربند فوجن جي بهادري جو ثمر آهي. صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه چيو ته 6 سيپٽمبر دفاع وطن، قومي اتحاد ۽ يڪجهتي جي عزم جو ڏينهن آهي. متحد قوم جي طاقت کي دنيا جي ڪا به طاقت شڪست نٿي ڏئي سگهي. هن چيو ته معرڪه حق ۽ آپريشن بنيان مرصوص ۾ به قوم اتحاد ۽ يڪجهتي جو مظاهرو ڪري دشمن جا ڏند کٽا ڪيا. ملڪ جو دفاع، سلامتي ۽ استحڪام سڀني جي گڏيل قومي ذميواري آهي. وزيراعليٰ سنڌ جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي چيو ته 6 سيپٽمبر 1965ع تي پاڪستان تي ٿيل حملي کي قوم ۽ هٿياربند فوجن گڏجي منهن ڏنو ۽ دفاع وطن جو نئون باب رقم ٿيو. هن ميجر راجا عزيز ڀٽي شهيد سميت سمورن شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته شهيدن جي خاندانن جي سار سنڀال رياست جي ذميواري آهي. گيانچند ايسراڻي چيو ته اڄ جي دور ۾ قومي دفاع صرف سرحدن تائين محدود ناهي پر سائبر سيڪيورٽي ٽيڪنالاجي، معيشت، توانائي، پاڻي، خوراڪ ۽ اطلاعات پڻ قومي دفاع جا اهم حصا آهن. معاشي استحڪام قومي سلامتي جو بنيادي ستون آهي. وزيراعليٰ سنڌ جي خاص معاون ۽ ايم پي اي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته اقليتي برادريون پڻ پاڪستان جي تعميرِ ترقي ۽ دفاع ۾ برابر جون شريڪ آهن. صدر آصف علي زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، آصفه ڀٽو زرداري ۽ فريال ٽالپر جي قيادت ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي سلامتي، جمهوريت ۽ قومي يڪجهتي لاءِ پرعزم آهي. سنڌ جي اڳواڻن يوم دفاع جي موقعي تي ان عزم جو اظهار ڪيو ته شهيدن ۽ غازين جي قربانين کي مشعل راهه بڻائي پاڪستان جي وحدت، خودمختياري، سلامتي ۽ استحڪام لاءِ هر سطح تي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ويندو ۽ قومي اتحاد کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو.

بقايا 9 روزاني عبرت

ته ٻيءَ ۽ سندس پٽ زخمي ٿي پيا. تفصيل موجب ڊي ايڇ اي فيز 8 خيابان ذوالفقار بئنڪ الحبيب جي ويجهو تيز رفتار ڪار جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار عورت معراج بي بي زال عمير فوت ٿي وئي ۽ عمير ولد غلام قادر ۽ سندس 10 سالن جو پٽ محمد عون زخمي ٿي پيا آهن. عورت جو لاش ۽ زخمين کي ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. لانڍي ٿاڻي جي حد لانڍي سيڪٽر 36 بي صديقا مسجد جي ويجهو روڊ ڪناري تان 70 سالن جي پيرسن زمان ولد الله بخش جو لاش مليو. متوفي جو لاش ايڌي ايمبولينس جي ذريعي ايڌي ڪورنگي ساڍي 5 نمبر ۾ سرد خاني حوالي ڪيو ويو.

بقايا 10 روزاني عبرت

پاڪستان جي هٿياربند فوج، شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته 6 سيپٽمبر اسان جي قومي تاريخ جو يادگار ڏينهن آهي جڏهن سڄي قوم پنهنجي هٿياربند فوج سان گڏجي وڙهڻ جي دفاع ۽ قومي خودمختياري جي تحفظ جي عزم جو اظهار ڪيو. قانون ۽ انصاف واري وزارت طرفان جاري خاص پيغام ۾ وفاقي وزير چيو ته 1965ع جي جنگ ۾ پاڪستان جي هٿياربند فوج جي آفيسرن ۽ جوانن غير معمولي شجاعت، عزم ۽ بهادري جو مظاهرو ڪيس شهيدن جون قربانيون ۽ غازين جي بهادري اسان جي قومي تاريخ جو نه وسارڻ جوڳو باب آهي. هن چيو ته وطن جي دفاع لاءِ جانين جي قرباني پيش ڪندڙ شهيدن کي سموري قوم عقيدت ۽ احترام سان ياد ڪري ٿي. شهيدن جي خاندانن جي قربانين، حوصلي ۽ استقامت کي به خراج تحسين پيش ڪريون ٿا. سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو ته اڄ به پاڪستان جي هٿياربند فوج ملڪ جي سلامتي خودمختياري ۽ دفاع لاءِ ڀرپور عزم سان پنهنجون ذميواريون انجام ڏئي رهي آهي. موجوده عسڪري قيادت ۽ پاڪستان جي فوج جي پيشيوراڻيون صلاحيتون ۽ ملڪي دفاع لاءِ خدمتون تحسين جوڳيون آهن. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان امن پسند ملڪ آهي ۽ خطي ۾ پائيدار امن لاءِ ڳالهين ۽ سفارتي ذريعن تي يقين رکي ٿو پر ملڪي سلامتي، خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ تي سموري قوم متحد ۽ پرعزم آهي. هن چيو ته قومي يڪجهتي جمهوري قدرن، قانون جي حڪمراني ۽ مضبوط ادارا پاڪستان جي ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي جو بنياد آهن. شهيدن جي قربانين مان رهنمائي وٺندي اسان کي مضبوط، خوشحال ۽ مستحڪم پاڪستان جي تعمير لاءِ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. وفاقي وزير شهيدن جي درجن جي بلندي، غازين جي سلامتي ۽ پاڪستان جي ترقي، خوشحالي امن ۽ استحڪام لاءِ دعا به ڪئي.

بقايا 11 روزاني عبرت

سميت حيدرآباد ۾ مختلف هنڌن تي ڀرپور آجيان پاڪستان تحريڪ انصاف جي سنڌ سطح جي عوامي رابطا مهم دوران خيبرپختونخوا جي وزيراعليٰ سهيل آفريدي جي حيدرآباد پهچڻ تي حيدر چوڪ سوين ڪارڪنن نوجوانن عورتن ۽ پارٽي جي مقامي قيادت سان پرجوش آجيان ڪئي وئي جتي سندس ۽ پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ جو شاندار استقبال ڪيو ويو. ڪارڪنن پارٽي جهنڊا کڻي زبردست نعريبازي ڪئي. جڏهن ته مختلف هنڌن تي گلن جي ورکا پڻ ڪئي وئي. جلسي کي خطاب ڪندي وزيراعليٰ سهيل آفريدي چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف عوام جي حقن، آئين جي بالادستي ۽ جمهوريت جي مضبوط ٿيڻ لاءِ جدوجهد جاري رکندي. هن چيو ته سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ پارٽي ڪارڪنن جو جوش ۽ جذبو ثابت ڪري ٿو ته عوام تبديلي چاهي ٿو. هن ڪارڪنن کي منظم رهڻ ۽ پرامن سياسي جدوجهد جاري رکڻ جي اپيل ڪئي. پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ خطاب ڪندي چيو ته سهيل آفريدي جو سنڌ جو دورو پارٽي جي سنڌ سطح جي تحريڪ جو اهم حصو آهي. هن چيو ته ڪارڪنن جي وڏي شرڪت ثابت ڪري ٿي ته سنڌ جا ماڻهو ملڪ ۾ حقيقي جمهوريت، قانون جي حڪمراني ۽ عوامي حقن لاءِ آواز بلند ڪري رهيا آهن. هن چيو ته حيدرآباد هميشه پي ٽي آءِ جو مضبوط مرڪز رهيو آهي ۽ ڪارڪن هر قسم جي حالتن ۾ پارٽي سان گڏ بيٺل آهن. جلسي دوران عمران خان جي آزادي، جمهوريت جي بحالي ۽ سياسي ڪارڪنن خلاف ڪيس ختم ڪرڻ بابت نعريبازي ڪئي وئي. مقررين ملڪ ۾ مهانگائي، بيروزگاري، تعليم ۽ صحت جي شعبن بابت به خيالن جو اظهار ڪيو ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ گڏيل جدوجهد تي زور ڏنو. موقعي تي پي ٽي آءِ جي ضلعي ۽ شهري قيادت، مختلف ونگن جي عهديدارن، وڪيلن، واپارين ۽ سول سوسائٽي سان لاڳاپيل ماڻهن پڻ شرڪت ڪئي. جلسي جي پڄاڻي تي ڪارڪنن پارٽي قيادت سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي تحريڪ کي وڌيڪ فعال بڻائڻ جو عزم ورجايو ويو ٻئي طرف سنڌ اسٽريٽ موومينٽ جي ڪئمپين ڏينهن وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه محمد سهيل خان آفريدي جي اڳواڻيءَ ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جو قافلو عمرڪوٽ پهچي ويو جتي الله والا چوڪ تي وڏو جلسو منعقد ڪيو ويو. وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه جي عمرڪوٽ آمد تي پي ٽي آءِ ڪارڪنن پاران شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ گلن جون پنکڙيون نڇاور ڪيون ويون. سهيل خان آفريدي تقريباً ڇهن ڪلاڪن جي دير سان جلسي واري هنڌ پهتو جڏهن ته ساڻس گڏ مخدوم زين حسين قريشي پي ٽي آءِ جو سيڪريٽري جنرل بيرسٽر سلمان اڪرم راجا، سنڌ جو صدر حليم عادل شيخ، لال چند مالهي سميت ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا. جلسي کي خطاب ڪندي وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه سهيل خان آفريدي چيو ته اسان ان تاريخ کان اسٽريٽ موومينٽ ڪري رهيا آهيون. سنڌ باب السلام آهي ۽ هاڻي حقيقي باب السلام بڻجي رهيو آهي. 27 سيپٽمبر تي اسان لانگ مارچ جي ڪال ڏني آهي.

بقايا 12 روزاني عبرت

جماعت اسلامي، جمعيت علماءِ اسلام ۽ ڪي پي ڪي جي وڏي وزير سهيل آفريدي پاران ڌار ڌار جلسا ڪيا ويا، ٽنهي سياسي جلسن سبب شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بدترين ٽريفڪ جام رهي، مختلف روڊ رستا بلاڪ ٿيڻ سبب شهرين کي سخت ڏکيائين جو منهن ڏسڻو پيو.

بقايا 13 روزاني عبرت

قافلن کي روڪڻ لاءِ حيدرآباد ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ پوليس پاران قائم ڪيل رڪاوٽن دوران پي ٽي آءِ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي پوليس سان منهن ماري ٿي وئي. مختلف هنڌن تي پوليس ۽ ڪارڪنن وچ ۾ ڇڪتاڻ سبب صورتحال ڪجهه وقت لاءِ تڪراري بڻيل رهي. پي ٽي آءِ جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن پنهنجي سياسي پروگرام ۾ شرڪت لاءِ قافلن جي صورت ۾ اڳتي وڌي رهيا هئا ته پوليس ڪيترن مقرر ڪيل هنڌن تي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ان دوران ڪارڪنن ۽ پوليس وچ ۾ تلخ جملن جي ڏي وٺ ڪانيءَ. منهن ماري پي ٽي آءِ اڳواڻن الزام هنيو ته سندن پرامن سياسي سرگرمين ۾ رڪاوٽون وجهي آئيني حقن کي محدود ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ ۽ قانون تي عمل ڪرائڻ لاءِ حفاظتي قدم کنيا ويا آهن. پي ٽي آءِ اڳواڻن موجب ڪيترن ئي هنڌن تي ٽريفڪ جي روانگي متاثر ٿي. جڏهن ته پوليس اضافي نفري طلب ڪري صورتحال تي ڪنٽرول حاصل ڪيو. ڪجهه ڪارڪنن کي مختصر وقت لاءِ حراست ۾ وٺڻ جون به اطلاع آهن. پر سرڪاري طور گرفتارين جي تصديق نه ٿي سگهي آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻن اعلان ڪيو آهي ته هو سياسي جدوجهد جاري رکندا ۽ ڪنهن به قسم جي رڪاوٽن کان نه ڊڄندا. جڏهن ته انتظاميه عوام کان قانون جي پاسداري ۽ امن برقرار رکڻ ۾ سهڪار جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا 14 روزاني عبرت

انور آباد ۾ مستحق ماڻهن ۾ سولر پليٽون، عورتن ۾ سلائي مشينون، معذورن ۾ ويل چيئر ۽ شاگردن توڙي شاگردياڻين ليپ ٽاپ ورهايا ويا. تقريب ۾ اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي سردار سهيل انور سيال، پ پ اڳواڻ طارق انور سيال شاهه رخ خان سيال اسد الله ڀٽو سميت باقراڻي ۽ لاڙڪاڻي تعلقي جي مختلف ٽائون ڪاميٽي، يونين ڪائونسلن جي چيئرمين، وائيس چيئرمين، ڪائونسلرن، پ پ اڳواڻن سميت وڏي تعداد ۾ مستحقن جي شرڪت، تقريب جي پڄاڻي تي قومي ترانو وڄائي افواج پاڪستان کي سلامي پيش، مرسون مرسون سنڌ ورهائڻ نه ڏيسون" صرف نعرو نه پر پاڪستان پيپلز پارٽي جو واضح ۽ اٽل موقف آهي. سردار سهيل انور سيال رپورٽ موجب، باقراڻي لڳ سيال هائوس انور آباد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پاران هڪ شاندار عوامي ڀلائي واري تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ پي ايس-12 جي ايم پي اي اڳوڻي صوبائي وزير سردار سهيل انور سيال پيپلز پارٽي تعلقي باقراڻي جي صدر طارق انور سيال ٽائون ڪاميٽي ڏڙي لاڙڪاڻو جي چيئرمين شاهه رخ خان سيال پيپلز پارٽي تعلقي لاڙڪاڻي جي صدر اسد الله ڀٽو ۽ ٻين پ پ اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ تعلقي باقراڻي ۽ لاڙڪاڻي جي 3 هزار مستحق خاندانن ۾ سولر پليٽون، 200 مستحق عورتن ۾ سلائي مشينون 200 معذور ماڻهن ۾ ويل چيئرون ۽ 150 شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ ليپ ٽاپ ورهايا ويا. تقريب ۾ آپا نسرين چنه پيپلز پارٽي اڳواڻ اسد ڪرل يوسي انور آباد جي چيئرمين نديم اڪبر سيال، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاڙڪاڻي جي ميمبرن سيد رياض حسين شاهه ۽ سيد نعيم اختر شاهه راشدي، پيپلز پارٽي تعلقي باقراڻي جي جنرل سيڪريٽري عبدالرحمان جتوئي، وائيس چيئرمين يوسي انور آباد سيد ساگر شاهه بخاري، ٻقاپور ايٽ نائچ جي چيئرمين محبوب علي انڙ يوسي محراب پور جي چيئرمين سرائي منظور احمد مگهڻ نظير احمد قريشي يوسي پلاڻ جي چيئرمين آفتاب ظفر سيال علي مراد ڪماريو سيد ذوالفقار علي شاهه ديدار علي جتوئي حافظ نياز حسين جتوئي، محمد شفا آريجو صبغت الله جتوئي اسلم سيال غلام ياسين ابڙو محمد رمضان جيس وسيم ٻروهي سميت پيپلز پارٽي جي اڳواڻن گهيرلو ۽ آريجا ٽائون ڪاميٽين جي چيئرمين مختلف يونين ڪائونسلن جي چيئرمين، ڪائونسلرن ڪارڪنن ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳوڻي صوبائي وزير ۽ ايم پي اي سردار سهيل انور سيال چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ محترمه فريال ٽالپر جي خاص هدايتن تي تعلقي باقراڻي جي سمورن يونين ڪائونسلن ۾ ترقياتي ڪمن سان گڏ عوامي ڀلائي جا منصوبا جاري آهن. هن چيو ته اسٽريٽ لائيٽن جي انسٽاليشن، مستحق خاندانن ۾ سولر پليٽون،پکا،سلائي مشينون ، معذور ماڻهن لاءِ ويل چيئرون ۽ شاگردن لاءِ ليپ ٽاپ فراهم ڪرڻ جو مقصد غريب ۽ ضرورتمند ماڻهن جي زندگيءَ ۾ آسانيون پيدا ڪرڻ آهي. سندس چوڻ هو ته اڄ ان ئي پروگرام جي تسلسل ۾ باقراڻي ۽ لاڙڪاڻي تعلقي جي مستحق ماڻهن ۾ امدادي سامان ورهايو ويو آهي جڏهن ته اهڙا فلاحي پروگرام مستقبل ۾ به جاري رهندا.هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي اقتدار ۾ هجي يا اپوزيشن ۾، عوام جي خدمت کي هميشه پنهنجي اولين ترجيح بڻايو آهي ۽ پارٽي جي نمائندن جا دروازا 24 ڪلاڪ عوام لاءِ کليل رهندا آهن.هن وڌيڪ چيو ته عوام سان محبت، خدمت ۽ ويجهڙائپ ئي پيپلز پارٽي جي سياست جو بنيادي محور آهي. جنهن سبب عوام جو اعتماد اڄ به پارٽي سان گڏ آهي.سنڌ جي حقن بابت ڳالهائيندي سهيل انور سيال چيو ته "مرسون مرسون سنڌ ورهائڻ نه ڏيسون" صرف نعرو نه پر پاڪستان پيپلز پارٽي جو واضح ۽ اٽل موقف آهي.هن چيو ته سنڌ اسيمبلي تڪراري رٽ کي متفقه طور رد ڪري ثابت ڪيو آهي ته پيپلز پارٽي سنڌ جي مفادن جي تحفظ لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريندي رهندي.هن يوم دفاع پاڪستان جي حوالي سان چيو ته 6 سيپٽمبر قومي اتحاد، همت ۽ قربانين جو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن پاڪ فوج دشمن جا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻائي ملڪ جو دفاع ڪيو.هن پاڪ فوج جي بهادري، قربانين ۽ وطن جي سلامتي لاءِ ڏنل خدمتن کي ڀرپور لفظن ۾ خراج تحسين پيش ڪيو.تقريب جي پڄاڻي تي قومي ترانو وڄايو ويو جنهن دوران شرڪت ڪندڙن بيهي پاڪستان جي افواج کي سلامي پيش ڪئي. جڏهن ته ملڪ جي سلامتي، خوشحالي، سنڌ جي ترقي ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ گڏيل دعائون پڻ گهريون ويون. تقريب پرجوش نعريبازي، عوامي جوش ۽ ڀرپور شرڪت سبب هڪ وڏي سياسي ۽ سماجي تقريب جو منظر پيش ڪري رهي هئي.

بقايا 15 روزاني عبرت

شهيد کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته يوم دفاع شهيدن جو ڏهاڙو وطن عزيز جي سلامتي ۽ سربلندي لاءِ جان جو نذرانو پيش ڪندڙ بهادر شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو ڏينهن آهي. يوم دفاع شهيدن جي ڏهاڙي جي موقعي تي حوالدار چوڌري ظهير احمد شهيد جي ڪٽنب شهيد جي يادن کي تازو ڪندي سندس لازوال قرباني کي خراج عقيدت پيش ڪيو. شهيد جي والده پنهنجي جذبن جو اظهار ڪندي چيو ته منهنجو پٽ هڪ نيڪ انسان ۽ سٺي اخلاق وارو هو. سڀني سان محبت ڪندڙ ۽ خيال رکندڙ هو. هن چيو ته منهنجي پٽ کي شهادت جو تمام گهڻو شوق هو. الله تعاليٰ سندس شهادت کي قبول ڪري ۽ ان کي جنت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. هن چيو ته 6 سيپٽمبر اسان کي انهن عظيم شهيدن جي ياد ڏياري ٿو جن وطن جي دفاع لاءِ قرباني ڏني. انهن وطن خاطر جان قربان ڪري اسان جو ڳاٽ فخر سان بلند ڪيو. پاڪستان جي سمورن شهيدن کي سلام پيش ڪيون ٿا جن وطن جي سلامتي لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو.

بقايا 16 روزاني عبرت

رينجرز ۽ پوليس جي اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي. تقريب دوران سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ڪور ڪمانڊر ڪراچي يادگار شهدا تي گلن جي چادر چاڙهي، فاتحه خواني ڪئي ۽ شهيدن جي بلند درجات لاءِ دعا گهري. يوم دفاع ۽ شهيدن جي تقريب ۾ پاڪ فوج جي چاق ۽ چوبند دستي يادگار شهدا تي سلامي پيش ڪئي. جڏهن ته تقريب دوران ملڪ ۽ قوم جي دفاع لاءِ جانين جا نذرانا پيش ڪندڙ شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو. ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير ۽ ڪور ڪمانڊر ڪراچي شهيدن جي وارثن سان ملاقاتون پڻ ڪئي ۽ وطن جي دفاع لاءِ سندن پيارن جي بي مثال قربانين کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو شهيدن جي خاندانن سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي سندن قربانين کي قومي تاريخ جو روشن باب قرار ڏنو ويو.

بقايا 17 روزاني عبرت

زخمي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو. ڪورنگي انڊسٽريل ايريا ٿاڻي تي مقرر 28 ورهين جو ڪانسٽيبل اويس تنولي گذريل ڏينهن جام صادق پل وٽ پوليس مقابلي دوران جوابدارن جي فائرنگ ۾ سخت زخمي ٿيو هو جيڪو اڄ علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي شهيد ٿي ويو. پوليس موجب شهيد اهلڪار کي علاج لاءِ خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو هو جتي سندس حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب وينٽيليٽر تي رکيو ويو هو. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان ڪانسٽيبل اويس تنولي جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي شهيد جي وارثن سان تعزيت ڪئي. هن چيو ته اويس تنولي فرض جي ادائيگي دوران پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي بهادري ۽ فرض شناسي جو اعليٰ مثال قائم ڪيو. پوليس چيف لاڳاپيل آفيسرن کي مقابلي ۾ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ لاءِ سمورا وسيلا استعمال ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. ٻئي طرف شرافي ڳوٺ ٿاڻي جي حد ۾ شاهه فيصل پل ويجهو پوليس ۽ ڌرين وچ ۾ مقابلو ٿيو فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانيءَ پوليس هڪ جوابدار سليمان ولد جاويد کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. پوليس موجب گرفتار جوابدار وٽان هڪ پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون. جڏهن ته زخمي جوابدار کي اسپتال منتقل ڪيل وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي. هوڏانهن لياقت آباد ۾ جامع مسجد علي ويجهو ايل پي جي دڪان تي ڦر دوران مزاحمت تي 27 ورهين جو دڪان ملازم شهزاد ولد شاهد حسين ڦورن جي فائرنگ ۾ مارجي ويو. پوليس موجب جوابدار مقتول کان روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل ڦري بعد پنهنجي موٽرسائيڪل اتي ڇڏي فرار ٿي ويا. مقتول جي لاش کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي. سرجاني ٽائون جي سيڪٽر 4 B-ع ۾ چمن چوڪ ويجهو پڻ پوليس اهلڪارن تي فائرنگ ڪئي وئي. ايس ايس پي ويسٽ موجب پيٽرولنگ تي مقرر پوليس اهلڪارن ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار چئن هٿياربند جوابدارن کي چيڪنگ لاءِ روڪيو ته جوابدارن پوليس تي اڻڌاڌ فائرنگ ڪري ڏني ۽ فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. فائرنگ جي نتيجي ۾ ڪانسٽيبل عمران شاهه ۽ ڪانسٽيبل عثمان پيرن ۾ گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿيا، جن کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي علاج لاءِ آغا خان اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروايون ۽ سرچ آپريشن جاري رکيو پئي اچي سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي ويسٽ کان تفصيل طلب ڪري ورتا آهن ۽ زخمي پوليس اهلڪارن کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. هن واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي فوري گرفتاري لاءِ خاص ٽيمون جوڙڻ ۽ سمورن رخن کان جاچ ڪري اڳيرائي کان مسلسل آگاهه رکڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون.

بقايا 18 روزاني عبرت

پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته مقامي عورتون ۽ نياڻيون پنهنجي معاشرن جي ترقي، خوشحالي ۽ سماجي تبديلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. سندن حقن جو تحفظ ۽ ڪين برابري جا موقعا فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. وزيراعليٰ سنڌ چيو ته سنڌ جي مقامي عورتن جي قيادت، جدوجهد ۽ خدمتن جي تاريخ صدين کان قابل تعريف رهي آهي. مائي بختاور کان شهيد محترمه بينظير ڀٽو تائين سنڌ جون عورتون مزاحمت، جرئت ۽ عزم جي علامت رهيون آهن. مراد علي شاهه چيو ته مقامي عورتن ۽ نياڻين کي بااختيار بڻائڻ پائيدار ۽ جامع ترقي لاءِ ضروري آهي. جڏهن ته سندن حقن، وقار ۽ تحفظ کي يقيني بڻائڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت عورتن ۽ نياڻين کي بااختيار بڻائڻ، سندن حقن جي تحفظ ۽ ڀلائي لاءِ ڪيترائي قدم کنيا آهن. جڏهن ته حڪومت مستقبل ۾ پڻ عورتن ۽ نياڻين جي حقن ۽ فلاح لاءِ اثرائتا قدم جاري رکندي.

بقايا 19 روزاني عبرت

سموري قوم پنهنجن شهيدن ۽ غازين کي سلام عقيدت پيش ڪري ٿي. 6 سيپٽمبر اسان جي قومي تاريخ جو اهو روشن باب آهي جڏهن قوم ۽ پاڪستان جي فوج اتحاد، عزم، جرئت ۽ حب الوطني جو بي مثال مظاهرو ڪندي دشمن جي ناپاڪ عزمن کي ناڪام بڻايو. يوم دفاع ۽ شهداءِ جي موقعي تي اڄ ڏينهن سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ايڪس تي هڪ پوسٽ ۾ وفاقي وزير چيو ته اسان جي شهيدن جون لازوال قربانيون ملڪي دفاع، سلامتي ۽ خودمختياري جي ضامن آهن. پاڪ فوج جي بهادري، پيشيوراڻي صلاحيت ۽ قربانين تي سڄي قوم کي فخر آهي. هن چيو ته اڄ جي ڏينهن اسان کي عهد ڪرڻو پوندو ته اتحاد، ايمان ۽ نظم ۽ ضبط کي پنهنجو مقصد بڻائيندي پاڪستان کي وڌيڪ مضبوط، مستحڪم خوشحال ۽ اسريل ملڪ بڻائينداسين. مضبوط پاڪستان ئي شهيدن جي قربانين جو بهترين صلو آهي. ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو ته پاڪستان جي سلامتي، خودمختياري ۽ دفاع تي ڪو سمجهوتو نه ڪيو ويندو. پوسٽ جي آخر ۾ هن قومي جهنڊي جي تصوير شيئر ڪئي ۽ پاڪستان زنده باد، پاڪ فوج پائنده باد! به لکيو.

بقايا 20 روزاني عبرت

شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪيون ٿا ۽ انهن جي قربانين کي قوم هميشه ياد رکندي. وزارت پاران 06 سيپٽمبر يوم دفاع جي حوالي سان جاري ڪيل پيغام ۾ وفاقي وزير چيو ته شهيدن ۽ غازين کي قوم هميشه ياد رکندي هٿياربند فوج جي بهادري ۽ پيشوراڻين صلاحيتن تي قوم کي فخر آهي معرڪه حق ۾ اسان جي فوج فيلڊ مارشل جي اڳواڻي ۾ دشمن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو شزه فاطمه خواجا چيو ته وزيراعظم جي قيادت ۾ ڊجيٽل نيشن پاڪستان جو سفر ڪاميابي سان جاري آهي.

بقايا 21 روزاني عبرت

خان ميجر محمد سرور ۽ ڪيپٽن خالد حميد لوڌي بهادري سان وڙهندي شهادت جو رتبو ماڻيو. ڪيپٽن اسلام احمد خان اکنور جمون ۽ ڪشمير ۾ ديوي پور جي مقام تي بهادري سان وڙهندي وطن تي جان قربان ڪئي. ميجر فخر عالم خان اکنور ۾ بهادري سان وڙهندي دشمن جي 14 آرٽلري گنز تي قبضو ڪيو. جنگ دوران ميجر فخر عالم جي ٽينڪ کي دشمن گولو هڻي تباهه ڪيو جنهن دوران هن شهادت جو رتبو حاصل ڪيو. ميجر محمد منير خان کي جنگ دوران اينٽي ٽينڪ رائفل جو برسٽ لڳو ۽ هو به شهيد ٿي ويو. ميجر محمد سرور بهادري سان دشمن جي صفن کي چيريندي اکنور طرف وڌيو ته اوچتو ٽينڪ ۾ دشمن جو گولو لڳڻ سبب باهه لڳي ۽ هو شهيد ٿي ويو. ڪيپٽن خالد حميد لوڌي ترونٽي ۽ جوڙيان ۾ ڪاميابي جو جهنڊو ڦوڪائڻ کان پوءِ پنهنجي حتمي هدف اکنور طرف وڌي رهيو هو ته دشمن جي گولين جو نشانو بڻيو ۽ شهادت جو رتبو حاصل ڪيو. ڪيپٽن اسلام احمد خان شهيد، ميجر فخر عالم خان ميجر محمد منير خان شهيد، ميجر محمد سرور شهيد ۽ ڪيپٽن خالد حميد لوڌي شهيد جو نالو 6 سيپٽمبر 1965 جي جنگ ۾ سونهري لفظن سان لکيو ويندو.

بقايا 22 روزاني عبرت

کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته شهيدن جون عظيم قربانيون قومي تاريخ جو نه وسارڻ جهڙو باب آهي. يوم دفاع شهيدن جي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ انجنيئر امير مقام چيو ته 1965ع ۾ هٿياربند فوج غير معمولي بهادري، جرئت ۽ پيشيوراڻين صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي وطن عزيز جو دفاع ڪيو. هن چيو ته 1965ع جي جنگ دوران پوري قوم هٿياربند فوج سان گڏ بيٺل رهي ۽ قومي اتحاد ۽ يڪجهتي جي فخر جوڳو مثال قائم ڪيو. وفاقي وزير چيو ته شهيد انهن جا گهرڀاتي پوري قوم لاءِ فخر جو سبب آهن جن جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون. هن چيو ته حق جي ويڙهه ۾ هٿياربند فوج جي بيمثال جرئت ۽ قرباني تحسين جوڳي آهي. انجنيئر امير مقام موجوده ملڪي دفاعي ذميوارين جي روشني ۾ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قائداڻي صلاحيتن کي ساراهيندي چيو ته هٿياربند فوج ملڪي دفاع، سلامتي ۽ خودمختياري جي تحفظ لاءِ ڀرپور عزم سان پنهنجون ذميواريون نڀائي رهي آهي.

بقايا 23 روزاني عبرت

منعقد ٿي جنهن دوران پاڪستان ايئر فورس اڪيڊمي اصغر خان جي ڪيڊٽس مزار قائد تي گارڊز جون ذميواريون سنڀالي ورتيون. تقريب جي خاص مهمان ايئر وائيس مارشل حسن فيصل هئا. جن مزار قائد تي حاضري ڀري ۽ بابائي قوم قائداعظم محمد علي جناح کي خراج عقيدت پيش ڪيو. ان موقعي تي پاڪ فضائيه جي چاق ۽ چوبند دستي پاران شاندار پريڊ پڻ پيش ڪئي وئي. ملڪ ۾ اڄ يوم دفاع ۽ شهيدن جو ڏهاڙو قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃي، جنهن جو مقصد وطن جي دفاع لاءِ جانين جا نذرانا پيش ڪندڙ شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ ۽ قومي دفاع جي عزم کي ورجائڻ آهي. 6 سيپٽمبر 1965ع جو ڏينهن قومي تاريخ ۾ جرئت، قرباني ۽ عزم جي علامت طور ياد ڪيو وڃي ٿو. جڏهن پاڪستاني قوم ۽ هٿياربند فوجن رات جي اونداهي ۾ حملي آور دشمن جي جارحيت جو ڀرپور مقابلو ڪندي وطن جو دفاع ڪيو. قومي دفاع ۽ اتحاد جو اهو جذبو گذريل سال مئي ۾ به نظر آيو جڏهن پاڪستاني هٿياربند فوجن دشمن جي جارحيت جو ڀرپور جواب ڏنو. يوم دفاع جي موقعي تي ملڪ جي مختلف شهرن ۾ شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ تقريبون پڻ منعقد ڪيون پيون وڃن.

بقايا 24 روزاني عبرت

صدي ۾ وطن جي دفاع جو تصور صرف سرحدن جي حفاظت تائين محدود نه رهيو. مضبوط معيشت، جديد ٽيڪنالاجي، باصلاحيت انساني سرمايو، توانائي، آبي تحفظ، موثر ادارا ۽ قومي يڪجهتي پڻ قومي سلامتي جا بنيادي ٿنڀ آهن. پاڪستان کي پنهنجي عسڪري قوت سان پنهنجي جامع قومي طاقت کي مضبوط بڻائڻو پوندو ته جيئن ملڪي خودمختياري، سلامتي ۽ ترقي کي پائيدار بنياد فراهم ڪري سگهجن. اڄ ڏينهن نارو وال ۾ يوم دفاع پاڪستان جي تقريب ۾ خاص مهمان طور خطاب ڪندي وفاقي وزير شهيدن ۽ غازين کي شاندار خراج عقيدت پيش ڪيو. هن چيو ته شهيدن پنهنجو اڄ قوم جي سڀاڻي لاءِ قربان ڪيو ۽ انهن جي ڪٽنبن جي قربانين تي پوري قوم قرضي آهي هن چيو ته شهيد صرف پنهنجي جان قربان نٿو ڪري ان جو پورو خاندان وطن جي نالي تي قرباني ڏئي ٿو. هن چيو ته 1965ع ۾ قوم اتحاد، عزم ۽ قرباني ذريعي دشمن جا ارادا ناڪام بڻايا. اڄ جنگ جو ميدان بدلجي چڪو آهي. هاڻي زميني، فضائي ۽ سامونڊي سرحدن سان گڏوگڏ سائبر دنيا، مصنوعي ذهانت، بنا پائليٽ نظام، خلائي ٽيڪنالاجي، برقي جنگ، اطلاعاتي محاذ به قومي دفاع جو حصو بڻجي چڪا آهن هن چيو ته پاڪستان کي مصنوعي ذهانت، سائبر تحفظ، خلائي علم، روبوٽڪس، ڪوانٽم ٽيڪنالاجي ۽ بين اپرنڊڙ سائنسي شعبن ۾ صرف صارف نه پر ٽيڪنالاجي تخليق ڪندڙ ملڪ بڻجڻو پوندو. ان لاءِ تعليمي ادارا، تحقيقي مرڪز، دفاعي ادارن سائنسدانن انجنيئرن ۽ ترقي جي شعبن کي تحقيق ۽ جدت جي هڪ مربوط قومي نظام ۾ جوڙڻو پوندو. وفاقي وزير معاشي خودمختياري کي قومي سلامتي جو اهم ٿنڀ قرار ڏيندي چيو ته ڪمزور معيشت سان قومي خودمختياري کي ڊگهي مدي تائين برقرار نٿو رکي سگهجي. قرضن تي مسلسل دارومدار گهٽ پيداواري صلاحيت ۽ محدود روانگي واپار ڪنهن به ملڪ جي آزاداڻي قومي فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت کي محدود ڪري ڇڏين ٿيون. هن چيو ته پاڪستان جي ايندڙ وڏي جدوجهد معاشي خودمختياري جي جدوجهد آهي ۽ ان جو پائيدار رستو روانگي واپار جي قيادت ۾ معاشي ترقي آهي. پاڪستان کي قرض ۽ ڪيٽ تي ٻڌل واري پراڻي معاشي اوسر مان نڪري پيداوار، پيداواري صلاحيت، سيڙپڪاري، جدت ۽ روانگي واپار تي ٻڌل معيشت بڻائڻو پوندو هن چيو ته روانگي واپار وڌائڻ نه صرف واپار واري وزارت يا روانگي واپار ڪندڙن جي ذميواري نه پر ان کي پوري حڪومت ۽ پوري قوم جو گڏيل مشن بڻائڻو پوندو. جنهن سنجيدگي ۽ تسلسل سان ماليائي ۽ محصولن جي هدفن جو جائزو ورتو وڃي ٿو اهڙي طرح روانگي واپار جا هدف به اعليٰ ترين سطح تي مسلسل نگراني جي گهر ڪن ٿا. هن چيو ته جيڪا قوم دنيا کي وڌيڪ قدر ۽ قيمت جي شين ۽ خدمتن کي وڪرو ڪري ٿي اها عالمي نظام ۾ وڌيڪ معاشي ۽ تزويراتي اختيار حاصل ڪري ٿي. وفاقي وزير نوجوانن کي پاڪستان جو سڀ کان وڏو قومي اثاثو قرار ڏيندي چيو ته نوجوان آبادي ان وقت قومي طاقت بڻجي سگهي ٿي جڏهن ان کي معياري تعليم بهتر صحت، جديد هنر، تحقيق، ٽيڪنالاجي ۽ اڳتي وڌڻ جا موقعا ميسر هجن هن چيو ته هر ٻار کي اسڪول پهچائڻ هر نوجوان کي روزگار جي قابل بڻائڻ هنر ڏيڻ ۽ پاڪستان جي بهترين ذهنن کي تحقيق ۽ جدت جا موقعا پيدا ڪرڻ صرف سماجي شعبي جي ذميواري نه پر قومي سلامتي ۽ سيڙپڪاري آهي هن چيو ته مستقبل جا خطرا صرف عسڪري قسم جا نه هوندا. موسمياتي تبديلي، پاڻي جي کوٽ، غذائي عدم تحفظ، درآمدي توانائي تي دارومدار ۽ قومي سلامتي جا وڏا چئلينج بڻجي رهيا آهن.

بقايا 25 روزاني عبرت

پيش ڪندي چيو آهي ته 6 سيپٽمبر ملڪ جي دفاعي تاريخ جو هڪ اهم ڏينهن آهي، جيڪو قوم جي تحفظ لاءِ ڏنل قربانين جي ياد ڏياري ٿو. گهرو وزارت مان جاري بيان ۾ محسن نقوي چيو ته 6 سيپٽمبر 1965ع پاڪستان جي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي جڏهن ملڪ جي هٿياربند فوج عددي لحاظ کان وڏي دشمن قوت جو مقابلو ڪري ڪاميابي سان اڳرائي خلاف وطن جو دفاع ڪيو. هن چيو ته هي ڏينهن هٿياربند فوج ۽ پاڪستان جي عوام جي حوصلي، عزم ۽ جذبي جي نمائندگي ڪري ٿو. وفاقي وزير انهن شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو جن جون قربانيون ايندڙ نسلن کي متاثر ڪن ٿيون. محسن نقوي چيو ته 1965ع جي جنگ ۾ پاڪستاني قوم اتحاد، عزم ۽ ثابت قدمي جو مظاهرو ڪيو. هن چيو ته تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڪهڙي طرح پورو ملڪ پنهنجي هٿياربند فوج جي حمايت ۾ گڏ بيٺل رهيو ۽ وطن جي دفاع ۾ ڪردار ادا ڪيو گهرو وزير پاڪستان جي سرحدن جي حفاظت ڪندي پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو. هن چيو ته انهن جون قربانيون ملڪ جي سلامتي، خودمختياري کي يقيني بڻائين ٿيون ۽ قومي فخر جو سبب آهن. آپريشن بنيان المرصوص جو حوالو ڏيندي محسن نقوي چيو ته ان جي ڪاميابي پاڪستان جي فوجي تاريخ ۾ هڪ ٻي اهم باب جو اضافو ڪيو آهي. هن چيو ته هي آپريشن ملڪ جي هٿياربند فوج جي صلاحيتن، عزم ۽ تياري جي عڪاسي ڪري ٿو.

بقايا 26 روزاني عبرت

اهم پيغام جاري ڪندي چيو آهي ته ملڪ جي دفاع جو عزم ڪٿي پاڪ فوج جا بهادر پٽ دشمن آڏو شيهي جي ديوار بڻجي بيٺل آهن. يوم دفاع جي موقعي تي ليفٽيننٽ ڪرنل بلال چيو ته 6 سيپٽمبر ملڪي دفاع لاءِ شهيدن ۽ غازين جي لازوال قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو ڏينهن آهي. ڪيپٽن سبحان سرحد تي ڊيوٽي کي فخر جو سبب ۽ وردي ۽ قوم جي اميدن ۽ اعتماد جي ذميواري قرار ڏنو. ميجر عثمان چيو ته 6 سيپٽمبر کو عام ڏينهن نه پر حب الوطني جي جذبي، قومي سلامتي ۽ خودمختياري جو ڏينهن آهي. ان موقعي تي پاڪ فوج جي بهادر جوانن رت جي آخري ڦڙي تائين وردي جو حق ادا ڪرڻ جي عزم جو به ورجاءُ ڪيو.

بقايا 27 روزاني عبرت

وزير اسحاق ڊار سان ٽيليفون تي رابطو ڪري علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ان ڪانسواءِ ٻنهي وچ ۾ خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ امن ۽ استحڪام بحال ڪرڻ بابت ڪوششن تي پڻ ڳالهيون ٿيون پرڏيهي معاملن واري وزارت جي ترجمان موجب ٻنهي پرڏيهي وزيرن علائقائي سلامتي جي معاملن تي رابطا ۽ صلاح مشورا جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو جڏهن ته مصري پرڏيهي وزير بدر عبدالعاطي اسحاق ڊار کي جلد مصر جو دورو ڪرڻ جي دعوت پڻ ڏني. ٻئي پاسي نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سعودي هم منصب شهزادي فيصل بن فرحان سان پڻ ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان ٻڌايو ته ٻنهي پرڏيهي وزيرن گهڻ طرفي فورمن تي گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي جڏهن ته مڪي دفاعي معاهدي جي اسٽريٽجڪ، سياسي ۽ دفاعي ڪميٽي جي اجلاس ۾ ٿيل مفاهمت تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ان ڪانسواءِ ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه دوران استنبول اجلاس ۾ ٿيل مفاهمت تي عملدرآمد جو پڻ جائزو ورتو ويو جڏهن ته پاڪستان ۽ سعودي عرب جي پرڏيهي وزيرن ويجها رابطا برقرار رکڻ تي پڻ اتفاق ڪيو. نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار جي ترڪ پرڏيهي وزير هاڪان فيدان سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه. مڪه دفاعي اتحاد جي تعاون کي اڳتي وڌائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي هنن گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ گهڻ رخي فورمز تي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي موقعن تي به ڳالهيون ڪيون ٻنهي پرڏيهي وزيرن ويجهو رابطو برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا 28 روزاني عبرت

دفاع ۽ شهداءِ تي حب الوطني جي جذبي سان ڀرپور قومي نغمو منزل پاڪستان جاري ڪري ڇڏيو آءِ ايس پي آر جو نغمو قوم جي فولادي عزم، ثابت قدمي ۽ قومي حوصلي جي عڪاسي ڪري ٿو نغمي ۾ وطن جي عظيم شهيدن جي لازوال قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو آهي يوم دفاع جي مناسبت سان جاري آءِ ايس پي آر جي نغمي ۾ هٿياربند فوج جي عوام سان پختي رشتي کي ڀرپور ساراهيو ويو آهي منزل پاڪستان هر شهري کي پنهنجي عهد تي مضبوط رهڻ ۽ وطن عزيز جي ترقي ۽ استحڪام کي بهترين ترجيح ۽ حتمي نصب العين بڻائڻ جو درس ڏئي ٿو يوم دفاع ۽ شهداءِ تي جاري نغمو مادر وطن لاءِ محبت، جانثاري ۽ ايثار جي جذبي جو پيغام ڏئي ٿو.

بقايا 29 روزاني عبرت

پاڪستان پارٽي جي صدر ۽ وفاقي وزير عبدالعليم خان يوم دفاع جي حوالي سان جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته 6 سيپٽمبر پاڪستان جي تاريخ جو روشن باب آهي جڏهن قوم ۽ فوج بي مثال عزم جو مظاهرو ڪيو وزارت مان جاري ڪيل بيان موجب شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪندي وفاقي وزير چيو ته يوم دفاع اسان کي اتحاد، ايمان ۽ نظم و ضبط سان اڳيان وڌڻ جو سبق ڏئي ٿو عبدالعليم خان چيو ته پاڪستان جي سلامتي، خود مختياري ۽ دفاع تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو هن چيو ته مضبوط ۽ خوشحال پاڪستان اسان جي شهيدن جي قربانين جو بهترين صلو آهي اڄ جي ڏينهن اسان عهد ڪيون ٿا ته وطن عزيز جي ترقي استحڪام ۽ سلامتي لاءِ ڪردار ادا ڪندا سين هن چيو ته پاڪ فوج جي بهادري، جرئت ۽ قربانين تي پوري قوم کي فخر آهي.

بقايا 30 روزاني عبرت

جي موقعي تي 6 سيپٽمبر تي ڏينهن جي شروعات شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ ۽ سمورن خطرن خلاف وطن عزيز جي دفاع جي عزم جي ورجاءُ سان ٿي. ڏينهن جي شروعات وفاقي گادي واري شهر ۾ 31 جڏهن ته صوبائي گادي وارن شهرن ۾ 21، 21 توپن جي سلامي سان ٿي. فجر جي نماز کان پوءِ مسجدن ۾ ملڪي ترقي ۽ خوشحالي ۽ ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير جي آزادي لاءِ خاص دعائون ڪيون ويون. واضح رهي ته 1965ع ۾ اڄ جي ڏينهن ڀارتي فوج رات جي اونداهي ۾ بين الاقوامي سرحد پار ڪري پاڪستان تي حملو ڪيو پر ملڪ جي بهادر هٿياربند فوج ۽ قوم دشمن جي ناپاڪ عزمن کي ناڪام بڻايو قومي دفاع ۽ يوم شهداءِ جي موقعي تي وطن جي محافظن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ خاص پروگرامز نشر ڪيا پيا وڃن جڏهن ته اخبارن ۾ خاص مضمون به شايع ڪيا ويا آهن.

بقايا 31 روزاني عبرت

سپورٽ پروگرام (بي آءِ ايس پي) جي چيئرپرسن سينيٽر روبينه خالد هٿياربند فوج جي شهيدن غازين ۽ انهن جي گهرڀاتين کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته يوم دفاع آزادي، خودمختياري ۽ قومي اسلامتي لاءِ ڏنل عظيم قربانين جي ياد ڏياري ٿو بي آءِ ايس پي طرفان يوم دفاع جي ڏهاڙي جي موقعي تي جاري پيغام ۾ سينيٽر روبينه خالد چيو ته 1965ع ۾ قوم جي سپوتن بي مثال بهادري ۽ فرض شناسي سان دشمن جي ناپاڪ ادارن کي ناڪام بڻايو 6 سيپٽمبر جو جذبو هڪ ڀيرو ٻيهر آپريشن بنيان مرصوص جي شاندار ڪاميابي ۾ نمايان ٿيو هن چيو ته معرڪه حق جي فتح قومي تاريخ ۾ هڪ ٻيو سنهري باب آهي اهو پاڪ فوج جي پيشيوراڻي مهارت، عزم، حوصلي ۽ بهادري جو ثبوت آهي سينيٽر روبينه خالد چيو ته مضبوط دفاع سان معاشي استحڪام ۽ ترقي پاڪستان جي طاقت جو بنيادي اساس آهن روشن محفوظ ۽ ترقي يافته پاڪستان جي تعمير نوجوان نسل سميت اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي سينيٽر روبينه خالد ملڪي دفاع جي عزم جي تجديد ڪندي پاڪستان جي امن، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا به ڪئي.

بقايا 32 روزاني عبرت

يوسف رضا گيلاني خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي اڄ تي ايوان صدر جي پريس ونگ طرفان جاري بيان مطابق وقتي صدر چيو ته پاڪستان ۽ افغانستان جي سرحد تي دراندازي جي ڪوشش کي اثرائتي انداز ۾ ناڪام بڻائڻ سيڪيورٽي فورسز جي چوڪس هجڻ جو ثبوت آهي هن چيو ته پرڏيهي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگردي خلاف عزم استحڪام تحت ڪارروائيون جاري رهنديون سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته ملڪ ۾ پرڏيهي سرپرستي ۾ ٿيل دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ سموري قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا 33 روزاني عبرت

واري مملڪت وزير چوڌري ارمغان سبحاني انهن شهيدن ۽ غازين کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي جن 1965ع جي جنگ دوران پاڪستان جي دفاع ۾ غير معمولي جرئت جو مظاهرو ڪيو ۽ قربانيون ڏنيون يوم دفاع پاڪستان جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ مملڪتي وزير چيو ته قوم سڀني ماڻهن کي سلام پيش ڪري ٿي جن مادر وطن جي تحفظ دوران بهادري جو هڪ شاندار داستان رقم ڪيو هن چيو ته قوم کي حاصل آزادي ۽ تحفظ جو گهرو تعلق شهيدن ۽ غازين جي نه وسرندڙ قربانين سان آهي چوڌري ارمغان چيو ته يوم دفاع پاڪستان جي هٿياربند فوج جي جرئت، عزم ۽ قربانين کي ياد ڪرڻ ۽ ملڪ خاطر پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪندڙن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو هن چيو ته سيالڪوٽ جي عوام کي هلال استقلال سان نوازيو ويو جن 6 سيپٽمبر 1965ع جي پاڪ ڀارت جنگ دوران سيالڪوٽ ويجهو مادر وطن جي دفاع ۾ پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪري بهادري جي سونهري تاريخ رقم ڪئي.

بقايا 34 روزاني عبرت

ٽيڪنالاجي واري وفاقي وزير خالد حسين مگسي چيو آهي ته 6 سيپٽمبر اسان کي شهيدن جي عظيم قربانين ۽ قومي يڪجهتي جي ياد ڏياري ٿو سائنس ۽ ٽيڪنالاجي واري وزارت مطابق يوم دفاع پاڪستان تي قوم جي نالي پيغام ۾ هن چيو ته يوم دفاع پاڪستان اسان جي قومي تاريخ جو قابل فخر ڏينهن آهي 1965ع ۾ پاڪستاني قوم ۽ هٿياربند فوج سان قومي اتحاد جو مثالي مظاهرو ڪيو هن وطن جي دفاع لاءِ جانيون قربان ڪندڙ شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته شهيدن جون قربانيون اسان جي قومي ڪردار ۽ عزم جو روشن مثال آهن هن چيو ته حق جي ويڙهه ۾ هٿياربند فوج جرئت ۽ پيشيوراڻي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو ملڪي دفاع ۽ قومي مفادن جي تحفظ ۾ هٿياربند فوج جو ڪردار تحسين جوڳيو آهي. وفاقي وزير چيو ته فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جون قائداڻيون صلاحيتون قابل تحسين آهن هن چيو ته عوام ۽ رياستي ادارن وچ ۾ گڏيل اعتماد ملڪي استحڪام جو بنياد آهن هن چيو ته معياري تعليم ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي کي هٿي ڏيڻ مضبوط پاڪستان لاءِ اڻٽر آهي خالد حسين مگسي چيو ته انساني وسيلن ۾ سيڙپڪاري پاڪستان جي ترقي لاءِ انتهائي اهم آهي هن چيو ته اسان سڀني کي پاڪستان جي ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

بقايا 35 روزاني عبرت

جن 6 سيپٽمبر 1965ع جي ڏينهن غير معمولي جرئت، بهادري ۽ قرباني جي جذبي سان مادر وطن جو دفاع ڪيو انهن جي شجاعت، استقامت ۽ فرض سان بي لوث وابستگي قوم لاءِ هميشه فخر جو سبب رهندي. شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪيون ٿا جڏهن ته پاڪستان جي خدمت ۾ انهن جي بي مثال قربانين تي سندن ڪٽنبن کي سلام پيش ڪيون ٿا. يوم دفاع جي موقعي تي پرڏيهي وزارت مان جاري ڪيل بيان ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته هڪ ڀيرو ٻيهر معرڪه حق ۽ آپريشن بنيان مرصوص دوران ان جرئت ۽ پيشوراڻي مهارت جو مظاهرو ڪيو ويو پاڪستان جو عوام جي حمايت سان اسان جي فوج عزم ۽ استقلال سان ملڪ جي خود مختياري ۽ علائقائي سلامتي جو دفاع ۽ هر قسم جي جارحيت جو فيصلائتو جواب ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار آهي هن چيو ته اسان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ خاص ڪري بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه ۾ پنهنجي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي لڳاتار قربانين کي پڻ قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا. پاڪستان ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم فتنه الهندستان ۽ فتنه الخوارج جي مڪمل خاتمي ۽ ملڪ جي امن استحڪام ۽ ترقي کي نقصان پهچائڻ واري هر ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي نائب وزيراعظم چيو ته امن پسند قوم هجڻ جي ناطي پاڪستان پرامن بقا، ڳالهين ۽ تعاون لاءِ پنهنجي عزم تي ڪاربند آهي جڏهن ته ڏکڻ ايشيا ۾ ڊگهي امن ۽ استحڪام جو دارومدار جمون ۽ ڪشمير تڪرار جو حل گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهراءُ ۽ ڪشميري عوام جي خواهش موجب هجڻ تي آهي پاڪستان ڪشميري عوام کي ان جو خوداراديت وارو حق ڏيارڻ ۽ ان جي جائز جدوجهد جي اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو هن چيو ته ان تاريخي ڏينهن جي موقعي تي اسان پاڪستان جي خودمختياري، علائقائي سلامتي ۽ قومي مفادن جي دفاع لاءِ پنهنجي اٽل عزم جو اظهار ڪيون ٿا. اسان جي شهيدن جي جرئت، هٿياربند فوج جي قوت ۽ اسان جي عوام جو عزم ان ڳالهه جي وڏي ضمانت آهي ته پاڪستان هر چئلينج جو مقابلو اعتماد، وقار ۽ پختي عزم سان ڪندو.

بقايا 36 روزاني عبرت

موقعي تي 1965ع جي پاڪ ڀارت جنگ جي عظيم قومي هيرو ميجر راجه عزيز ڀٽي شهيد (نشان حيدر) جي مزار گجرات (لاديان) ۾ دعائيه تقريب منعقد ڪئي وئي. اڄ ڏينهن يوم دفاع جي موقعي تي ميجر جنرل اظهر ياسين، ميجر راجه عزيز ڀٽي شهيد جي مزار تي گل رکيا ۽ دعا ڪئي. ميجر راجه عزيز ڀٽي شهيد 1928ع ۾ هانگ ڪانگ ۾ پيدا ٿيو پاڪستان جي قيام کان اڳ هن جو خاندان ضلعي گجرات جي علائقي لاديان ۾ منتقل ٿي ويو هو 1950ع ۾ پاڪ فوج ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ پنجاب ريجمينٽ ۾ ڪميشن حاصل ڪئي. ميجر راجه عزيز ڀٽي شهيد 1965ع جي پاڪ ڀارت جنگ ۾ برڪي لاهور سيڪٽر ۾ ڪمپني ڪمانڊر جا فرض انجام ڏئي رهيو هو فارورڊ پلاٽون سان رهي 5 ڏينهن تائين بي آر بي واهه جو ڪاميابي سان دفاع ڪيو بي آر بي واهه جي دفاع دوران اڳئين مورچن تي بهادري ۽ استقامت سان مقابلو ڪيو هن ٽينڪن ۽ توپ خاني جي شديد گولاباري جي باوجود قيادت جاري رکي 12 سيپٽمبر 1965 تي دشمن جي ٽينڪ جو هڪ گولو لڳڻ سبب ميجر راجه عزيز ڀٽي شهادت جي عظيم مرتبي تي فائز ٿي ويو بي مثال شجاعت تي ميجر راجه عزيز ڀٽي کي بعد ۾ نشان حيدر جي اعزاز سان نوازيو ويو.

بقايا 37 روزاني عبرت

جو ڏهاڙو مادر وطن خاطر قربانيون ڏيندڙ عظيم سپوتن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو ڏينهن آهي. آئي ايف سي بلوچستان جي جوان لانس نائيڪ نور حسن جي والد پٽ جي شهادت تي فخر جو اظهار ڪيو آهي. لانس نائيڪ نور حسن شهيد جي والد گل حسن جو چوڻ هو ته هڪ شهيد جو والد هجڻ مون لاءِ فخر جوڳو آهي. پاڪستان جي بقاءَ سان ئي اسان جي بقا آهي. هن چيو ته پٽ شهادت جي جذبي سان سيڪيورٽي اداري ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ شهادت جو اعليٰ رتبو ماڻيو شهيد لانس نائيڪ جي والد چيو ته منهنجو پٽ لانس نائيڪ نور حسن هڪ بهادر دلير فوجي هو. شهيد لانس نائيڪ نور حسن جي آخري آرام گاهه تي لڳل قومي جهنڊو هر سال عيد تي تبديل ڪيو ويندو آهي. هن چيو ته جيڪڏهن وطن کي ضرورت پئي ته آئون به پنهنجي جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

بقايا 38 روزاني عبرت

ميمڻ صوبائي وزيرن ۽ سنڌ حڪومت جي ٻين اڳواڻن شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته 6 سيپٽمبر پاڪستان جي تاريخ جو ناقابل فراموش ڏينهن آهي، جيڪو قوم کي وطن جي دفاع لاءِ ڏنل لازوال قربانين ۽ قومي اتحاد جي ياد ڏياري ٿو. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پنهنجي پيغام ۾ چيو ته پاڪستان جي سلامتي، خودمختياري ۽ آزادي لاءِ جانين جا نذرانا ڏيندڙ شهيد قوم جا حقيقي هيرو آهن. 1965ع جي جنگ ۾ پاڪ فوج جي بهادر جوانن دشمن جا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻايا، جڏهن ته دفاع پاڪستان ۾ سنڌ جي بهادر سپوتن جو ڪردار تاريخ جو روشن باب آهي. هن چيو ته سنڌ جي عوام هر ڏکي گهڙيءَ ۾ پاڪ فوج سان گڏ بيهي قومي يڪجهتي جو مظاهرو ڪيو آهي. سيد مراد علي شاهه چيو ته دفاع وطن رڳو سرحدن جي حفاظت جو نالو ناهي، پر ملڪ جي وحدت، امن، خودمختياري ۽ قومي يڪجهتي جو تحفظ پڻ قومي ذميواري آهي سنڌ جي عوام پاڪستان جي سلامتي ۽ دفاع لاءِ هميشه صف اول ۾ بيٺل رهندي. هن شهيدن ۽ غازين جنگي هيروز ۽ سندن خاندانن کي سلام پيش ڪندي چيو ته شهيدن جون قربانيون قوم لاءِ مشعل راهه آهن.

بقايا 39 روزاني عبرت

شهيدن ۽ غازين کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته ملڪ جي هٿياربند فوج جي آفيسرن ۽ جوانن جي جرئت، پيشيوراڻي صلاحيت ۽ عزم پوري قوم لاءِ فخر جو سبب آهي پي ايم ايل اين جي مان اڄ ڏينهن جاري خاص پيغام ۾ راڻا مشهود احمد خان چيو ته 6 سيپٽمبر پاڪستان جي تاريخ جو فخر جوڳو باب ۽ قومي اتحاد، جرئت ۽ عزم جي روشن علامت آهي. هن چيو ته وطن جي دفاع لاءِ پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ شهيدن جون قربانيون قوم ڪڏهن به فراموش نه ڪندي. سندن بهادري، حب الوطني ۽ فرض شناسي ايندڙ نسلن لاءِ هميشه مشعل راهه رهندي هن چيو ته شهيدن جا خاندان پوري قوم جي عزت ۽ احترام جا مستحق آهن هن حق جي ويڙهه ۾ پاڪستان جي هٿياربند فوج جي جرئت، پيشيوراڻي مهارت ۽ عزم کي تحسين پيش ڪيو هن چيو ته مضبوط ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ تعليم يافته هنر مند، با اعتماد ۽ با اختيار نوجوان نسل اڪثر آهي هن چيو ته شهيدن لاءِ بهترين خراج عقيدت مضبوط، پر امن متحد ۽ خوشحال پاڪستان جي تعمير آهي پيغام جي آخر ۾ هن پاڪستان جي امن سلامتي ۽ خوشحالي هٿياربند فوج جي جوانن جي حفاظت ۽ شهيدن جي خاندانن لاءِ صبر ۽ استقامت جي دعا پڻ ڪئي.

بقايا 40 روزاني عبرت

عزم بهادري ۽ بي مثال قربانين جي علامت آهي سيڙپڪاري بورڊ مان يوم دفاع جي موقعي تي جاري پيغام ۾ وفاقي وزير چيو ته شهيدن ۽ غازين جون قربانيون پاڪستان لاءِ عظيم قومي سرمايو آهن وطن جي دفاع لاءِ جانين جو نذرانو پيش ڪندڙن کي پوري قوم سلام پيش ڪري ٿي. هن چيو ته 1965ع ۾ پاڪ فوج ۽ قوم اتحاد ۽ يڪجهتي سان دشمن جي ادارن کي مٽيءَ ۾ ملايو فوج جي شجاعت جرئت ۽ پيشيوراڻي صلاحيتن تي پوري قوم کي فخر آهي هن چيو ته يوم دفاع اسان جي قومي اتحاد، نظم و ضبط ۽ وطن سان وفاداري جو درس ڏئي ٿو پاڪستان جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سلامتي جو هر قيمت تي تحفظ ڪيو ويندو قيصر احمد شيخ چيو ته مضبوط معيشت ۽ مستحڪم پاڪستان شهيدن جي عظيم مشن کي اڳتي وڌائڻ جو ذريعو آهي شهيدن جي خوابن جي تڪميل لاءِ پاڪستان کي معاشي طور تي مضبوط بڻائڻو هوندو وفاقي وزير چيو ته ترقي، خوشحالي ۽ معاشي استحڪام لاءِ پوري قوم کي متحد ٿي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو اڄ جي ڏينهن عهد ڪريون ٿا ته پاڪستان جي ترقي خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين هن چيو ته شهيدن ۽ غازين جي لازوال قرباني اسان کي پاڪستان جي تعمير ۽ ترقي لاءِ وڌيڪ عزم عطا ڪري ٿي.

بقايا 41 روزاني عبرت

وسيلن تي قبضي خلاف عوامي سجاڳي مهم جي سلسلي ۾ پرجوش ريلي ڪڍي وئي ريلي ٽنڊو غلام علي روڊ تي عزيز پيٽرول پمپ کان شروع ٿي محمدي چوڪ پهتي جتي شرڪت ڪندڙن سنڌ دشمن مبينا منصوبن خلاف نعريبازي ڪئي ريلي جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي،ايڊووڪيٽ ممتاز ڪوسو ضلعي صدر مختيار خاصخيلي ايڊوو ڪيٽ اياز ڪلوئي، طالب جروار امير بخش جروار ساجده چانڊيو ثقافت جروار خير محمد چانڊيو اي بي جروار جوش جروار رزاق بلوچ ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي.ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جي ڪنهن به سازش کي قبول نه ڪيو ويندو.

بقايا 42 روزاني عبرت

جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته آهڙن بيانن سان سنڌ جي عوام ۾ سخت تشويش ۽ بيچيني پيدا ٿي آهي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ ۽ جنرل سيڪريٽري محمد ارشد شر پاران جاري ڪيل پڌرنامي ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ جي وحدت، سالميت ۽ جاگرافيائي سڃاڻپ انتهائي اهم آهي. صوبي کي ورهائڻ جي ڪا به سڌي يا اڻ سڌي ڪوشش سنڌ جي عوام جي جذبن خلاف آهي.

بقايا 43 روزاني عبرت

اسيمبلي ۾ ڊپٽي پارلياماني ليڊر طحه احمد خان يوم دفاع پاڪستان جي موقعي تي شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته قومي اتحاد، يڪجهتي ۽ حب الوطني ئي پاڪستان جي اصل طاقت آهن جڏهن ته ملڪ جي دفاع، سلامتي ۽ خودمختياري تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو سنڌ اسيمبلي جي اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته 6 سيپٽمبر پاڪستان جي بهادر شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو ڏينهن آهي، جيڪو قوم کي قومي اتحاد، يڪجهتي ۽ حب الوطني جي جذبي جي ياد ڏياري ٿو علي خورشيدي چيو ته 1965ع ۾ پاڪستاني قوم ۽ بهادر هٿياربند فوجن گڏجي دشمن جا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻايا متحد قوم ۽ مضبوط قومي جذبي آڏو ڪوبه دشمن بيهي نٿو سگهي هن چيو ته معرڪه حق ۽ آپريشن بنيان المرصوص دوران به قوم ۽ پاڪ فوج اتحاد ۽ يڪجهتي جو شاندار مظاهرو ڪندي دشمن جا ارادا خاڪ ۾ ملائي ڇڏيا.

بقايا 44 روزاني عبرت

ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن اڄ ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 1 لک 64 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 1 لک 64 هزار 500 ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿاهون ۽ هيٺاهون وهڪرو 30 هزار 800 ڪيوسڪ خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 2 لک 8 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 2 لک 8 هزار 200 ڪيوسڪ جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 20 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 9 هزار ڪيوسڪ ۽ چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 52 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 26 هزار 200 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي ذخيرن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1550 فوٽ ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.580 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1222.05 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.733 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ پاڻي جي موجوده سطح 648.50 فوٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.285 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا 45 روزاني عبرت

جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو جتي هن شهرين، واپارين ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن سان ملاقاتون ڪيون ۽ سندن مسئلا ٻڌا. وفاقي وزير چنيوٽ شهر جي مختلف بازارن جن ۾ مسلم بازار پيرپڻ بازار شامل آهن جو دورو ڪيو ۽ دڪاندارن ۽ شهرين سان ملاقات ڪري سندن مسئلا ٻڌا هن لاڳاپيل عملدارن کي شهرين ۽ واپارين جي مسئلن جي فوري حل لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون. ان موقعي تي شهرين وفاقي وزير کي پنهنجي مسئلن کان آگاهه ڪيو جڏهن ته انهن مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن تعاون جي خاطري ڪرائي. وفاقي وزير ڪجهه عرصو اڳ چنيوٽ شهر جي بازار ۾ پان شاپ تي اوچتو باهه لڳڻ واري واقعي کان متاثر دڪان جو به دورو ڪيو دڪاندار کان ملاقات ڪري سندس خيريت پڇي مالي مدد ڪئي.

بقايا 46 روزاني عبرت

گرم ٿي وئي آهي جڏهن ته پيپلزپارٽي ذريعن موجب معاملي تي ملڪ گير احتجاجي تحريڪ هلائڻ ۽ سنڌ دوست سياسي جماعتن سان رابطا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ذريعن موجب پيپلزپارٽي جي سخت موقف ۽ سنڌ جي ورهاست واري معاملي تي ڄمي بيهڻ ڪانيءَ ڪجهه ڌرين پاران پيپلزپارٽي اندر گروپ ٺاهڻ ۽ ڪجهه اهم اڳواڻن سان رابطا ڪرڻ جون ڪوششون پڻ شروع ڪيون ويون آهن پر پارٽي جي اڳواڻن اهڙي ڪنهن به ڪوشش کي رد ڪري ڇڏيو آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته پيپلزپارٽي جي اڳواڻن واضح ڪيو آهي ته سنڌ جي ورهاست يا انتظامي يونٽن جي قيام جي نالي تي پارٽي اندر ڪنهن به قسم جي گروپ بندي قبول نه ڪئي ويندي ۽ پارٽي پنهنجي موقف تي متحد رهندي موجوده صورتحال جي حوالي سان پيپلزپارٽي سنڌ جي سمورن ضلعن ۽ ڊويزن جي عهديدارن جو هنگامي اجلاس پڻ ٿيو جنهن ۾ وفاقي وزيرن جي بيانن سنڌ جي وحدت ۽ ايندڙ سياسي حڪمت عملي تي غور ڪيو ويو.

بقايا 47 روزاني عبرت

لاش پوليس ۽ ريلوي انتظاميا ڪٽڻ بعد اسپيشل ڪرين ذريعي سال گاڏن ۽ پٽڙين جي مرمت جو ڪم شروع ڪيو ويو جڏهن ته اهڙي صورتحال جي ڪري ٽريڪ بلاڪ ٿي ويو ۽ ٽرين ن ڪيترا ئي ڪلاڪ ليٽ ٿي ويون.

بقايا 48 روزاني عبرت

نجي ڪمپني جو ملازم سروئير هنگورجا واسي مهتاب پيرزادو روڊ تي ڪم ڪندڙ هيوي مشنري رولر هليان اچي ڦٽڻ تي فوت ٿي ويو اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي مقامي اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس موجب وڌيڪ معملي جي جاچ ڪيون پيا.

عبرت سنسار
IBRAT SANSAR
سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
Ibratsansar@yahoo.com
68 Golden Jubilee Year

آمريڪا تان يورپ جو ڪچندڙ اعتماد

اي سومرو ڊيسڪ

يورپ جو اعتماد ٽٽڻ لڳو آهي. نيدرلينڊز 78 ميٽرڪ ٽن، يعني 11 ارب ڊالرن جو سون نيويارڪ مان لنڊن منتقل ڪيو. فرانس به نيويارڪ ۾ موجود 129 ميٽرڪ ٽن سون يورپ منتقل ڪري چڪو آهي. آخر سون جي انهن بارن جي منتقلي ڪيئن ڪئي وئي؟ آمريڪا جي اثاثا ضبط ڪرڻ واري پاليسي يورپ کي به خوفزده ڪري ڇڏيو آهي. دنيا جي پنجن ملڪن وٽ سرڪاري خزاني ۾ 22 هزار ميٽرڪ ٽن کان وڌيڪ سون آهي، جنهن ۾ رڳو آمريڪا وٽ 8 هزار ٽن کان وڌيڪ سون موجود آهي.

اڄ آمريڪا جي نيويارڪ ۾ محفوظ اربين ڊالرن جو سون يورپ واپس اچي رهيو آهي. نيدرلينڊز 78 ميٽرڪ ٽن سون آمريڪا مان ڪيڏي لنڊن منتقل ڪري ڇڏيو آهي. فرانس اڳ ئي 129 ميٽرڪ ٽن سون نيويارڪ مان يورپ آڻي چڪو آهي. اهو ساڳيو آمريڪا آهي جنهن جي مالي نظام کي ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين دنيا جي محفوظ ترين پناهه گاهه سمجهيو ويندو رهيو. پر هاڻي روس جا اثاثا ضبط ڪرڻ، ايران تي مالي دٻاءُ وجهڻ ۽ پنهنجن اتحادين سان بدلجندڙ لاڳاپن صورتحال تبديل ڪرڻ شروع ڪئي آهي. جڏهن ڪو طاقتور ملڪ پنهنجي مالي نظام کي ٻين تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ هٿيار طور استعمال ڪري ٿو ته نيٺ اهڙو وقت اچي ٿو جڏهن ٻيا ملڪ پنهنجي دولت کي ان طاقت کان پري ڪڍي وڃڻ شروع ڪن ٿا.

سون جي اها 78 ميٽرڪ ٽن جي کيپ رڳو بئنڪنگ جي خبر ناهي، پر عالمي مالي طاقت جي بدلجندڙ نقشي جي هڪ علامت به آهي. ورلڊ گولڊ ڪائونسل جي رپورٽ موجب آمريڪا وٽ لڳ ڀڳ 8 هزار 134 ٽن سون سان گڏ سڀ کان وڏو ذخيرو موجود آهي. ان کان پوءِ جرمني وٽ 3 هزار 350 ٽن، اٽلي وٽ لڳ ڀڳ 2 هزار 452 ٽن، فرانس وٽ 2 هزار 437 ٽن ۽ چين وٽ لڳ ڀڳ 2 هزار 366 ٽن سون موجود آهي. يعني رڳو انهن پنجن وڏين طاقتن جي مرڪزي بئنڪن وٽ 22 هزار ٽن کان وڌيڪ سون محفوظ آهي.

اهوئي سبب آهي جو عالمي جاگرافيائي سياست ۾ سون رڳو هڪ قيمتي ڌاتو نه، پر مالي خودمختياري، هر وقت تحفظ ۽ عالمي طاقت جي هڪ اهم اثاثي جي حيثيت سان ٻيهر پنهنجي اهميت حاصل ڪري رهيو آهي.

نيدرلينڊز جي مرڪزي بئنڪ 78 ميٽرڪ ٽن سون، جنهن جي موجوده قيمتن موجب ماليت لڳ ڀڳ 11 ارب ڊالر بڻجي ٿي، جيڪو نيويارڪ شهر جي مين هٽن جي گهٽين هيٺ واقع محفوظ خزاني مان لنڊن منتقل ڪيو.

نيدرلينڊز جي مرڪزي بئنڪ جيڪو بيان جاري ڪيو آهي، ان ۾ چيو ويو آهي ته دنيا ۾ وڌندڙ جاگرافيائي سياسي بيچيني کي نظر ۾ رکندي بئنڪ ان سان منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي تيارين کي وڌيڪ مضبوط ڪري رهيو آهي. بئنڪ اهو واضح ناهي ڪيو ته جاگرافيائي سياسي بيچيني مان آخر ڪهڙو مطلب آهي. تنهن هوندي به، اهو قدم اهڙي 18 مهينن جي عرصي کان پوءِ سامهون آيو آهي، جنهن دوران آمريڪا ۽ يورپ جا لاڳاپا، ٽيرفس، ٽرمپ پاران گرين لينڊ تي قبضو ڪرڻ جون ڌمڪيون ۽ يورپ لاءِ آمريڪي فوجون رواني ڪرڻ بابت سندس غير واضح موقف سبب ڪافي ڇڪتاڻ جو شڪار رهيا آهن.

عالمي مالياتي نظام جي بنياد طور سون جو ڪردار 1970ع واري ڏهاڪي ۾ برٽن ووڊز جي مالياتي نظام جي خاتمي سان ختم ٿي ويو هو. تنهن هوندي به مرڪزي بئنڪن پنهنجي ذخيرن جو ڪجهه حصو سون جي صورت ۾ برقرار رکيو ته جيئن ضرورت پوڻ تي ان کي وڪڻي پنهنجين ڪرنسين کي سهارو ڏئي سگهجي، خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن انهن جي قدر تي شديد دٻاءُ هجي. آءِ ايم ايف جي شايع ڪيل هڪ رپورٽ موجب، ڊگهي عرصي تائين سون جي ذخيرن ۾ گهٽتائي کان پوءِ مرڪزي بئنڪن 2008ع جي عالمي مالي بحران جي آس پاس ٻيهر سون خريد ڪرڻ شروع ڪيو هو. ان کان پوءِ عالمي سطح تي پابندين جي وڌندڙ استعمال به متبادل مرڪزي بئنڪن، خاص طور تي روس جي مرڪزي بئنڪ کي سون جا ذخيرا وڌائڻ تي راضي ڪيو ته جيئن اهڙي صورتحال ۾ مالي تحفظ برقرار رکي سگهجي، جڏهن آمريڪا ڪين پنهنجي بئنڪنگ نظام کان ڌار ڪري چڪو هجي. نيدرلينڊز سميت دنيا جون ڪيتريون ئي مرڪزي بئنڪون پنهنجا سون جا ذخيرا مختلف ملڪن ۾ ورهائي رکنديون آهن، ته جيئن ڪنهن هڪ هنڌ خطرو پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ سڄو ذخيرو متاثر نه ٿئي. نيويارڪ ۽ لنڊن دنيا ۾ سون جي واپار جا به وڏا مرڪز آهن.

آمريڪا مين هٽن ٻيٽ ۾ سمنڊ کان لڳ ڀڳ 50 فوٽ هيٺ اهڙي مضبوط پهاڙي حصي تي سون محفوظ رکندو آهي، جيڪو سون جي لکين سرن جو وزن برداشت ڪرڻ جي به صلاحيت رکي ٿو. اتي حفاظتي نظام ايترو سخت آهي جو هڪ بلب تبديل ڪرڻ لاءِ به ٽن ماڻهن جي موجودگي ضروري هوندي آهي.

سون جا ذخيرا پرڏيهه ۾ رکڻ ڪڏهن ڪڏهن خطرناڪ به ثابت ٿي سگهي ٿو. وينزويلا لنڊن ۾ رکيل پنهنجي اربين ڊالرن جي ماليت وارن سون جي ذخيرن کي واپس حاصل ڪرڻ لاءِ بئنڪ آف انگلينڊ خلاف ڪيترن ئي سالن تائين قانوني جنگ وڙهي. برطانيا اها رقم جاري ڪرڻ کان انڪار ڪندي موقف اختيار ڪيو ته هو نڪولس مادورو جي حڪومت کي تسليم نٿو ڪري، تنهن ڪري سون جي واپسي ڏکي ٿي وئي.

دنيا ۾ جاگرافيائي سياسي ڇڪتاڻ جي ٻين دورن ۾ به سون جا ذخيرا هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ٿيندا رهيا آهن. نيويارڪ فيڊرل ريزرو موجب ٻي عالمي جنگ دوران ۽ ان کان پوءِ دنيا جو وڏو حصو سون نيويارڪ منتقل ڪيو ويو ڇاڪاڻ ته مرڪزي بئنڪ چاهيندا هئا ته سندن ذخيرا نازي جرمني جي پهچ کان جيترو ممڪن هجي، اوترو پري رهن.

شايد ان حوالي سان سڀ کان جرئت وارو قدم ان وقت جي برطانيا جي وزيراعظم ونسٽن چرچل کنيو هو. 'آپريشن فِش' جي ڳجهي ڪوڊ نالي سان ڪيل هن ڪارروائيءَ تحت برطانيا پنهنجا سمورا سون جا ذخيرا ڪينيڊا منتقل ڪري ڇڏيا هئا. هن آپريشن تحت سون جي پهرين کيپ فرانس جي هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان ڪجهه ئي ڏينهن پوءِ بحري جهاز ايڇ ايم ايس ايمرالڊ ذريعي رواني ڪئي وئي هئي. بئنڪ آف ڪينيڊا موجب اها کيپ هڪ هفتي کان پوءِ هيلي فڪس پهچي وئي هئي.

رستي ۾ ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ اتحادي بحري جهازن جو شڪار ڪندڙ جرمن آبدوزن جي وولف پيڪ کان بچڻ به سفر جو هڪ وڏو خطرو هو. بئنڪ آف ڪينيڊا موجب هن آپريشن دوران مجبوريءَ ۾ ايترو سون منتقل ڪيو ويو، جنهن جي ماليت 2017ع جي ڊالرن جي حساب سان لڳ ڀڳ 160 ارب ڊالر بڻجي ٿي. پر هي سڄو معاملو سون جي تاريخ جي انهن غير معمولي دورن جي ياد ڏياري ٿو جن ۾ خاص طور اهو ذڪر ايندو آهي جڏهن دنيا گولڊ اسٽينڊرڊ کي ڇڏي ڏنو ۽ حقيقي ۽ فزيڪل سون جي اهميت ٻيهر رائج ٿي.

هتي اهم ڳالهه اها آهي ته هڪ اهڙو ملڪ، جيڪو نيٽو جو ميمبر آهي ۽ جنهن وٽ دنيا جي ٻئي نمبر تي وڏن سون جي ذخيرن ۾ شمار ٿيندڙ ذخيرو به موجود آهي، انهي ملڪ کي سياسي ردعمل، آمريڪا سان وڌندڙ ڇڪتاڻ ۽ پنهنجي سون جا ذخيرا ضبط ٿيڻ جي خدشا ٿيڻ لڳا. نيدرلينڊز جي عالمي بئنڪنگ نظام ۾ اهم حيثيت ۽ ان جي ڪردار کي نظر ۾ رکندي، لڳ ڀڳ يقيني طور تي هي قدم، بلڪ ممڪن طور تي ايران ۽ روس بابت غور هيٺ جيڪي ثانوي پابنديون آهن، انهن جي قانوني ردعمل ۾ به ٿي سگهي ٿو. جڏهن آمريڪا روس جا اهي اثاثا ضبط ڪرڻ شروع ڪيا هئا، جيڪي آمريڪي عدالتن جي دائري اختيار ۾ موجود هئا، تڏهن مون ان وقت به پروگرام ڪيو هو ۽ چيو هو ته جيڪڏهن توهان، يعني آمريڪا، اهڙا اثاثا ضبط ڪريو ٿا، جن تي آمريڪا جو ڪو قانوني حق ناهي، ته ان جا نتيجا به سامهون ايندا.

ايران جي معاملي ۾ به ساڳي صورتحال آهي. اها انهن جي رقم آهي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي. جيڪڏهن توهان جڏهن چاهيو ڪنهن ٻئي ملڪ جا اثاثا ضبط ڪري سگهو ٿا ته پوءِ توهان، يعني آمريڪا، پنهنجي مالي نظام کي ڪهڙي بنياد تي محفوظ، قابل اعتماد ۽ منصفاڻو قرار ڏئي سگهو ٿا؟ ان جي جواب ۾ هميشه اهو چيو ويندو رهيو آهي ته اسان دنيا جي سڀ کان وڏي معيشت آهيون، تنهن ڪري اسان جيڪو چاهيون ڪري سگهون ٿا، ۽ ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين اها ڳالهه ڪنهن حد تائين درست به ثابت ٿي. پر هاڻي متبادل رستا موجود آهن. بلڪ هميشه کان موجود هئا، ايتري قدر جو هاڻي نيٽو جا ٻه اتحادي ملڪ به ان هنڌ پهچي چڪا آهن، جتي اهي چئي رهيا آهن ته ٽرمپ ۽ موجوده جاگرافيائي سياسي ڇڪتاڻ سان هاڻي وڌيڪ اڳتي نٿو وڌي سگهجي.

جيڪڏهن دنيا مان سون ۽ ٻيا اثاثا رکڻ لاءِ آمريڪا کي محفوظ پناهه گاهه نه سمجهيو ويندو ته ان جو آمريڪي ڊالر جي عالمي رزرو ڪرنسي جي حيثيت تي ڪهڙو اثر پوندو؟ ان کي سمجهڻ لاءِ وڌيڪ وضاحت جي ضرورت ناهي. توهان گولڊ اسٽينڊرڊ سان گڏ يا پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ جي دور جي تاريخ تي ڪا به ڪتاب کڻي ڏسو ته ان زماني ۾ سون جا ذخيرا ڪيئن منتقل ۽ محفوظ ڪيا ويندا هئا.

جڏهن به اهڙو واقعو پيش ايندو هو ته اهو عالمي مالي نظام لاءِ هڪ حقيقي ۽ شديد ڌڪ هوندو هو. منهنجو خيال آهي ته حقيقت اها آهي ته مغربي يورپ آمريڪا جي اهڙن غير معمولي، بلڪ غير قانوني قدمن، مثال طور اثاثا ضبط ڪرڻ، تي به ڪافي حد تائين پابند هو جيستائين اهي قدم انهن ملڪن خلاف کنيا پئي ويا، جن کي آمريڪا پنهنجو باقاعده دشمن سمجهندو هو. پر ٽرمپ انتهائي غير متوقع شخصيت آهن. هو هن وقت ڪينيڊا سان جنگ جي ڳالهه ڪري رهيا آهن، گرين لينڊ بابت مختلف قسم جا قدم ۽ بيان سامهون اچي رهيا آهن ۽ يورپ کي مسلسل ڪڏهن هڪ معاملي تي ته ڪڏهن ٻئي معاملي تي تنقيد جو نشانو بڻايو پيو وڃي. يورپي ملڪن جي ذهن ۾ پوءِ اهو سوال ضرور پيدا ٿئي ٿو ته ڇا ٿو ٿي رهيو آهي ته آخر انهن کي محفوظ ڪير رکندو؟ انهن کي هاڻي اها هڪ محسوس ٿيڻ لڳي آهي ته آمريڪا پاڻ به انهن ملڪن ۾ شامل ٿي سگهي ٿو جن کي مستقبل ۾ دشمن رياست سمجهي روس جهڙو سلوڪ ڪيو وڃي ۽ اهي ائين هرگز نٿا چاهين.

ته پوءِ روس سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ويو هو؟ آمريڪا ۽ ان جي اتحادين روس جا اثاثا منجمد ڪيا هئا، ۽ آمريڪي ڪانگريس باقاعده قانون منظور ڪيو جنهن تحت انهن اثاثن کي ضبط ڪري يوڪرين حوالي ڪري سگهجي ٿو. هائي اها صورتحال آهي جنهن جي اسان هتي ڳالهه ڪري رهيا آهيون.

ته ڇا نيدرلينڊز جو اهو سوچڻ بلڪل غير منطقي آهي ته شايد هن وقت پنهنجو سون آمريڪا ۾ رکڻ مناسب ناهي؟ نه. ٽرمپ پاران پيدا ڪيل موجوده جاگرافيائي سياسي ماحول کي نظر ۾ رکندي، اهو هڪ بلڪل معقول ۽ منطقي ردعمل آهي.

۽ هاڻي ان کي شنگهائي تعاون تنظيم جي پڌرنامي سان ڳنڍي ڏسو، جو ته اها به هڪ انتهائي اهم اڳڀرائي آهي. هاڻي ان جو گڏيل پڌرنامو به سامهون اچي چڪو آهي. عام طور تي اهڙي قسم جا پڌرناما انتهائي معتدل ۽ رسمي نوعيت جا هوندا آهن. مثال طور اهو ته اسان عالمي امن ۽ ملڪن وچ ۾ ڳالهين تي يقين رکون ٿا. پر هن ڀيري معاملو مختلف آهي.

جيڪڏهن توهان مڪمل پڌرنامو پڙهو ته مان توهان کي ضرور ان جو مطالعو ڪرڻ جي ترغيب ڏيندس. بشڪي پڌرنامو انگريزيءَ ۾ موجود آهي ۽ توهان ان جو مڪمل متن پاڻ به پڙهي سگهو ٿا. ايران جي حوالي سان پڌرنامي ۾ سڌيءَ طرح چيو ويو آهي ته شنگهائي تعاون تنظيم ايران جي سرزمين تي ٿيندڙ فوجي حملن جي مذمت ڪئي آهي، جن جي نتيجي ۾ وڏي تعداد ۾ شهري مارجي ويا ۽ ملڪ جي معيشت کي شديد نقصان پهتو. پڌرنامي ۾ چيو ويو آهي ته ايران تي آمريڪا ۽ اسرائيل جا حملا عالمي قانون جي اصولن ۽ ضابطن ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي ڀڃڪڙي آهن ۽ عالمي امن، سلامتي ۽ استحڪام لاءِ سنگين خطرا پيدا ڪن ٿا. شنگهائي تعاون تنظيم ايران جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت لاءِ پنهنجي حمايت جو ورجاءُ ڪندي چيو ته هن تڪرار کي رڳو سياسي ۽ سفارتي سرحدن مان ڪڍيو وڃي. شنگهائي تعاون تنظيم اهو به چيو آهي ته وچ اوڀر ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام يقيني بڻائڻ جو واحد ممڪن رستو فلسطين جي مسئلي جو جامع ۽ منصفاڻو حل آهي.

اهي بيان پنهنجي جاءِ تي انتهائي اهم آهن. چين يا روس پاران اهڙا بيان اچڻ شايد حيران ڪندڙ نه هجن. جيتوڻيڪ روس پاران يوڪرين تي حملي جي حقيقت ۽ ان جي تضاد کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. اهڙيءَ طرح قزاقستان جي صدر جو هن پڌرنامي تي صحيح ڪرڻ به حيران ڪندڙ ناهي. بيلاروس ۽ ازبڪستان جي اڳواڻن پاران صحيحون ڪرڻ به غير متوقع نه هو.

پر هن دستاويز تي صحيح ڪندڙ سڀ کان اهم شخصيت ڀارت جو وزيراعظم نريندر مودي آهي. مودي جا اسرائيل سان انتهائي مضبوط لاڳاپا آهن ۽ آمريڪا سان به سندس لاڳاپا ڪافي مضبوط آهن. ان جي باوجود دنيا جي ٻن سڀ کان وڌيڪ آبادي وارن ملڪن جي اڳواڻن، جيڪي گڏيل طور دنيا جي لڳ ڀڳ هڪ ڏهائي آبادي جي نمائندگي ڪن ٿا، ايران جي خودمختياري جي حمايت ڪئي. آيت الله علي خامنه اي جي شهادت جي مذمت ڪئي. ايران خلاف جاري جنگ کي غيرقانوني قرار ڏنو ۽ ايران جي خودمختياري جي حق جي توثيق ڪئي ۽ اهو سڀ ڪجهه ايران جي صدر سان گڏ ويهي ڪيو.

هن تصوير جي مغربي ميڊيا ۾ لڳ ڀڳ ڪا ڪوريج ناهي، البت الجزيره ۽ ڪجهه ٻين ادارن ان کي رپورٽ ڪيو آهي. ايران جي معاملي تي اها عالمي جاگرافيائي سياست ۾ هڪ وڏي تبديلي جي علامت آهي، جو ته عام طور تي چين ۽ روس به اهڙن معاملن تي مذمتي بيان جاري ڪرڻ تائين محدود رهندا آهن. پر هاڻي اسان ڄاڻون ٿا ته صورتحال ان کان گهڻو اڳتي وڌي چڪي آهي.

روس ايران کي جديد فوجي ٽيڪنالاجي فراهم ڪري رهيو آهي. چين ايران کي پنهنجي بئنڪنگ نظام تائين رسائي فراهم ڪري رهيو آهي. ان جي مالي ڏي وٺ کي سهارو ڏئي رهيو آهي ۽ ان کي فنڊن جي فراهمي لاءِ ڪرپٽو جا متبادل رستا فراهم ڪري رهيو آهي. ٻئي طرف ڀارت واضح طور چئي رهيو آهي ته هو عالمي منڊي ۾ جيستائين ممڪن هوندو، ايراني تيل خريد ڪندو رهندو. جڏهن ته ڀارتي وزيراعظم ايراني صدر سان مرڪندي هٿ ملائڻ جون تصويرون به ڪيرائي رهيا آهن. اها سڄي صورتحال ظاهر ڪري ٿي ته ايران خلاف جنگ خاص طور ايشيا ۽ دنيا جي وڏين طاقتن اندر آمريڪا بابت سوچ کي ڪهڙي حد تائين تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي معاملو رڳو آمريڪي سلامتي جي ضمانت تائين محدود نه رهيو آهي. پر دنيا آمريڪا جي پرڏيهي معاملن ۾ جبري طرزِ عمل تي به سوال اٿاري رهي آهي. ان جي نتيجي ۾ اهي ملڪ آمريڪا سان پنهنجي اتحاد جي بنيادن ۽ مستقبل جي پرڏيهي پاليسي تي ٻيهر غور ڪري رهيا آهن. اتر ڪوريا وٽ ايٽمي هٿيار آهن. هاڻي ڏکڻ ڪوريا به سوچي رهيو آهي. جاپان به ايٽمي هٿيارن بابت سوچي سگهي ٿو. اهو به قابلِ ذڪر آهي ته شنگهائي تعاون تنظيم پنهنجي علائقي ۾ ڪنهن به معاملي کي نظرانداز نه ڪيو ايتري قدر جو فلسطين جي مسئلي جي حل کي به وچ اوڀر ۾ امن جي بنيادي شرط قرار ڏنو ۽ سڀني ميمبر ملڪن ان موقف جي توثيق ڪئي. جيڪڏهن آمريڪا وٽ هاڻي ٻين ملڪن کي مالي دٻاءُ، پابندين ۽ اثاثن کي منجمد ڪرڻ جهڙن هٿيارن ذريعي پنهنجي مرضي مڙهائڻ جي اها صلاحيت به باقي نٿي رهي ته پوءِ دنيا ٻن انتهائي مختلف رستن مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻ تي مجبور ٿي سگهي ٿي. يا ته جنگ کان پاسو ڪيو وڃي يا وري ڪليل ۽ حقيقي جنگ ڏانهن وڃجي. اهوئي سبب آهي جو موجوده صورتحال انتهائي خطرناڪ آهي. منهنجي خيال ۾ اها آخرڪار آمريڪا لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿي. پر ممڪن آهي ته اها ئي صورتحال آمريڪا کي مستقبل ۾ وڌيڪ ذميوارانو طرزِ عمل اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري ۽ جيڪڏهن يورپ آهستي آهستي آمريڪا کان پوئتي هٽندو ويو ۽ گهڻ قطبي عالمي نظام اندر پنهنجو حصو گهري، چين سان گڏ ويهي دنيا جو نظام هلائڻ لاءِ تيار ٿي ويو ته پوءِ يقيناً آمريڪا جي چٽني به ٿيندي ۽ يوني پولر عالمي نظام به ختم ٿي ويندو. نيدرلينڊز ۽ فرانس پنهنجا سون جا ذخيرا نيويارڪ مان يورپ منتقل ڪيا آهن. اهو انهيءَ طرف اشارو ڪري رهيو آهي.

DOLLAR
FIAT CURRENCY
PAPER MONEY | GOVERNMENT ISSUED
CAN BE PRINTED | INFLATION RISK
VS
GOLD
PHYSICAL ASSET
LIMITED SUPPLY | STORE OF VALUE
INTRINSIC VALUE | HEDGE AGAINST INFLATION
999.9
FINE GOLD
NET WT
1000g

ايران_آمريڪا جنگ جا نوان نوان رخ، نيون نيون تياريون

فريد احمد

وچ اوڀر ۾ هاڻي رڳو بيانن جي جنگ ناهي رهي. ميزائل تيار آهن. ڊرون هوا ۾ آهن. جنگي جهاز حرڪت ۾ آهن. سامونڊي ٻيڙا فارسي نار ۾ بيٺل آهن. ۽ تهران جو پيغام صاف آهي: جيڪڏهن جنگ مڙهي وئي ته جواب رڳو هڪ محاذ تي نه ملندو.

هڪ طرف آمريڪا ۽ اسرائيل آهن، ٻي طرف ايران. وچ ۾ فارسي نار، هرمز جو سوڙهو لنگهه. تيل رسد جا عالمي رستا ۽ هڪ اهڙي خطي جي سلامتي آهي، جتي هڪ غلط فيصلو سڄي دنيا جي معيشت کي لوڏي سگهي ٿو.

تهران دعويٰ ڪري رهيو آهي ته هن جا نوان هائپرسونڪ ۽ بئلسٽڪ ميزائل، جن ۾ فتاح ۽ خيبر شڪن شامل آهن، اسرائيل جي آئرن ڊوم، ايس 300 ۽ آمريڪي ٿاڊ جهڙن دفاعي نظامن کي به چڪر ڏئي سگهن ٿا. مطلب صاف آهي: جيڪڏهن ميزائل جنگ شروع ٿي ته ايران رڳو دفاع نه ڪندو جواب ڏيندو.

۽ پوءِ اچي ٿو اصل سوال ته آمريڪي فوجي اڏا محفوظ آهن؟

ايران جو جواب آهي: نه.

تهران چئي رهيو آهي ته خطي ۾ موجود آمريڪي سينٽڪام اڏا، هوائي پٽيون ۽ فارسي نار ۾ موجود سامونڊي جهاز سندس ميزائلن جي مارَ ۾ آهن.

هڪ حملي کان پوءِ جواب ڪيتري دير ۾ اچي سگهي ٿو؟

ايراني دعويٰ مطابق، صرف 15 منٽ.

سيرڪ ۾ شاديءَ جي تقريب تي آمريڪي حملي کان پوءِ ايران پاران يو اي اي، بحرين ۽ ڪويت ۾ موجود چار آمريڪي اڏن کي ميزائلن ۽ ڊرونز سان نشانو بڻائڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. ايراني هوائي فوج پاران 370 کان وڌيڪ دشمن ايئراڪرافٽس ۽ اسٽريٽجڪ ڊرونز کي نشانو بڻائڻ جون دعوائون به ڪيون ويون آهن.

هاڻي جنگ جو ٻيو محاذ کلي ٿو۔ سائبر ۽ نگرانيءَ جو.

وچ اوڀر ۾ موجود آمريڪي فوجين پاران موبائل فونز ۽ ڪمپيوٽرن مان لوڪيشن ٽريڪرز غير فعال ڪرڻ جون خبرون سامهون اچن ٿيون. جيڪڏهن اهي دعوائون درست آهن ته ان جو مطلب هڪ ئي آهي: خطرو هاڻي رڳو آسمان ۾ اڏامندڙ ميزائلن جو ناهي، هر ڊجيٽل سگنل به خطرو بڻجي سگهي ٿو.

پر ايران وٽ اڃا هڪ ٻيو ڪارڊ آهي.

هرمز جو سوڙهو سامونڊي لنگهه.

دنيا جي تيل جي سپلاءِ جو هڪ انتهائي اهم سامونڊي رستو.

تهران جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اقتصادي گهيرو يا تيل جي ناڪابندي ڪئي وئي ته هرمز مان گذرندڙ عالمي تيل جي سپلاءِ کي بند يا مفلوج ڪري سگهجي ٿو.

جيڪڏهن اهو ٿيو ته جنگ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ محدود نه رهندي. ان جو اثر تيل جي قيمتن کان وٺي دنيا جي معيشت تائين پهچي سگهي ٿو.

۽ هتي ئي جنگ جو ٽيون محاذ سامهون اچي ٿو ـ معيشت.

آمريڪا جا اسٽريٽجڪ تيل جا ذخيرا 30 سيڪڙو گهٽجي 286.6 ملين بيرل تائين پهچي ويا آهن، جيڪا 1982ع کان پوءِ 44 سالن جي انتهائي گهٽ سطح قرار ڏني پئي وڃي. ايراني نائب صدر محمد رضا عارف جو چوڻ آهي ته آمريڪا لاءِ ڏکيا ڏينهن شروع ٿيڻ وارا آهن ۽ هاڻي کيس ٻارڻ ذخيرو ڪرڻ بابت سوچڻو پوندو.

پر ايران اڪيلو ناهي.

اولهه جي پابندين باوجود تهران شنگهائي سهڪار تنظيم، برڪس ۽ ٻين معاشي رستن ذريعي پنهنجي تيل جي روانگي واپار ۽ بئنڪنگ نظام کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

واشنگٽن به خاموش ناهي.

ايراني ناڻي جا رستا بند ڪرڻ لاءِ ترڪيءَ جي گولڊن گلوبل بئنڪ تي نيون پابنديون لاڳو ڪيون ويون آهن.

يعني ميزائلن جي جنگ سان گڏ ڊالرن جي جنگ به هلي رهي آهي.

۽ پوءِ اچي ٿو سفارتڪاريءَ جو محاذ.

ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف ۽ چين جو موقف آهي ته وچ اوڀر جي ملڪن کي پنهنجي سلامتيءَ ۽ مستقبل جو فيصلو پاڻ ڪرڻ گهرجي. ٻاهرين مداخلت ختم ڪري علائقائي ملڪن جي بنياد تي نئون دفاعي ڍانچو جوڙڻ گهرجي.

روس ۽ چين ايران کان ڪنڌائتو ٿيڻ واري آمريڪي مطالبي کي رد ڪري چڪا آهن.

واشنگٽن ۾ وري سياسي جنگ تيز آهي. صدر ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي مخالفن، خاص طور ڊيموڪريٽس، تي الزام هڻي رهيو آهي ته اهي ايران خلاف جنگ ۾ آمريڪا جي فتح نه پر شڪست چاهين ٿا.

۽ جڏهن وڏيون طاقتون ميزائل، تيل ۽ پابندين سان هڪ ٻئي کي آزمائي رهيون آهن، تڏهن عمان ۽ قطر وچ ۾ اچي بيٺا آهن.

انهن جو مقصد هڪ ئي آهي: جنگ کي روڪڻ. تهران ۽ واشنگٽن کي ٻيهر ميز تي آڻڻ ۽ ڳالهين لاءِ نئون رستو کولڻ.

پر سوال اڃا به ساڳيو آهي:

ڇا سفارتڪاري ميزائلن کان اڳ پهچي سگهندي؟

ڇا هرمز جو لنگهه کليل رهندو؟

ڇا ايران ۽ آمريڪا جنگ کي محدود رکي سگهندا؟

يا وچ اوڀر ۾ هڪ اهڙو محاذ کلي ويندو، جنهن جو ڌماڪو صرف خطي تائين محدود نه رهندو؟

ڇاڪاڻ ته هن وقت وچ اوڀر ۾ جنگ جي جيڪا دونهين رکي رکي دکي رهي آهي، اها وڏو پيڙ ٿي پڙڪي سگهي ٿي.

ڊالر عالمي اثاثو يا سون؟

سون جي مارڪيٽ تي قبضي جو منصوبو

سنڌي ڊيسڪ

چين جي سڀ کان وڏين بئنڪن مان هڪ 'انڊسٽريل اينڊ ڪمرشل بئنڪ آف چائنا' (ICBC)، پوسٽل سيونگز بئنڪ، پنگ آن بئنڪ ۽ چائنا گوانگ فا بئنڪ پنهنجي ريزڪي گراهڪن لاءِ "پيپر گولڊ ٽريڊنگ" (سون جي ڪاغذي واپار) واري سهولت بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. ان اعلان سان ئي عالمي گولڊ مارڪيٽ ۾ لاٽ چاڙهه شروع ٿي وئي. چين جي سرڪاري موقف موجب، هي قدم عام سيڙپڪارن کي سون جي قيمتن ۾ ايندڙ شديد اتار چڙهاءُ ۽ نقصان کان بچائڻ لاءِ کنيو ويو آهي. جتي اسپاٽ گولڊ جي قيمت 5,500 ڊالر في اونس جي تاريخي سطح تان ڪري تقريبن 4,000 ڊالر في اونس تي اچي وئي آهي.

پر اندر جي اصل ڪهاڻي بلڪل مختلف آهي. حقيقت ۾ اها جنگ ان سوال تي وڙهي پئي وڃي ته حقيقي دولت ڇا آهي ۽ ان جو اصل قدر ڇا هجڻ گهرجي. چين اندازا لڳائڻ، سٽي بازي، مارجن ٽريڊنگ ۽ ڪاغذي دعوائن جو رستو روڪي رهيو آهي، جڏهن ته حقيقي (فزيڪل) سون جي خريداري ۽ وڪري تي ڪا پابندي ناهي.

ڪاغذن ۾ موجود ڄاڻايل سون ۽ حقيقت ۾ موجود سون جو بحث به اهميت رکي ٿو. **لنڊن ۽ نيويارڪ (COMEX) جهڙن اولهه جي مالياتي مرڪزن ۾ روزانو جنهن سون جو واپار ٿئي ٿو ان مان اڪثر ڪاغذي معاهدا هوندا آهن. جن جي پٺيان حقيقي سون ناهي هوندو. دنيا ۾ پيپر گولڊ جو مقدار حقيقي يا فزيڪل سون کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ آهي، جنهن ذريعي سون جي قيمت کي هٿرادو طريقي سان دٻائي رکيو ويو آهي.

ان سٽي بازيءَ کي ختم ڪرڻ سان گڏ چين، بطور رياست، تيزيءَ سان حقيقي سون خريد ڪري رهيو آهي. مئي ۾ چين 163 ٽن سون خريد ڪيو. دنيا جون مرڪزي بئنڪون به تاريخ جي نهايت تيز رفتاريءَ سان حقيقي سون گڏ ڪري رهيون آهن. فقط پهرين ٽه ماهيءَ ۾ 244 ٽن. ورلڊ گولڊ ڪائونسل موجب، انهن مان هڪ وڏو حصو ڳجهي نموني يا اڻ اعلانيل خريداريءَ تي ٻڌل آهي، جنهن جو وڏو سبب آمريڪي ٽريزري بانڊز (قرضن) مان نڪري پنهنجي ذخيرن کي محفوظ بڻائڻ آهي.

هن وقت تائين اولهه بابت چيو ويندو هو ته "سون جي کپت اوڀر ۾ ٿئي ٿي، پر قيمت اولهه طئي ڪري ٿو." چين هاڻي ان چئلينج کي ختم ڪرڻ لاءِ هانگ ڪانگ ۽ شنگهائي گولڊ ايڪسچينج جي سهڪار سان *نئون گولڊ ڪليئرنگ ۽ سيٽلمينٽ سسٽم* جوڙي رهيو آهي. هانگ ڪانگ پنهنجي سون جي گودامن جي گنجائش 200 ٽن مان وڌائي 2,000 ٽن ڪري رهيو آهي. مقصد اهو آهي ته سون جي قيمت جو تعين نيويارڪ يا لنڊن بدران حقيقي رسد ۽ طلب جي بنياد تي چين ۾ ٿئي. مستقبل ۾ جڏهن عالمي واپار يوان (Yuan) ۾ ٿيندو ۽ ان جي پٺيان حقيقي سون موجود هوندو، ته گلوبل سائوٿ جا ملڪ ڊالر بدران يوان تي اعتماد ڪندا.

ان جي جواب ۾ آمريڪا به سون جي پٺڀرائي رکندڙ بانڊز جاري ڪري سگهي ٿو. آمريڪي سرڪاري رڪارڊ ۾ موجود 8,000 ٽن سون جي قيمت اڄ به 1973ع جي قانون موجب صرف 42 ڊالر في اونس لکيل آهي، جنهن جي مجموعي ماليت 11 ارب ڊالر ٿئي ٿي. جيڪڏهن آمريڪا حڪومتي حڪمنامو جاري ڪري ان کي موجوده عالمي قيمت تي آڻي ته ان جي بيلنس شيٽ ۾ اوچتو 1 ٽريلين ڊالر جا نوان اثاثا نروار ٿيندا.

هيءَ جنگ بنيادي طور تي آمريڪا ۽ چين جي وچ ۾ عالمي مالي نظام جي برتريءَ جي آهي. چين آمريڪي ڊالر جي هڪهٽيءَ کي سڌي جنگ کان سواءِ مالي بنيادن تي چئلينج ڪري رهيو آهي. ڪٿي ان عمل کي ڪيترو به عرصو ڇو نه لڳي وڃي، پر عالمي مالياتي نظام هاڻي سنگل پولر (ڊالر ڪنٽرول) مان نڪري ملٽي پولر سسٽم ڏانهن تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائدہ تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 07 سيپٽمبر 2026ع

وڇوٽيون نہ، ويجهڙائيءَ جي ضرورت آهي

ملڪ هن وقت جن حالتن مان گذري رهيو آهي تن کي ڏسندي هڪ ڳالهہ شدت سان محسوس ٿئي ٿي تہ اسان کي وڌيڪ نفرتن ويڇن ۽ وڇوٽين جي نہ پر باهمي سهڪار، ڀائيچاري ۽ ويجهڙائيءَ جي ضرورت آهي قومون اختلافن سان ختم نہ ٿينديون آهن پر اختلافن کي نفرت ۾ تبديل ڪرڻ سان ضرور ڪمزور ٿي وينديون آهن پاڪستان بہ هن وقت اهڙي ئي نازڪ مرحلي مان گذري رهيو آهي جتي سياسي سماجي ۽ علائقائي اختلافن کي گهٽائڻ بدران جيڪڏهن وڌيڪ وڌايو ويو تہ ان جا نتيجا ڪنهن بہ صورت ۾ ملڪ ۽ قوم جي حق ۾ بهتر نہ هوندا ملڪ ۾ اڳ ئي نفرتون پنهنجي انتها تي پهتل نظر اچن ٿيون سياسي اختلاف ذاتي دشمنيءَ جو روپ اختيار ڪري رهيا آهن هڪ صوبي ۽ ٻئي صوبي وچ ۾ شڪ شبها وڌي رهيا آهن جڏهن تہ مختلف علائقن جي ماڻهن ۾ محرومين جو احساس بہ موجود آهي اهڙي ماحول ۾ جيڪڏهن نون منصوبن يا فيصلن ذريعي ماڻهن ۾ وڌيڪ وڇوٽيون پيدا ٿينديون تہ اهو ملڪ جي اتحاد لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندو هن وقت ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ماڻهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آندو وڃي نہ ڪي اهڙا قدم کنيا وڃن جيڪي اڳ ۾ موجود فاصلا وڌيڪ وڌائي ڇڏين بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا جون حالتون سڀني جي سامهون آهن انهن علائقن ۾ وقت بوقت دهشتگرديءَ جا واقعا ٿيندا رهن ٿا ڪڏهن عام شهري دهشتگرديءَ جو نشانو بڻجن ٿا تہ ڪڏهن سيڪيورٽي ادارن جا اهلڪار پنهنجي جانين جي قرباني ڏين ٿا هر اهڙو واقعو ملڪ جي امن معيشت ۽ سماجي زندگيءَ کي ڌڪ پهچائي ٿو انتظاميا ۽ سيڪيورٽي ادارن پاران مختلف آپريشنز جون خبرون پڻ سامهون اينديون رهن ٿيون ۽ ڪيترن ئي دهشتگردن جي مارجي وڃڻ جا اطلاع ملندا آهن پر ان باوجود دهشتگرديءَ جو روڳ ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿو وٺي اهڙي صورتحال ۾ اهو سوال ضرور پيدا ٿئي ٿو تہ رڳو طاقت جي استعمال سان ڇا دائمي امن قائم ٿي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن دهشتگرديءَ جو مسئلو صرف آپريشنن سان حل ٿيڻو هجي ها تہ شايد اڄ حالتون گهڻيون بهتر هجن ها دهشتگرديءَ خلاف ڪارروائي پنهنجي جاءِ تي ضروري آهي پر دائمي امن لاءِ ماڻهن جي دلين کي بہ فتح ڪرڻو پوندو محرومين بي اعتمادي، ناانصافي ۽ سياسي توڙي سماجي فاصلي کي ختم ڪرڻ ڪانسواءِ امن جو بنياد مضبوط نٿو ٿي سگهي اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ ملڪ رڳو سرحدن، عمارتن ۽ ادارن جو نالو ناهي، ملڪ اصل ۾ ماڻهن سان ٺهندو آهي جڏهن ماڻهو پاڻ کي رياست جو برابر حصو سمجهندا، سندن آواز ٻڌو ويندو ۽ سندن مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنجيده ڪوشش ٿيندي تہ ملڪ سان سندن وابستگي وڌيڪ مضبوط ٿيندي ان جي ابتڙ جيڪڏهن ڪنهن طبقي، صوبي يا علائقي کي مسلسل نظرانداز ٿيڻ جو احساس ٿيندو رهيو تہ دلين ۾ فاصلا وڌندا ۽ اهي فاصلا آخرڪار قومي اتحاد لاءِ خطرو بڻجي سگهن ٿا زور ۽ زبردستيءَ سان فيصلا شايد ڪنهن وقت مڙهي سگهجن ٿا پر تاريخ ٻڌائي ٿي تہ طاقت سان مڙهيل فيصلا گهڻو وقت دلين ۾ قبوليت پيدا نٿا ڪري سگهن حڪمرانيءَ جي اصل طاقت ماڻهن جي رضامندي، اعتماد ۽ محبت ۾ هوندي آهي هٺ ۽ وڏائي فقط خدا جي ذات کي جڳائي ٿي انسان مٽيءَ جو پُتلو آهي جيڪو پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪري هڪ ڏينهن پنهنجي خالقِ حقيقيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي تنهن ڪري اقتدار، طاقت ۽ اختيار کي دائمي سمجهڻ بدران انسان کي عاجزي، انصاف ۽ خدمت جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي

هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ ملڪ جي هر حصي، هر صوبي ۽ هر طبقي کي اهو احساس ڏياريو وڃي تہ پاڪستان سڀني جو برابر ملڪ آهي اختلاف راءِ جو حق سڀني کي حاصل آهي پر اختلاف کي دشمنيءَ ۾ تبديل ڪرڻ ڪنهن جي بہ فائدي ۾ ناهي بلوچستان هجي يا خيبر پختونخوا، سنڌ هجي يا پنجاب، گلگت بلتستان هجي يا آزاد ڪشمير، سڀئي علائقا پاڪستان جي وجود جو حصو آهن ۽ انهن جي امن ترقي ۽ خوشحالي ئي ملڪ جي مجموعي خوشحالي آهي تنهن ڪري وقت جي تقاضا اها آهي تہ نفرتن بدران محبت، ويڇن بدران ويجهڙائي ٽڪراءَ بدران ڳالهہ ٻولهہ ۽ زبردستيءَ بدران اعتماد جي روش اختيار ڪئي وڃي ملڪ کي وڌيڪ ورهائڻ نہ پر جوڙڻ جي ضرورت آهي ماڻهن کي هڪ ٻئي کان پري ڪرڻ نہ پر هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ جي ضرورت آهي

ڌرتيءَ جي ورهاڱي خلاف سنڌ حڪومت جو ڏنل واضح پيغام!


ايڊووڪيٽ عبيدالله چاچڙ

ڪَن کي سڄي هٿ سان پڪڙجي يا کبي هٿ سان پڪڙجي پر ڳالهہ ساڳي آهي. اسان هميشہ هڪڙي ڳالهہ مسلسل واضح ڪندا پيا اچون تہ آخر وقت جون حڪومتون ڪڏهن عوامي اُمنگن تي پوريون لهنديون؟ اڄ ملڪ جو عوام گهڻ رُخين مشڪلاتي حالتن کي منهن ڏيڻ ۾ رُڌل آهي تہ مٿان وري نوان نوان سُتل سور جاڳائي بنا ڪنهن جواز جي جهيڙا ڪرايا پيا وڃن. عوام جي حقيقي خدمت بجاءِ رڳو اسيمبلين اندر نعرن جي گونج ٿي رهي آهي. هڪٻئي کي نہ رڳو عورتن جيان ڏوراپا پر ڪڏهن ڪڏهن ڪوڪليون پيڪيون ڏيندي ٻڌڻ ۾ اچن پيون. وفاق جي ذميوار نمائندي پاران سنڌ کي ٽوڙڻ سميت جيڪي نوان صوبا ناهڻ لاءِ زخمن مٿان مرچ ۽ لوڻ ٻرڪڻ واري خبر هئي. ان تان مسلسل ٻين صوبن کان علاوه سنڌ اندر هڪ وڏي سرگرمي ۽ اختلافي ماحول پيدا ٿيل آهي. جتي سنڌ اسيمبليءَ ۾ ويٺل مخالف گروپ پاران نئون صوبو ناهڻ جي گهر ڪئي پئي وڃي. اهڙي گرماگرم صورتحال ڪانپوءِ سنڌ جي سڄاڻ ڌرين شروعاتي طور پنهنجو ردِ عمل ڏيکاريندي سڄي سنڌ ۾ سخت احتجاج ڪندي اهو وچن ڪيو تہ سنڌ هڪ آهي ۽ رهندي، جنهن جو ورهاڱو ڪنهن بہ صورت ۾ ٿيڻ نہ ڏينداسين. اهڙي احتجاجي مهم دوران سنڌ جي مختلف قومپرست ڌرين سنڌ کي ٽوڙڻ واري سازش ۾ سنڌ حڪومت کي اهڙي گهر ڪندڙن سان ڀاڱي ڀائيوار قرار ڏنو ويو آهي. اهڙيون خبرون مسلسل اچڻ ڪانپوءِ نہ رڳو سنڌو درياهہ مان نڪرندڙ جلالپور ڪئنال پر ٻين تڪراري ڪئنالن خلاف تازو شروعاتي طور پ پ پ پاران سڄي سنڌ جي ضلعي هيڊڪوارٽرن شهرن ۾ سخت احتجاج ڪندي گهر ڪئي وئي آهي تہ نہ رڳو جلالپور ڪئنال پر سنڌو درياهہ مٿان لڳندڙ ڏاڙي خلاف هو ڀرپور ردِ عمل ڏيکاريندا.

پاڻ اهو بہ ڏٺو آهي تہ پ پ جيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ پاران سنڌو درياهہ لاءِ "مرسون مرسون سنڌو درياهہ" نہ ڏيسون جهڙو نعرا هڻيو ويو آهي. اهڙي صورتحال ڪانپوءِ سنڌ جا ماڻهو پ پ جي قيادت کان سندن پاليسي واضح ڪرڻ جي گهر ڪندا رهيا. تازو جڏهن وفاقي گهرو وزير پاران اهڙي نئين ڳالهہ سامهون آندي وئي آهي تہ يقيناً سنڌ حڪومت شروعاتي طور پنهنجي پاليسي واضح ڪري ڇڏي تہ هو سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن بہ صورت ۾ ڪرڻ ڪونہ ڏيندا. نتيجي طور حڪمران پارٽي سنڌ جي قيادت پاران اهڙي نازڪ موضوع خلاف سنڌ اسيمبلي ۾ بحث ڪرڻ لاءِ مطالبو ڪيو ويو. شروعاتي طور تي اهڙي مطالبي کي سنڌ دشمن قرار ڏنو پئي ويو پر جڏهن سنڌ اسيمبليءَ جو ٽن ڏينهن تائين مسلسل اجلاس جاري رهيو گڏوگڏ نون صوبن يا انتظامي طور نوان يونٽ ناهڻ جون ڳالهيون ٿيون. ان دوران اسيمبلي ميمبرن خاص طور تي پ پ نمائندن اها ڳالهہ واضح ڪري ڇڏي آهي تہ هو ڪنهن بہ صورت ۾ سنڌ جو ورهاڱو ٿيڻ نہ ڏيندا. اسيمبليءَ جي پهرئين اجلاس ۾ جيتوڻيڪ نئين صوبي جي گُهر ڪندڙ ۽ مخالف ڌُر جي نمائندن بہ اهي ئي ڳالهيون ڪيون تہ هو سنڌ جو ورهاڱو نٿا چاهين. اسيمبليءَ جي ٻئي ڏينهن واري اجلاس دوران مخالف ڌُر ميمبرن اوچتو ڪلابازي کائيندي گهر ڪندا رهيا تہ نئون صوبو نهڻ نہ گهرجي پر انتظامي طور نوان يونٽ نهن، جنهن سان عوامي خدمت ٿيندي. سنڌ اسيمبليءَ مان چوٿون پيرو اتفاق راءِ سان سنڌ جي ورهاڱي خلاف اڪثريتي طور ٺهراءُ پاس ڪيو ويو آهي. اهڙي موجوده صورتحال ڪانپوءِ بہ سنڌ جون قومپرست ڌريون پ پ پ کان اڃان وڌيڪ مطمئن نہ ٿيڻ بعد اهي خبرون بہ هلي رهيون آهن تہ گهرو وزير صدر پاڪستان سان ملڻ لاءِ لنڊن ويل هو، جتي نون صوبن بابت ڪا نئين مشاورت سامهون آئي هوندي. خيرا وقت کان پهريان اهڙي ڳالهہ ڪرڻ يقيناً وقت جو ضايع ضرور هوندو پر اڄ جيڪي حالتون موجود آهن، ان پسمنظر ڏانهن هڪ اک ڦيرائجي ٿي تہ سنڌ جو ماڻهو اڳ ئي گهڻ رخين سازشن جو شڪار ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ چوڻيءَ موجب 'نانگ جو ڏنگيل نوڙيءَ کان ڊڄي' وارو قصو قسمت ۾ پيل آهي. جيئو پيو وڃي تہ سنڌ جي ڪچي وارن علائقن جي بہ هڪ سازش تحت سروي ڪرائي پئي وڃي، جيڪا زمين سنڌ حڪومت هڪ سگهاري ڌر کي ڏيڻ لاءِ سانباها پئي ڪري. پاڻ کي ذاتي طور تي ڄاڻ آهي تہ سنڌ جو ڪچي وارو علائقو اتان جي رهندڙ ڪروڙين ماڻهن جو معاشي گذر سفر آهي. گڏوگڏ صديون پراڻا جيڪي ماڻهو اُتي ويٺل آهن، سي ڪيئن پنهنجون جنم ڀوميون ڇڏيندا. يقيناً جيڪڏهن وقت جون حڪومتون اُتين ئي سنڌ جو ڪچو ڪنهن حوالي ڪنديون رهنديون، جيئن بحريہ ٽائون نالي وڪرو ڪيو ويو هو. ڪٿي وري درياهہ جو سودو ڪيو ويو آهي. اگر هتي اهڙي روايت دهرائي وئي تہ پوءِ خبر ناهي تہ سنڌ جي ڪچي وارو رهواسي ڪيتري حد تائين ردعمل ڏيکارڻ لاءِ وڃي سگهي ٿو؟ ملڪ ۾ نوان صوبا توڙي سنڌ جي ورهاڱي واري بدبوءِ دار مٿل اشوءَ ڪانپوءِ گذريل ڏينهن واري اجلاس دوران وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهہ پنهنجي تقرير ۾ وفاق کي خبردار ڪندي چيو آهي تہ "مٿان قومي اسيمبليءَ ۾ سنڌ ٽوڙڻ واري ڳالهہ ٿيندي هجي."

ساڳئي وقت سنڌ اسيمبليءَ جي ٻين ذميوار نمائندن بہ "سنڌ کي ماءُ" جو لقب ڏيندي هر سازش جو مقابلو ڪرڻ جو وچن ڪيو آهي. اهڙي ٺهراءُ توڙي بحث دوران ڏنل موقف ڪانپوءِ بہ سنڌ جون قومپرست ڌريون اڃان مطمئن نہ ٿيڻ ڪانپوءِ نہ رڳو سنڌ جي ورهاڱي پر نوان انتظامي يونٽ ناهڻ بہ سنڌ دشمن فيصلو قرار ڏئي رهيا آهن. بهرحال هن وقت جون حالتون انتهائي ڏُکئي موڙ تي پهتل آهن. سنڌ سان تعلق رکندڙ سياسي، اقتداري ۽ مخالف ڌُر ۾ ويٺل ڌريون سراپا احتجاج بڻيل آهن. سنڌ جو ورهاڱو ٿيڻ ڪنهن بہ صورت ۾ ناممڪن آهي. باقي حڪومت ۽ مخالف ڌُر عوامي امنگن کي وساري اهڙن مٿل اشوز پٺيان وقت ضايع ڪري رهيون آهن. هن وقت سنڌ گهڻ رُخين مشڪلاتي مرحلن مان گذري رهي آهي، جنهن لاءِ هنن کي هاڪاري ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. تازو سنڌ اسيمبليءَ جي پليٽ فارم تان سنڌ حڪومت اهو واضح پيغام ڏئي ڇڏيو آهي تہ هو سنڌ جو ورهاڱو ڪرڻ ڪڏهن بہ نہ ڏيندي.

اسان جا ٻار: اسان جي ذميواري


محمود شام

حڪومت پنهنجي ڪيترين ئي ذميوارين تان هٿ کڻي انهن کي خانگي شعبي حوالي ڪري رهي آهي پر اها اسان جي ٻارن جي حفاظت واري ذميواري بہ پوري ڪرڻ کان لاچار نظر اچي ٿي 1960ع ۽ 1970ع جي ڏهاڪن ۾ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ صنعتن کي قومي تحويل ۾ وٺڻ جو رواج هلندڙ هو صنعتون قومي ملڪيت ۾ ورتيون ويون، پر پوءِ اهو خيال سامهون آيو تہ اڃا تہ قوم ئي مضبوط نموني وجود ۾ نہ آئي آهي پوءِ ادارا قومي تحويل ۾ ڪيئن هلندا؟ تنهنڪري انهن ڪارخانن ۽ ادارن کي رياست جي ڪنٽرول هيٺ قرار ڏنو ويو. پوءِ وقت بدلجي ويو، چيو ويو تہ ڪاروبار هلائڻ حڪومت جو ڪم ناهي عجيب ڳالهہ اها آهي تہ جن ماڻهن جا ڪاروبار هئا، اهي ئي آهستي آهستي حڪمران بہ بڻجندا ويا. هاڻي حڪمرانن جون ڪيتريون شگر ملون آهن. ماشاءالله تمام سٺو ڪاروبار هلي رهيو آهي پنهنجون هوائي ڪمپنيون بہ ڪاميابيءَ سان هلي رهيون آهن ترقي يافتہ ۽ مهذب ملڪن ۾ بہ اهڙا طريقا اختيار ڪيا ويا پر ڪٿي بہ رياست ۽ حڪومت پنهنجي شهرين جي حفاظت واري ذميواريءَ تان هٿ نہ کنيو. اڄ بہ اسان ڏسون ٿا تہ ڪنهن بہ ملڪ جو سياح يا عام شهري گم ٿي وڃي تہ ان جو سفارتخانو ڪيئن فوري طور حرڪت ۾ اچي وڃي ٿو.

ڪئناڊا، آمريڪا ۽ برطانيا پنهنجي شهرين جي ٻارن بابت ايترا فڪرمند هوندا آهن جيترا شايد خود والدين بہ نہ هجن پاڪستان ۽ ٻين ايشيائي ملڪن مان لڏي ويل خاندانن کي اتي ڪڏهن ڪڏهن عجيب حالتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. مثال طور ٻار جي عمر مطابق ڪار ۾ ڪهڙي سيٽ هجڻ گهرجي؟ ٻار ٿورو وڏو ٿيندو تہ ڪهڙي سيٽ استعمال ڪئي وڃي؟ ماڻهون هلندڙ ڪار ۾ ٻار کي کير ٿڃ نٿا پياري سگهن ان لاءِ گاڏي ڪنهن محفوظ هنڌ تي بيهارڻي پوي ٿي پوءِ ماءُ پنهنجي ٻار جي ضرورت پوري ڪري سگهي ٿي پوليس، سرڪاري ادارا ۽ عدالتون والدين جي معمولي غفلت جو بہ سخت نوٽيس وٺن ٿيون ۽ ڪڏهن ٻار يا ٻارڙي کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏين ٿيون اها آهي ماءُ جهڙي رياست! اسان جي ملڪ ۾ صورتحال اها آهي تہ رياست ۽ حڪومت موجود هوندي بہ ٻار پنهنجي ماءُ پيءُ جي موجودگيءَ ۾ بہ لاوارثي جو شڪار آهن ٻار اغوا ڪيا وڃن ٿا، انهن سان زيادتيءَ جون خبرون اچن ٿيون پوليس جو رويو ڪهڙو آهي؟ ننڍيون وڏيون عدالتون ٻارن کي ڪيتري اهميت ڏين ٿيون؟ والدين ٻار پيدا ڪرڻ جو شوق تہ گهڻو رکن ٿا پر انهن جي حفاظت، پرورش ۽ تربيت کان ڪيترا غافل آهن؟ ۽ جڏهن اهي سڀئي عنصر گڏجي وڃن ٿا تہ آخرڪار ان جو شڪار اسان جو مستقبل ٿئي ٿو اسلام آباد جي وڏي اسپتال پمز ۾ 15 ٻارن جي باهہ ۾ زنده سڙي وڃڻ جو ڏک تہ اسان سڀ برداشت ڪري چڪا آهيون بہ ٽي ڏينهن ملڪ ۾ ٻارن جي اهميت بابت وڏو شور رهيو. ان کان پوءِ وري ساڳيون حالتون واپس اچي ويون ان صبح راڄڌاني ۾ باهہ وسائڻ لاءِ پاڻي موجود نہ هو ۽ هاڻي اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ ايترو پاڻي آهي جو رستا درياهہ بڻجي رهيا آهن هڪ پيءُ، هڪ ڏاڏي ۽ هڪ ناني جي حيثيت سان مان ڪافي عرصي کان پريشان آهيان مان ڪيترن سالن کان لکندو رهيو آهيان تہ هر آچر تي پنهنجي ٻارن جي ذهنن ۾ موجود سوالن جا جواب ڏيندا ڪريو انهن کان سندن اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين بابت پڇو سندن آفيسن ۽ ڪم ڪار بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪريو پاڪستان جي مختلف علائقن مان ايندڙ خبرن مان محسوس ٿئي ٿو تہ ٻار ۽ ٻارڙيون رياست جي نظراندازيءَ جو شڪار تہ آهن ئي پر ساڳئي وقت والدين جي غفلت جي سزا بہ ڀوڳي رهيا آهن اڳ وانگر پاڙي ۾ ڪنهن جي ڌيءَ کي سڀني جي گڏيل ذميواري نٿو سمجهيو وڃي پاڙي واري ثقافت ختم ٿيندي پئي وڃي ويجهن رشتن ۾ بہ پئسي جي لالچ وڌي رهي آهي رت جا رشتا بہ ڪيترن هنڌن تي پئسي اڳيان ڪمزور ٿيندا پيا وڃن اسڪولن جو ماحول خراب ٿي ويو آهي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ حفاظت، عزت ۽ پاڪدامني جهڙا لفظ جڻ بي معنيٰ ٿيندا پيا وڃن اهڙو ماحول آخر ڇو پيدا ٿيو آهي؟ ان جا ڪهڙا سبب آهن؟ هن بگاڙ جو ذميوار ڪير آهي؟ اهو ڪهڙين سماجي لاڙن جو نتيجو آهي؟ ملڪ ۾ اهي تڪرار ۽ بحث هلي رهيا آهن پر رياست کي شايد ان جي ڪا گهڻي ڳڻتي ناهي جڻ اها چاهي ٿي تہ 25 ڪروڙ ماڻهو انهن ئي بحثن ۾ قائل رهن ۽ هوءَ پنهنجا مقصد ۽ مفاد آرام سان حاصل ڪندي رهي اهڙي صورتحال ۾ والدين جي ذميواري وڌيڪ وڌي وڃي ٿي اڄ منهنجو موضوع بہ اهو ئي آهي مون لاءِ اهو اطمينان ضرور آهي تہ مان ڪيترن ئي سالن کان هن طرف ماڻهن جو ڌيان ڇڪائيندو رهيو آهيان منهنجي درخواست آهي تہ عصر جي نماز کان پوءِ پاڻي واري پاڻيءَ کي بہ وقت ڏيو هاڻي جيڪي هوائون هلي پيون آهن انهن سان اوندهہ وڌندي پئي وڃي اولهہ جي دنيا اسان جي گڏيل خاندان واري تهذيب کي ڪاروبار ۽ مارڪيٽ جي ذريعي ختم ڪرڻ تي چڙهي تہ سندرو ٻڌيو بيٺي آهي سوشل ميڊيا ذريعي اهڙيون ڪهاڻيون ٻڌايون ۽ ڏيکاريون وڃن ٿيون پوءِ ٻارن جو وهڪرو بہ اهڙين ٽڪ ٽاڪ وڊيوز ۽ ريلز ڏانهن اچي رهيو آهي ڪير ڏسي ٿو تہ انهن مان ڪيترا ڪاروبار سماج لاءِ فائديمند آهن ۽ ڪيترا رڳو ڊالر ڪمائڻ لاءِ ڪيا پيا وڃن؟ ۽ انهن جا سماج تي ڪهڙا اثر پئجي رهيا آهن؟ اسان جا علم سگهورا بہ انهن خطرناڪ لاڙن تي گهڻو غور نٿا ڪن نفسيات ۽ انساني روين جا ماهر بہ اهو تجزيو نٿا ڪن تہ جنسي خواهش آخر درندگيءَ جي حد تائين ڇو پهچي وئي آهي

پهريان ٻارڙين پيئرن ۽ ماڻرن جي عزت پامال ڪئي وڃي ٿي پوءِ انهن کي قتل بہ ڪيو وڃي ٿو سماج ۾ اهڙا خوفناڪ لاڙا ڇو وڌي رهيا آهن؟ اهي ڪهڙن علائقن ۾ وڌيڪ ٿين ٿا؟ ڇا اهو معاشي اڻبرابريءَ جو نتيجو آهي؟ ڇا اهو ان ڪري آهي جو هر ماڻهوءَ کي برابر سياسي حق حاصل ناهن؟ ڇا آئين جي بي قدري ان جو سبب آهي؟ انهن سڀني سوالن تي بحث ٿيڻ گهرجي ۽ بحث ٿيندو بہ رهندو پر منهنجي هر ماءُ ۽ هر پيءُ کي گذارش آهي تہ سڀ کان پهرين اوترائي ٻار پيدا ڪريو جيترن کي اوهان سنڀالي سگهو ٿا، جيترن جي عزت، جان ۽ عصمت جي حفاظت ڪري سگهو ٿا اهو بہ جاچي وٺو تہ اوهان مهيني ۾ ڪيترا پيرا پنهنجي ٻار يا ٻارڙيءَ جي اسڪول وڃو ٿا ڇا اوهان کين پاڻ اسڪول ڇڏڻ اچو ٿا؟ ڇا پاڻ وٺڻ وڃو ٿا؟ ڇا هر روز سندن اکين ۾ ڏسو ٿا تہ ڪٿي انهن جي اندر ڪو خوف تہ پيدا نہ ٿي رهيو آهي؟ جيڪڏهن اوهان جو ٻار وين يا بس ذريعي اسڪول وڃي ٿو تہ ڇا اوهان ان وين يا بس جي ڊرائيور ۽ ڪنڊڪٽر بابت ڪجهہ ڄاڻو ٿا؟ وين وارو اوهان جي ٻار کي سڀ کان پهرين وٺي ٿو يا سڀ کان آخر ۾؟ ۽ کيس اسڪول مان ڪڏهن واپس ڇڏي ٿو؟ اسڪول جي اندر ڪهڙو ماحول آهي؟ استاد ڪيئن آهن؟ اسڪول جو مالڪ ڪير آهي؟ تعليم کاتي جو ڪو آفيسر اسڪول جي چڪاس لاءِ اچي ٿو يا نہ؟ صرف اسڪول ويندڙ ٻارن تي ئي نہ پر ديني مدرسن ۾ پڙهندڙ ٻارن ۽ ٻارڙين جي ماحول تي بہ والدين کي نظر رکڻ گهرجي هڪ ٻي ضروري ڳالهہ اها آهي تہ جيڪڏهن اوهان غريب طبقي سان تعلق رکو ٿا ۽ پنهنجي پٽن يا ڌيئرن کي ڪنهن گهر يا آفيس ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو ٿا تہ اتي جي ماحول جو بہ جائزو وٺو. اها بہ اوهان جي ذميواري آهي مختصر ڳالهہ اها آهي تہ اسان حڪومت ۽ حڪمرانن جي اصلاح شايد نہ ڪري سگهون، ڇاڪاڻ تہ ملڪ ۾ اهڙا ڪيترائي نظام ۽ وسيلا جڻ ختم ڪيا ويا آهن پر والدين جي حيثيت سان ۽ هن ملڪ جي شهرين جي حيثيت سان جيڪي ذميواريون اسان تي عائد ٿين ٿيون، انهن کي پوري سنجيدگيءَ ۽ حساسيت سان نڀائڻ وقت انتهائي نازڪ آهي اسان سڀني کي خبردار ۽ هوشيار رهڻو پوندو

شاهہ بخاريءَ جي عرس مبارڪ جي مناسبت سان!

ميلا سنڌ جي ماڻهن کي هڪ ٻئي سان ملڻ، خوشيون ورهائڻ، پنهنجي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ ۽ بزرگن جي ڏنل پيغام کي ياد ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪندا آهن حيدرآباد جي علائقي هٽڙيءَ پرسان شاهہ بخاريءَ جي ڳوٺ ۾ قائم درگاهہ حضرت ابراهيم شاهہ سرخ بخاري پڻ اهڙي ئي هڪ روحاني ۽ ثقافتي مرڪز طور سڃاتو وڃي ٿو درگاهہ حضرت ابراهيم شاهہ بخاريءَ جو ساليانو ميلو هن سال بہ وڏي عقيدت، احترام ۽ ڌام ڌوم سان ملهايو پيو وڃي ٽن ڏينهن تائين جاري رهندڙ هي ميلو 22، 23، 24 ۽ 25 ربيع الاول مطابق اڄ سومر تائين جاري رهندو شاهہ بخاري روڊ، پام وليج 5، باءِ پاس پرسان ڳوٺ شاهہ بخاري، تعلقي حيدرآباد ٻهراڙيءَ ۾ لڳندڙ اهو ميلو هڪ وڏي روحاني ۽ ثقافتي سرگرميءَ جو مرڪز بڻجي سامهون آيو آهي سنڌ جي مختلف علائقن مان مريد، عقيدتمند، زائرين ۽ عام ماڻهو وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري رهيا آهن

سنڌ ۾ ملاکڙي جي روايت صدين کان هلندي اچي ٿي ملاکڙو سنڌ جي مشهور ثقافتي راند آهي حضرت ابراهيم شاهہ بخاريءَ جي ميلي ۾ ملاکڙي جو اهتمام بہ ماڻهن لاءِ خاص ڪشش رکي ٿو مختلف علائقن مان پهلوان ملاکڙي ۾ حصو وٺڻ لاءِ اچن ٿا ميدان ۾ پهلوانن جا مقابلا ٿين ٿا ۽ شوقين وڏي دلچسپيءَ سان انهن مقابلن کي ڏسن ٿا ميلي ۾ مٺائي، رانديڪا، ڪپڙا، چوڙيون، گهريلو سامان ۽ مختلف شيون وڪڻندڙن پنهنجا دڪان يا اسٽال سجائي ويٺا آهن حيدرآباد ۾ ٿيندڙ هي ميلو ان لحاظ کان بہ اهم آهي جو حيدرآباد شهر سنڌ جو هڪ وڏو تاريخي، ثقافتي ۽ واپاري مرڪز آهي شهر جي ڀرپاسي ۾ موجود ڳوٺن ۽ درگاهن جا ميلا حيدرآباد جي ثقافتي زندگيءَ کي وڌيڪ خوبصورت بڻائين ٿا اڄ جي جديد دور ۾ جتي ماڻهن جي زندگي تيز رفتاريءَ سان تبديل ٿي رهي آهي موبائل فون، انٽرنيٽ، سماجي رابطن جون ويب سائيٽون ۽ جديد تفريح جا وسيلا ماڻهن جي زندگيءَ جو حصو بڻجي ويا آهن ان باوجود سنڌ جا روايتي ميلا پنهنجي اهميت برقرار رکيو اچن پيا، جيڪي نئين نسل لاءِ اهميت وڌيڪ رکن ٿا. هونئن بہ سنڌ جي صوفي روايت جو بنيادي پيغام محبت ۽ انسانيت آهي ۽ سنڌ جي بزرگن ۽ صوفين هميشہ محبت، رواداري ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو آهي

(زاهد حسين ملاح)

سنڌ اسيمبليءَ جي قرارداد کي ڪيترو مانُ ملندو؟

اياز وگهيو

سنڌ جي سياست ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر اهو سوال انتهائي اهميت سان اڀري آيو آهي تہ ڇا سنڌ کي انتظامي يونٽن يا نئين صوبي جي نالي تي ورهائڻ جي ڪا ڪوشش ڪئي ويندي؟ اهو سوال رڳو سياسي بحث ناهي پر سنڌ جي تاريخ، سڃاڻپ، آئيني حيثيت ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل سان واڳيل هڪ حساس معاملو آهي. 3 سيپٽمبر 2026ع تي سنڌ اسيمبليءَ سنڌ جي جاگرافيائي وحدت ۽ صوبائي حدن ۾ ڪنهن بہ تبديليءَ کي رد ڪندي قرارداد منظور ڪئي آهي. پ پ پ اڳواڻ نثار احمد کهڙي طرفان پيش ڪيل قرارداد سنڌ جي چونڊيل ايوان جو واضح موقف سامهون آڻي ٿو تہ سنڌ جي وحدت تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو قبول نہ ڪيو ويندو. اها قرارداد رڳو ايوان جي ڪارروائي نہ پر چونڊيل نمائندن ذريعي عوام جي سياسي احساسن ۽ آئيني حقن جي ترجماني پڻ آهي. سنڌ اسيمبلي عوام جي ووٽ سان وجود ۾ آيل آئيني ادارو آهي. تنهنڪري سنڌ جي جاگرافيائي حيثيت، صوبائي حدن يا مستقبل بابت ڪنهن بہ تجويز ۾ سنڌ جي چونڊيل ايوان جي راءِ کي نظرانداز ڪرڻ جمهوري اصولن سان ٽڪراءُ هوندو. جمهوريت جو مطلب صرف چونڊون ڪرائڻ ناهي، بلڪہ جمهوريت جو اصل مطلب عوام جي مينڊيٽ ۽ ان جي چونڊيل ادارن جي راءِ جو احترام ڪرڻ آهي.

انهيءَ پسمنظر ۾ وفاقي گهرو وزير جو اهو موقف تہ هو نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي ڳالهہ تان پوئتي نہ هٽندو، يقيناً هڪ سنجيده سياسي بحث کي جنم ڏئي ٿو. جيڪڏهن نون صوبن جو تصور انتظامي ضرورتن، عوامي خواهشن ۽ آئيني طريقيڪار سان مشروط آهي تہ پوءِ سنڌ بابت بنيادي سوال اهو ئي آهي تہ سنڌ جي عوام ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي واضح راءِ کي ڪيتري اهميت ڏني ويندي؟ ملڪي آئين هن معاملي ۾ هڪ واضح حد مقرر ڪري ٿو. آرٽيڪل 239 (4) تحت جيڪڏهن ڪنهن آئيني ترميم سان ڪنهن صوبي جون حدون تبديل ٿين ٿيون تہ اها ترميم صدر وٽ منظوريءَ لاءِ ان وقت تائين پيش نٿي ڪري سگهجي، جيستائين لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي پنهنجي ڪُل ميمبرشپ جي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڀاڱي ٽي جي اڪثريت سان ان جي منظوري نٿي ڏئي. تنهنڪري صوبائي حدن بابت بحث رڳو سياسي بيانن سان اڳتي نٿو وڌي سگهي. ان لاءِ آئيني عمل ۽ لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ جي رضامندي بنيادي حيثيت رکي ٿي. اصل سوال اهو آهي تہ سنڌ جي انتظامي مسئلن جو حل آخر ورهاست ۾ ئي ڇو پيو ڳوليو وڃي؟

سنڌ کي بهتر حڪمراني گهرجي، مضبوط مڪاني حڪومت گهرجي، معياري تعليم، صحت جون سهولتون، روزگار، صنعت جي بحالي ۽ جديد انفراسٽرڪچر گهرجي. جيڪڏهن شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ ترقيءَ جو فرق موجود آهي تہ ان جو حل انتظامي ورهاست کان اڳ ادارن کي مضبوط ڪرڻ ۾ ڇو نہ ڳوليو وڃي؟ نوان ضلعا، بااختيار مڪاني ادارا، شفاف انتظام ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ انتظامي سهولت جا وڌيڪ عملي رستا ٿي سگهن ٿا.

سنڌ پاڪستان جي معاشي زندگيءَ ۾ پڻ بنيادي اهميت رکي ٿي ڪراچيءَ جون بندرگاهون، سنڌ جي صنعت ۽ زراعت، تيل ۽ گئس جا ذخيرا ۽ ٿر جو ڪوئلو ملڪي معيشت لاءِ اهم وسيلا آهن. آئين جا آرٽيڪل 161 ۽ 172 (3) پڻ قدرتي وسيلن بابت صوبن جي حقن کي تسليم ڪن ٿا. ان ڪري سنڌ جو سوال صرف سياسي ناهي پر اهو معاشي حقن، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ ترقيءَ سان بہ ڳنڍيل آهي.

سنڌ جو عوام اهو پڇڻ جو حق رکي ٿو تہ جيڪڏهن سنڌ جا وسيلا ملڪي معاشي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا تہ پوءِ سنڌ جي عوام کي انهن وسيلن مان ترقي، روزگار، تعليم، صحت ۽ بنيادي سهولتن جي صورت ۾ پنهنجو جائز حصو ڇو نہ ملڻ گهرجي؟ سنڌ رڳو نقشي تي ٺهيل هڪ انتظامي سرحد ناهي. ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين، ٿر کان ڪوهستان تائين ۽ حيدرآباد کان جامشوري تائين پکڙيل اها ڌرتي هزارين سالن جي تاريخ، تهذيب، ثقافت ۽ گڏيل سياسي شعور جي امين آهي. سنڌ ۾ مختلف قومون، ٻوليون، برادريون ۽ ثقافتي روايتون ضرور آهن پر اهي سڀ گڏجي سنڌ جي وسيع سڃاڻپ جو حصو آهن. هاڻي پيپلز پارٽيءَ تي بہ هڪ اهم تاريخي ذميواري لاڳو ٿئي ٿي تہ جيڪڏهن سنڌ اسيمبليءَ قرارداد منظور ڪري چڪي آهي تہ اها قرارداد رڳو ايوان جي رڪارڊ تائين محدود نہ رهڻ گهرجي. سنڌ جي وحدت، صوبائي خودمختياري ۽ آئيني حقن بابت واضح سياسي حڪمتِ عملي اختيار ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. پ پ طرفان 12 سيپٽمبر کان سنڌ جي ورهاست خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان پڻ اچي چڪو آهي. جيڪڏهن سنڌ جي ورهاست بابت وفاقي سطح تي بيانن جو سلسلو جاري رهي ٿو تہ سنڌ جي سياسي قيادت کي جذباتي نعريبازيءَ بدران منظم، پُرامن ۽ آئيني جدوجهد جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي. وڪيلن، استادن، شاگردن، هارين، مزدورن، واپارين، دانشورن ۽ سول سوسائٽيءَ کي گڏ ڪري اهڙي عوامي رابطا مهم هلائي سگهجي ٿي، جيڪا ڪنهن قوم، شهر يا ٻوليءَ خلاف نہ هجي پر آئين جي بالادستي، صوبائي حقن ۽ عوام جي مينڊيٽ جي احترام لاءِ هجي. جو تہ قرارداد تڏهن سياسي طاقت بڻجي ٿي، جڏهن ان جي پويان عوام جو شعور، سياسي قيادت جو عزم ۽ جمهوري جدوجهد موجود هجي.

اڄ اسان کي اهو طئي ڪرڻو آهي تہ سنڌ جي مسئلن جو حل سنڌ کي ڪمزور ڪرڻ ۾ آهي يا سنڌ جي ادارن کي مضبوط ڪرڻ ۾؟ تاريخ ٻڌائي ٿي تہ قومون ورهائڻ سان مسئلا ختم ناهن ٿيندا. مسئلا بهتر حڪمراني، انصاف، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ عوام جي شموليت سان حل ٿيندا آهن. ايندڙ نسل اسان کان ضرور پڇندو تہ جڏهن سنڌ جي وحدت بابت سوال ٿي رهيو هو، تڏهن توهان ڪٿي بيٺل هئا؟ اسان جو جواب اهو هجڻ گهرجي تہ اسان نفرت بدران جمهوريت، ٽڪراءَ بدران آئين ۽ سياسي انتشار بدران دليل جو رستو اختيار ڪيو هو پر پنهنجي تاريخي سڃاڻپ، آئيني حقن ۽ ڌرتيءَ جي وحدت تي سمجهوتو نہ ڪيو. سنڌ ڪا جاگير ناهي، جيڪا سياسي خواهشن سان ورهائي سگهجي، بلڪہ سنڌ تاريخ، سڃاڻپ ۽ هڪ زنده سياسي وجود آهي. ان جي مستقبل جو فيصلو ڪنهن هڪ بيان سان نہ پر آئين، عوام جي مرضيءَ ۽ جمهوري عمل سان ٿيندو. سنڌ هڪ هئي، آهي ۽ رهندي! ڇو تہ سنڌ رڳو ڌرتي ناهي پر سنڌ اسان جي تاريخ، سڃاڻپ ۽ ايندڙ نسل جي امانت آهي.

اڄوڪو ڏينهن ---- 07 سيپٽمبر

مختيار انڙ

تيرٿ بسنت

تيرٿ بسنت سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ساهتڪار هو. هن جو جنم خيرپور جي لقمان واري علائقي ۾ 1909ع ۾ ٿيو هو. هن جي پيدائش جي تاريخ تي ڪجهہ اختلاف آهي سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ هن جي جنم جي تاريخ 7 جولاءِ لکي وئي آهي مشهور محقق ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ 7 سيپٽمبر لکي آهي هندستان مان شايع ٿيندڙ اڪثر مضمونن ۾ بہ سندس جنم جي تاريخ 7 سيپٽمبر 1909ع لکي وئي آهي انهيءَ ڪري اسان کي بہ 7 سيپٽمبر صحيح لڳي ٿي هو اڃا سال کن جو مس هو جو سندس والده وفات ڪئي جنهن ڪري هن جي پرورش سندس ڏاڏيءَ جي هٿن ۾ ٿي هن اسڪول ۾ فقط ڇهہ درجا پڙهيا پر پنهنجي ذاتي مطالعي سان سنڌي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين تي عبور حاصل ڪيائين ادبي دنيا ۾ هن جو سفر لڳ ڀڳ پنجن ڏهاڪن تي مشتمل آهي شروع ۾ هن ان وقت جي مشهور رسالن سنڌ آبزرور ۽ ايڊوانس انڊيا ۾ انگريزيءَ ۾ مضمون لکڻ شروع ڪيا، بعد ۾ روشني ۽ قليلي رسالن ۾ سنڌيءَ ۾ بہ مضمون لکڻ شروع ڪيائين اڳتي هلي هن ڪيترئين ئي ڪهاڻيون، مضمون، ناٽڪ، سوانحي خاڪا ۽ ٻيا ليک لکيا. ايتريقدر جو شاعري بہ ڪيائين هن ڪيترائي ڪتاب ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا سندس لکيل ڪتابن جو تعداد چاليهن کان بہ وڌيڪ آهي هن 30 سيپٽمبر 1940ع ۾ لاڏاڻو ڪيو.

زيب سنڌي

اڄ ٽيليويزن ليکڪ، براڊڪاسٽر ۽ تعليمي ماهر زيب سنڌي پنهنجي سالگرهہ ملهائي رهيو آهي زيب سنڌيءَ جو اصل نالو محمد خان ولد عبدالقادر شيخ آهي ۽ هن جو جنم 7 سيپٽمبر 1957ع تي خيرپورميرس ۾ ٿيو هن پرائمريءَ کان وٺي بي اي تائين تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي ۽ ايم اي (سنڌي) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ريڊيو پروڊيوسر طور ڪئي پر بعد ۾ اها نوڪري ڇڏي تعليم کاتي ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر جي عهدي تي پهچي رٽائر ٿيو سنڌي ادبي دنيا ۾ هو هڪ سرموڙ شاعر ۽ بلنديءَ جي ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ڊراما نگار طور سڃاتو وڃي ٿو هن جي پهرين ڪهاڻي "زخمي دل" 1974ع ۾ رهبر ڊائجيسٽ ۾ ڇپجي پڌري ٿي ان بعد هو لاڳيتو لکندو رهيو آهي هن جي ڪتابن ۾ "گهٽيل خواهشون" (ڪهاڻيون)، "زندگي درد جي ٻانهن ۾" (ڪهاڻيون)، "ڪنڊ ۾ گم ٿيل منظر" (ڪهاڻيون)، "حيدرآباد 47 ڪلوميٽر" (ڪهاڻيون)، "سيتا زينب" (ناول) ، "توکي مون ساريو" (نثري تحريرون)، "آواره بادل ۽ زيب" ۽ "ڪيفي قليچ" شامل آهن ان کان علاوه هن ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪيا آهن ۽ ترتيب ڏنا آهن هن جا سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ لکيل ڪيترائي ڊراما ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان براڊڪاسٽ ۽ ٽيليڪاسٽ ٿي چڪا آهن هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي مختلف پروگرامن جي ڪمپيئر طور بہ چڱو پاڻ ملهايو آهي هن 1982ع ۾ سڳنڌ پبليڪيشن جي نالي سان لاڙڪاڻي ۾ هڪ اشاعتي ادارو قائم ڪيو، جنهن پاران مختلف ليکڪن جا لڳ ڀڳ چاليهہ ڪتاب ڇپرايا ويا.



مينا شهدادپوري

اڄ هندستان جي مشهور سنڌي شاعره ۽ اداڪاره مينا شهدادپوريءَ جي سالگرهہ جو ڏينهن آهي هوءَ نامور سنڌي ليکڪ جڳديش شهدادپوريءَ جي گهر واري آهي هن جو جنم 07 سيپٽمبر 1959ع تي هندستاني گجرات جي پالنپور شهر ۾ ٽيڪمداس لکواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو هن بي ٽي سي بي ڪام ۽ بينڪ جي آفيسر گريڊ جو سي آءِ آءِ بي جو امتحان پاس ڪيو هن اسٽيٽ بينڪ آف انڊيا ۾ اسپيشل اسسٽنٽ طور پنهنجا فرض نڀائي رٽائر ڪيو مينا شهدادپوريءَ جو شمار هندستان جي ٽاپ ڪلاس سنڌي شاعرائن ۽ ليکڪائن ۾ ٿئي ٿو هن جا ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جن ۾ "منهنجو پارٽ مهان"، "ساجن جي ياد"، "گل ٽڙيا گلاب جا"، "پيچ پريت جو"، "سونهن جي سوغات" ۽ "استري هڪ پرولي" شامل آهن مينا شهدادپوريءَ اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ هڪ صداڪاره ۽ اداڪاره طور ڪم ڪيو آهي گڏوگڏ هن ڪيترين ئي سنڌي فلمن ۾ پڻ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا آهن

عزيز رانجهائي

هن نامور اديب ۽ محقق جو پورو نالو عبدالعزيز رانجهائي آهي ۽ پاڻ 7 سيپٽمبر 1968ع تي دادو ضلعي جي تعلقي جوهيءَ جي ڳوٺ ڇنيءَ ۾ ڄائو پرائمري تعليم ڳوٺ مان وٺي، مئٽرڪ ۽ انٽر دادوءَ مان پاس ڪيائين هن مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيءَ مان پيٽروليم ۽ گئس انجنيئرنگ واري شعبي مان گريجوئيشن ڪئي ۽ آئل ۽ گئس ڊولپمينٽ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري حاصل ڪيائين 1980ع کان وٺي ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان لاڳاپيل رهيو آهي جن ۾ سنڌي ادبي سنگت، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان، فرينڊس آف انڊس، لعل شهباز ميلا ڪميٽي، دادو پريس ڪلب، دادو شهري اتحاد، ڪيرٿر ايڪسپلورر ۽ ٻيون تنظيمون شامل آهن هن ابتدا ۾ عزيز ڪاڇيلي جي نالي سان لکيو. هن 1985ع کان هڪ رپورٽر ۽ ڪالم نگار طور مختلف اخبارن ۾ ڪيترائي ليک لکيا آهن هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "مها پوڙ" ۽ "سنڌ جون ڍنڍون" شامل آهن کيس مختلف شعبن ۾ بهتر ڪارڪردگيءَ سبب ايوارڊ بہ مليا آهن 1993ع ۾ لعل شهباز قلندر جي ميلي جي موقعي تي دادو ضلعي جي تاريخي ماڳن ۽ مڪانن جي فوٽوگرافي نمائش ۽ ميلي جي انتظامن تي کيس شهباز ايوارڊ مليو 1998ع ۾ منڇر ڍنڍ ۾ ماحولياتي گدلاڻ سبب مسلسل لکڻ تي گڏيل قومن جي علمي اداري آءِ يو سي اين پاران کيس ايوارڊ ۽ انعام سان نوازيو ويو 2012ع ۾ فرينڊس آف انڊس پاران کيس گرين جرنلسٽ ايوارڊ سان نوازيو ويو.

انور سومرو

هن نامور صحافيءَ، ليکڪ ۽ سياسي ۽ سماجي ڪارڪن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1979ع ۾ شڪارپور ضلعي جي شهر چڪ ۾ ٿيو هن مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي شهر چڪ مان حاصل ڪئي جڏهن تہ وڌيڪ اعليٰ تعليم سکر مان حاصل ڪيائين هن اسڪول واري زماني کان ئي سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو 12 سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ ٻارڙن جي تنظيم "مارئيڙا ٻالڪ سنگت" جي سٿ جو ساٿاري بڻجي ويو ۽ ان ڪانپوءِ "جيئي سنڌ لطيف سنگت" سان سلهاڙيل رهيو 1990ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪيائين ۽ ان بعد "عوامي ورڪرس پارٽيءَ" جي سرگرمين ۾ حصو ورتائين صحافت جي دنيا ۾ بہ سندس ڪاوشون ساراهڻ جوڳيون آهن هن طارق عزيز کوراڻيءَ سان گڏجي "روزاني واڪا" جاري ڪئي ان کان علاوه "روزاني سنڌ جو آواز" جو ڊپٽي ايڊيٽر، "روزاني امڪان" جو نيوز ايڊيٽر ۽ "عبرت گروپ آف پبليڪيشنز" جي "سنڌو ڊائجيسٽ" جو سب ايڊيٽر رهيو. ڪجهہ ٻين اخبارن ۽ ادبي رسالن سان پڻ لاڳاپيل رهيو ادبي دنيا ۾ هڪ شاعر ۽ نثر نويس طور پنهنجي ساک قائم ڪئي اٿس هو مختلف اين جي اوز ۽ سماجي تنظيمن سان پڻ لاڳاپيل رهيو آهي

ساوڻ راڄڙ

ساوڻ راڄڙ نئين ٽهيءَ جو هڪ سٺو شاعر، ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار ۽ محقق آهي هن جو جنم 7 سيپٽمبر 1981ع تي اڇڙي ٿر جي ڳوٺ محمد بچل راڄڙ ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم ڳوٺ حاجي محمد حسن راڄڙ جي مسجد اسڪول مان حاصل ڪئي ڇهين، ستين ۽ اٺين ڪلاس جا امتحان گورنمينٽ مڊل اسڪول ٽنڊي مٺا خان مان ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڇوٽيارين مان پاس ڪيائين ان بعد انٽرميڊيئيٽ جو امتحان گورنمينٽ ڪاليج کپرو مان پاس ڪيائين. هن 1995ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو. هن اڇڙو ٿر ادبي فورم جو بنياد رکي پنهنجي ٿر ۾ ادبي سرگرمين کي هٿي وٺرائي آهي ان کان علاوه اڇڙو ٿر پبليڪيشن قائم ڪري سلسليوار رسالو "اڇڙو ٿر" جاري ڪيو اٿس حر تحريڪ تي لکيل سندس مضمون ۽ ٻيون لکڻيون مختلف رسالن ۽ اخبارن جي پنن تي پڌريون ٿي چڪيون آهن سندس ترتيب ڏنل گڏيل شاعريءَ جو ڪتاب "اکين جي پاند ۾" 2018ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. سندس ٻہ ڪتاب "پٽن جا پڳڪا" ۽ "ٽنڊو مٺا خان جي تاريخ" ڇپجڻ جي انتظار ۾ آهن.

عين سحر

عين سحر نئين ٽهيءَ جي نامور شاعره ۽ ليکڪا آهي اڄ سندس سالگرهہ جو ڏينهن آهي عين سحر جي چٽيءَ جو نالو عزيزه بيگم ۽ والد جو نالو ولي محمد ميمڻ آهي هن ايم اي ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيون آهن ۽ هاءِ اسڪول ٽيچر طور نوڪري ڪري رهي آهي گلشن حديد ڪراچيءَ ۾ رهندڙ هن ليکڪا جا ليک سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن جي سونهن بڻجندا رهيا آهن شاعريءَ ۾ هن جن صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي تن ۾ وايون، غزل، گيت ۽ نظم وغيره شامل آهن هن ڪجهہ ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "شاعري درد جي بارش" ۽ "دشت پيما" شامل آهن

سائل مرزا

اڄ مشهور مرثيہ گو شاعر سائل مرزا جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي سندس والد جو نالو مراد علي بيگ هو ۽ سندس جنم 2 مارچ 1741ع تي ٺٽي ۾ ٿيو ان وقت جي دستور مطابق هڪ مقامي مدرسي مان ديني ۽ دنيوي تعليم حاصل ڪيائين خاص طور تي فارسي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي عبور حاصل هئس هن سنڌ جي مشهور مرثيہ گو شاعر سيد ثابت علي شاهہ کان شاعريءَ جي سکيا ورتي هن سنڌي، فارسي، عربي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري ڪئي سندس شاعريءَ ۾ حمد، نعتون، منقبتون، قصيدا، مثنويون، مرثيا ۽ نوحا وغيره شامل آهن شاعريءَ سان گڏ هو هڪ حاذق حڪيم پڻ هو هن حڪمت جي موضوع تي سنڌيءَ ۾ "حڪمت مراد" جي نالي سان ٻن جلدن ۾ هڪ ڪتاب لکيو افسوس جو اهو ڪتاب هن وقت ناپيد آهي سائل مرزا جي مرثيہ خوانيءَ جي تعريف جڏهن خيرپور رياست جي واليءَ مير سهراب خان ٽالپر ٻڌي تہ کيس خيرپور ۾ اچي رهڻ جي پيشڪش ڪيائين انهيءَ پيشڪش کي مان ڏيندي هن عمر جو آخري حصو خيرپور ميرس شهر ۾ گذاريو جتي 7 سيپٽمبر 1827ع ۾ رحلت ڪيائين

بدرالدين زاهدي

بدرالدين زاهدي پنهنجي دور جو مشهور سرڪاري آفيسر ۽ انتظامي سربراهہ هو هو 13 جون 1926ع تي خيرپورميرس ضلعي جي مشهور شهر اگڙا ۾ ڄائو هن علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽيءَ مان ايم اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي شروعات گورنمينٽ ڪاليج (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) حيدرآباد ۾ انگريزيءَ جي ليڪچرار طور ڪيائين. ان بعد ڪيترن ئي اعليٰ عهدن تي رهي ڪم ڪيائين، جن ۾ ملٽري اڪائونٽس جو ڪمانڊر ڪنٽرولر پاڪستان نيوي ۽ پاڪستان جي هوائي فوج جي اڪائونٽس جو ڪنٽرولر شامل آهن. هو سنڌ جي ڪيترن ئي ادارن ۽ محڪمن جو ڊائريڪٽر پڻ رهيو. انهن ۾ پراجيڪٽس ڊويزن، پلاننگ ڪميشن، انويسٽمينٽ پروموشن بيورو ۽ انڊسٽريز ڊويزن جهڙا اهم محڪما شامل آهن. اڳتي هلي پلاننگ اينڊ ڊويزن کاتي جو ايڊيشنل سيڪريٽري ۽ زرعي ترقياتي بينڪ جو چيئرمين رهيو. پاڪستان سرڪار سندس اعليٰ ڪارڪردگيءَ کي مڃتا ڏيندي کيس تمغہ قائداعظم جهڙي اهم اعزاز سان نوازيو. بدرالدين زاهديءَ 7 سيپٽمبر 2007ع تي وفات ڪئي.



مير عنايت علي خان ٽالپر

هن ٽالپر سياستدان ۽ سماج سڌارڪ انسان 14 جولاءِ 1952ع تي ٽنڊي محمد خان ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو هن جو والد مير اعجاز ٽالپر ۽ ڏاڏو مير غلام علي ٽالپر بہ پنهنجي دور جا اهم سياستدان هئا مير عنايت ابتدائي تعليم حيدرآباد جي سينٽ بوناوينچر اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو مان پاس ڪيو اڳتي هلي لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز) مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪيائين هن 1978ع ڌاري حيدرآباد ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر طور پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي 1985ع وارين غير جماعتي چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو 1987ع ۾ وزيراعظم محمد خان جوڻيجي جي ڪابينا ۾ وفاقي صلاحڪار مقرر ٿيو 2005ع ۾ ٽنڊي محمد خان ضلعي جي پهرئين ناظم طور ذميواريون سنڀاليائين هن ٽنڊي محمد خان ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ ڪيترائي عام ڀلي جا ڪم ڪرايا هن 07 سيپٽمبر 2014ع تي سنگاپور جي هڪ اسپتال ۾ دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

رئيس عبدالمجيد نظاماڻي

اڄ مشهور زميندار ۽ سنڌ آبادگار بورڊ جي اڳوڻي صدر رئيس عبدالمجيد نظاماڻيءَ جي ورسي ملهائي پئي وڃي هن انمول انسان جو جنم 8 مئي 1935ع تي ٽنڊي محمد خان تعلقي جي ڳوٺ باقر نظاماڻيءَ ۾ الهداد خان نظاماڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ ايل ايل بي جي سند سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان حاصل ڪئي هو هڪ زميندار هجڻ سان گڏ سنڌ ۾ پاڻيءَ ۽ زراعت جي ماهرن جو وڏو ماهر هو هن ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ جي کلم کلا مخالفت ڪئي 2010ع واري ٻوڏ دوران هن يو ايس ايڊ جي مدد سان سنڌ جي لاڙ ۽ اتر جي هڪ لک ايڪڙ ايراضيءَ تي سورج مکيءَ جو فصل پوکرائي آبادگارن جي مدد ڪئي هو هڪ علم ۽ ادب دوست انسان هو ۽ شاهہ جي شاعريءَ جو سچو شيدائي هو. پاڻ سنڌ آبادگار بورڊ جو پهريائين جنرل سيڪريٽري ۽ پوءِ صدر رهيو رئيس عبدالمجيد نظاماڻيءَ 7 سيپٽمبر 2023ع تي وفات ڪئي

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهہ، مير شاهزين خان بجاراڻي، حاجي ديدار علي جتوئي، حاجي ڪريم ڏنو ٻداڻي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. خوني ويڙهاند ۾ ڪوسا برادري جا پنج قتل ۽ چار زخمي جتوئين مٿان ثابت ٿيا. ڪوسا برادري جي پنج خونن جو عيوضو 25 . 25 لک في خون جي حساب سان جتوئي برادري مٿان هڪ ڪروڙ پنجويهہ لک روپيه ڏنڊ مقرر ڪيو ويو.جڏهن تہ ڪوسا برادري جي عورت سميت ڇهن زخمين جو عيوضو 6 لک روپيه ڏنڊ وڌو ويو.جتوئي برادري جي مٿان مجموعي طور هڪ ڪروڙ ايڪٽيهہ لک روپيه ڏنڊ وڌو ويو جڏهن تہ ڪوسا برادري جي ڇهن ڄڻن جي اغوا وارو معاملو پينڊنگ ۾ رکيو ويو آهي جنهن لاءِ سردار عبدالرزاق خان ڪوسو ۽ مير عابد حسين جتوئي بعد ۾ ٻڌائيندا. ڪوسا برادري مٿان جتوئي برادري جو هڪ خون ۽ ٻارنهن ڄڻا زخمي ثابت ٿيا. فوتي حبيب الرحمان جتوئي جي قتل جو عيوضو پنجويهہ لک روپيا ڪوسا برادري مٿان مقرر ڪيو ويو. جتوئي برادري جي ٻارنهن زخمين جو عيوضو ڪوسا برادري مٿان مجموعي طور تي 54 لک روپيه ڏنڊ مقرر فيصلي ۾ جهڳڙن جي نقصان، چوپايو مال، موٽر سائيڪلون، ٽريڪٽر ۽ ٻيو سامان ڌريون هڪ ٻي کي واپس ڪنديون. سامان واپس نہ ڏيڻ جي صورت ۾ ڪين قرآن پاڪ تي ساک ڏني ويندي. پڻس ٻين نقصانن جي بہ ساک ورتي ويندي. هڪ ٻي جي جهڳڙن تي قبضن ۽ ڏيتي ليتي بابت ڪميٽي قائم جهڳڙن جو آزالي ۽ ٻين مسئلن بابت نثار احمد ڪوسو، ديدار جتوئي، صاحب ڏنو جتوئي آفتاب ڪوسو پاڻ ۾ مشوري بعد تاريخ مقرر ڪري ٻڌائيندا. نور حسن تنواڻي جي موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان ڪوسن مٿان ثابت جيڪو واپس ڏيڻ ۽ ميڙمنٿ وٺي ويندا ۽ ساک ڏيندا. ان کان علاوه اڳراڻي ڪندڙ ڌر مٿان ڏوهہ ڪان علاوه ويهہ لک روپيه اڳراڻي جو ڏنڊ وڌو ويندو. ڌرين جا هڪ ٻي مٿان داخل ڪيس قانون موجب ختم ڪرايا ويندا جنهن جو خرچ ڌريون پاڻ ڀريندينون

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

ڪئي مظاهرين پنهنجي مطالبن جي حق ۾ نعريبازي ڪندي سنڌ حڪومت کان پرائمري استادن جي سروس اسٽرڪچر جو نوٽيفڪيشن فوري طور جاري ڪرڻ ۽ ٻين جائز مطالبن جي منظوري جو مطالبو ڪيو. ان موقعي تي احتجاجي مظاهري کي پ ٽ الف ضلع بدين جي صدر منظور آريسر، ڊويزنل جنرل سيڪريٽري صوفي سرمد، سينئر نائب صدر برڪت ميمڻ تعلقہ صدر سليم ترڪ، علي اڪبر نهڙيو محمد عمر سومرو ذوالفقار رند، امرسنگهہ راٺو ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو. استادن اڳواڻن چيو تہ پرائمري استاد ڊگهي عرصي کان پنهنجي جائز حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. تنهن باوجود سندن بنيادي مطالبن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي هنن سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي کان مطالبو ڪيو تہ پرائمري استادن جي سروس اسٽرڪچر بابت نوٽيفڪيشن بنا دير جاري ڪري، سندن جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن اڳواڻن خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن مطالبن تي فوري طور عمل نہ ڪيو ويو تہ احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ منظم ۽ سخت ڪيو ويندو ۽ ايندڙ مرحلن ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو پ ٽ الف اڳواڻن چيو تہ استادن کي سندن حقن کان محروم رکڻ بدران حڪومت کي فوري طور سنجيده قدم کڻي مسئلا حل ڪرڻ گهرجن جيئن سنڌ جي تعليمي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي سنڌ ۾ پرائمري استادن پاران سروس اسٽرڪچر جي مطالبي تي احتجاجي سرگرميون جاري آهن.

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

ناري جي رڙين تي ڪندو محمد خان شهرين ۽ سماجي اڳواڻن رضيا سهتو پيو بلوچ جي مدد سان پوليس کي اطلاع ڏنو ويو پوليس پاران فوري طور تي متاثره ناري کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال آندو ويو ان موقعي تي ناري عليمنا مگسي الزام هڻندي چيو تہ مونکي ڪراچي مان اوريس ٽالپور نوڪري ڏيڻ جو لالچ ڏئي کڻي آيو ڪندو محمد خان ۾ جتي هڪ گهر ۾ قيد ڪري مونتي تشدد ڪندو هو مون سان ناجائزي ٿي آهي 15 ڏينهن کان مسلسل زيادتي پڻ ڪندو رهيو ۽ مون کي ڪمري ۾ بند ڪري هليو ويندو هو هن چيو تہ سيف ٽالپور بہ زيادتي ڪئي مونکي گذريل جيئن ئي رات جو ڪاڌو ڏيڻ لاءِ دروازو کوليو تہ آئون پٽ ٽان ڪيو ڏيئي ٻاهر نڪري آيس هن چيو تہ گهر ۾ رهندڙ عورتون بہ روزانو مون تي تشدد ڪنديون هيون جڏهن تہ متاثره ڇوڪري کي طبي امداد ڪاٺيو ضروري ڪارروائي لاءِ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو واقعي تي پوليس پاران ڪابہ گرفتاري نہ ڪئي وئي آهي.

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

انچارج اي ايس آءِ ذوالفقار علي نظاماڻي عملي سان گڏ ڪامياب ڪارروائي ڪندي جوابدار عبدالستار ڏانڌل کي گرفتار ڪري ورتو آهي جوابدار ٿاڻي جاتي تي قتل جي ڪيس سميت ضلعي بدين جي مختلف ٿاڻن تي داخل درجنين ڪيسن ۾ روپوش ۽ پوليس توڙي عدالت کي گهربل هو.

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

بعد پوليس جي موجودگيءَ ۾ لاش وصول ڪيو جتي پوليس نوجوان جو لاش سندس امڙ سردار خاتون جمالي حوالي ڪري ڇڏيو آهي ٻڌايو پيو وڃي تہ نوجوان نشي جو عادي هو جيڪو نشي سبب بيهوش ٿيڻ بعد چانڊڪا اسپتال ۾ فوت ٿي ويو هو ٻئي طرف فوتي نوجوان جو لاش وارث گهر کڻائي ويا آهن

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

ڪاغذات، ٿيلو ڦر ڪري آسائي سان فرار ٿي ويا اطلاع ملڻ تي شاهہ حسين ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل معلوم ڪري واقعي جي اين سي درج ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن تہ سيدارجا جي صحافين سول سوسائٽي جي اڳواڻن سنئير صحافي گلاب علي سهتو نظام حسين،فاروق علي مگنيجو زاهد گل سولنگي عبدالرشيد مگنيجو،نعمت الله ڪيريو ۽ ٻين واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي تہ ڦر ٿيل سامان فوري واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ پ ٽ الف ڊويزن ضلعي تعلقي ۽ سٽي لاڙڪاڻي طرفان شهر جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ديني مدرسي ۾ مرڪزي صدر حاجي شفيع محمد سليو جي هيٺ گورنمينٽ ديني مدرسہ پرائمري اسڪول ۾ ورڪرز ڪنوينشن ڪوٺائي بعد ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن هٿن ۾ بئنر کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ريلي ۾ پ ٽ الف سنڌ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري سڪندر علي جتوئي ڊويزن لاڙڪاڻو جي صدر عبدالفتاح عباسي جنرل سيڪريٽري الله ڏتو جعفري، وحيد احمد ابڙو ضلعي صدر محمد اسلم ديڏڙ قمبر شهدادڪوٽ ضلع صدر ممتاز علي وڏن افسر علي قريشي تعلقہ صدر علي شير جتوئي جنرل سيڪريٽري غلام الله سانگي سٽي صدر ارباب خان ڀٽو امرت لال پرديپ ڪمار دادو قمر عباس خيرپور ۽ ٻين استاد اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي پ ٽ الف جي مرڪزي صدر حاجي شفيع محمد سليو ۽ ٻين اڳواڻن چيو تہ سنڌ جي پرائمري استادن کي سروس اسٽرڪچر تسليم ڪرڻ باوجود نوٽيفڪيشن ظاهر نہ ڪرڻ سراسر استاد برادري سان ظلم زيادتي ۽ ناانصافي جي برابر عمل آهي سنڌ جا استاد چوٿين مرحلي ۾ ورڪرز ڪنوينشن ڪوٺائي رهيا آهن انهي کان اڳ سنڌ جي پرائمري استادن پوري سنڌ ۾ صحيح واري مهم هلائي تعلقي سطح ٽن ڏينهن تائين پريس ڪلبن اڳيان احتجاجي مظاهرا ڪري بک هڙتال ڪئي وئي، جنهن کان پوءِ ضلع سطح تي ۽ هينئر چوٿين مرحلي ۾ پوري سنڌ ۾ ڊويزن ورڪرز ڪنوينشن جو عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي. پ ٽ الف جي شروع ڪيل هلچل تحريڪ ۾ سڄي سنڌ ۾ ورڪرز ڪنوينشن بعد جلد ئي شهيدن جي شهر لاڙڪاڻي جي ڳڙهي خدابخش ڀٽو کان ڪراچي پريس ڪلب تائين احتجاجي پيادل لانگ مارچ شروع ڪيو ويندو مطالبا نہ مڃيا ويا ۽ سروس اسٽرڪچر جو نوٽيفڪيشن پڌرو نہ ڪيو ويو تہ پوءِ ڪراچي پريس ڪلب کان بلاول هائوس تائين احتجاجي لانگ مارچ ۽ ڌرڻو لڳايو ويندو احتجاجي ميڙاڪي ۾ سنڌ جي وحدت تي وار ڪندڙ منصوبي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ويو تہ سنڌ هڪ آهي ۽ سنڌ هڪ رهندي ان کان اڳ پ ٽ الف جي مرڪزي صدر حاجي شفيع محمد سليو جي اڳواڻيءَ ۾ پ ٽ الف جي اڳواڻن ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهچي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد محترمہ بينظير ڀٽو شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو شهيد شاهنواز ڀٽو جي مزارن تي حاضري ڀري گلن جون چادرون چاڙهي فاتحہ خواني پڻ ڪئي

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

پڻ ڪري ڇڏيو آهي حيدرآباد ۾ سنڌ آبادگار بورڊ جي جنرل ڪائونسل جو اجلاس صدر محمود نواز شاهہ جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار يوسفاڻي، سيد نديم شاهہ، ڊاڪٽر محمد بشير نظاماڻي، محمد ملوڪ نظاماڻي اسلم مري، عمران بوزدان سيد سلمان شاهہ ڊاڪٽر علي رضا ميرجت، طه ميمڻ ارباب احسن خالد خان ڪوسو ويرم خان مهي يار محمد لغاري، مصطفيٰ نواز شاهہ مراد علي شاهہ بُکيراڻي ۽ مختلف ضلعن جي آبادگارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ زراعت سان لاڳاپيل اهم معاملن تي بحث ڪيو ويو. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو تہ گذريل ٻن سالن دوران حڪومت جي وقتي پاليسين سبب پيدا ٿيندڙ خلل زرعي شعبي کي سخت نقصان پهچايو آهي حڪومت جي ”ڊي-ريگيوليشن“ پاليسي خاص طور تي ڪڻڪ ۽ ڪمند جي شعبي ۾ گذريل اڍائي سالن اندر هزارين ارب روپين جي نقصان جو ڪارڻ ٿي آهي هن ڊي-ريگيوليشن سبب حڪومت ڪڻڪ جو امدادي اگهہ مقرر نہ ڪيو يا وري گذريل سال ڪڻڪ گهٽ اگهہ مقرر ڪيو ويو ۽ ان سان گڏ وري ضرورت پوڻ تي درآمد بہ جاري رکي وئي جڏهن تہ برآمد تي پابندي لڳائي وئي جنهن جي نتيجي ۾ زرعي جنسن آبادگارن ۽ عام ماڻهن کي مڊل مين جي رحم و ڪرم تي رهڻو پيو جيڪي سدائين انهن جو استحصال ڪندا رهيا آهن سنڌ آبادگار بورڊ حڪومت کي ياد ڏياريو تہ جڏهن ملڪي معيشت ۾ مهانگائي لاڳيتو 29 سيڪڙو رهي تڏهن بہ ڪنهن بہ هڪ زرعي جنس جي اگهہ ۾ ان تناسب سان واڌ نہ ٿي. اگهہ وڌڻ بدران ويتر گهٽجي ويا يا وري جيئن جو تيئن ساڳيا ٿي رهيا، جڏهن تہ ٻي پاسي زرعي شين جا پيداواري خرچ لاڳيتو وڌندا ٿي رهيا. ان صورتحال زرعي شعبي جي بيهڪ ۽ بقا ۾ وڏو فرق پيدا ڪري ڇڏيو آهي هي فرق ڪيترن ئي نقصانن جو سبب ٿي رهيو آهي ان جي نتيجي ۾ ڪي آبادگار ضرورت موجب سيڙپ ڪرڻ جوڳا نہ رهيا. ننڍا ۽ وچولا آبادگار سخت پريشاني ۽ مالي بحران جي ور چڙهي ويا آهن سنڌ جي ساڍا ڪي لک ننڍن آبادگارن جي رڳو هڪ ئي فصل لاءِ صوبائي حڪومت جي جاري ٿيندڙ سبسڊي بہ حقيقت ۾ رڳو 15 سيڪڙو ننڍن آبادگارن تائين بہ نٿي پهچي ان کان علاوه موجوده پاليسي جو وڏو فائدو رڳو مڊل مين کي ملي ٿو جنهن کي آبادگارن کان سندن زرعي جنسون گهٽ اگهہ تي خريد ڪري وري بيٺي اگهہ تي وڪڻڻ جو موقعو ملي ٿو. سنڌ آبادگار بورڊ چيو آهي تہ حڪومت اها ڳالهہ نہ پئي سمجهي تہ زرعي جنسن جا اگهہ انهن جي پيداواري خرچن جي تناسب سان هئڻ ضروري آهن اهو نہ ٿيندو آهي تہ ڪنهن شعبي ۾ ڪي سال نقصان جا ٿي سگهن ٿا پر اهو سلسلو سالن تائين ۽ سمورين جنسن لاءِ جاري نٿو رهي سگهي زرعي جنسن جا اگهہ وڌڻ کان روڪڻ بابت حڪومت جي اها پاليسي وڌيڪ هلي نٿي سگهي. ان ڪري سنڌ آبادگار بورڊ جي جنرل ڪائونسل جو اهو موقف آهي تہ اصولي طور تي هن مونجهاري جو حل انصاف پري ۽ مقابلي واري مارڪيٽ قائم ٿيڻ ئي آهي هن پاليسيءَ هيٺ برآمد ۽ در آمد کي آزاد ڪيو وڃي حڪومت جي نظرداري رڳو ان حد تائين ٿيڻ گهرجي تہ واپاري شين جا اگهہ ملي ڀڳت ڪري مقرر نہ ڪن ۽ مارڪيٽ کي پنهنجي مرضيءَ سان نہ هلائين ڪمپيٽيشن ڪميشن آف پاڪستان کي اهو ڪم ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو آهي پر اها غير فعال رهي آهي هن ڪمزور نظرياتي نظام ۽ برآمد کولڻ بابت حڪومت جي دلچسپي نہ هئڻ جو نقصان رڳو زرعي ويليو چين جي ڪمزور طبقي آبادگارن کي ئي ٿئي ٿو. ان ڪري پوريءَ ريت ڊي-ريگيوليشن پاڪستان ۾ عمل جوڳي نہ آهي پر ويتر اها آبادگارن توڙي عام خريدار ماڻهن لاءِ هاڃيڪار بہ آهي ان ڪري، ان معاملي جو واحد حل اهو ئي آهي تہ آبادگارن لاءِ زرعي جنسن جو امدادي اگهہ مقرر ڪرڻ جو عمل جاري رکيو وڃي اجلاس ۾ سنڌ آبادگار بورڊ مطالبو ڪيو تہ ڪمند جو في مڻ اگهہ 525 روپيا ۽ ڪڻڪ جو في مڻ اگهہ 4,500 روپيا مقرر ڪيو وڃي

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

۽ ايس ايڇ او خانپور مهر برڪت پلي جي نگراني هيٺ پوليس مختلف علائقن ۾ سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن ڪندي ڪيترن ئي هنڌن تي ڇاپا هنيا. ذريعن موجب نظر علي گاڏائي شاهہ مراد چانگ، سونو پيدافي، سهانجڙو ۽ ٻيرين سميت مختلف علائقن ۾ ڪارروايون دوران 8 کان وڌيڪ شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري حراست ۾ ورتو ويو آهي جن کان مختلف وارداتن بابت پڇا ڳاڇا ۽ جاچ جاري آهي پوليس جو چوڻ آهي تہ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ ۽ ڦر ڌاڙي توڙي ٻين ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جو سلسلو جاري رکيو ويندو هوڏانهن پوليس مختلف علائقن مان مبينا طور ڏوهارين سان لاڳاپيل ماڻهن جو چوپائي مال اناج ۽ موٽرسائيڪلون پڻ تحويل ۾ ورتيون آهن. پوليس موجب گرفتار ڪيل شڪي ماڻهن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي..

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

بدين ۾ پريس ڪلب آڏو سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو تفصيل موجب مقتول جي ڀاءُ سليم ڪوڪر ڊاڪٽر سڪندر ميمڻ سليم رضا خواجا رفيق لنڊ محمد علي خاصخيلي ۽ جاويد منڌري جي اڳواڻي ۾ شهرين ۽ وارثن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي پريس ڪلب بدين آڏو پهچي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن ۽ مقتول جي وارثن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ لنگهيل 8 آگسٽ تي منظور الاهي ڪوڪر کي سندس دوست ڪاشف آرائين موٽرسائيڪل تي پنهنجي گهر وٺي ويو جتي مبينا طور جوابدار دين محمد جوڻيجو فائرنگ ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو هنن ٻڌايو تہ واقعي جو ڪيس پڻ داخل ٿيل آهي جنهن ۾ دين محمد جوڻيجو ڪاشف آرائين ۽ سندس گهرواري سمرين آرائين کي نامزد ڪيو ويو آهي پر اڳواڻن افسوس جو اظهار ڪندي چيو تہ واقعي کي ڪافي ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس نااهلي جو مظاهرو ڪندي اڃا تائين ڪنهن بہ نامزد جوابدار کي گرفتار ناهي ڪري سگهي احتجاج ڪندڙن وسوارن آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي کان مطالبو ڪيو تہ ڪيس ۾ نامزد سمورن جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري مقتول جي مظلوم وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي هنن خبردار ڪندي چيو تہ جيڪڏهن جوابدارن کي ترت گرفتار نہ ڪيو ويو تہ هو پنهنجو احتجاج وسيع ڪندي آءِ جي سنڌ جي آفيس آڏو ڌرڻو هڻندا

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

مگسي پاران پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جا مسئلا معلوم ڪري موقعي تي حل ڪرائڻ جون هدايتون ڪيون اردلي روم دوران ناقص ڪارڪردگي تي شاهہ لطيف ٿاڻي ۽ براڊي جتوئي ٿاڻي جي ايس ايڇ اوز کي لائين ڪلوز ڪيو ويو جڏهن تہ مسلسل غيرحاضري ۽ ڊيوٽي ۾ غفلت ڪرڻ تي 11 پوليس اهلڪارن کي نوڪري مان برطرف ڪيو ويو 21 آفيسرن کي فائنل شوڪاز 21 اهلڪارن کي ڪوارٽر گارڊ 6 آفيسرن جا شوڪاز فائل جڏهن تہ 8 معطل ٿيل آفيسرن کي بحال ڪيو ويو ان کان علاوه 10 آفيسرن ۽ اهلڪارن کي مائنر پنشمينٽ ۽ 18 ڄڻن کي وارننگ ڏني وئي ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي هدايتون جاري ڪندي چيو تہ ڪوبہ پوليس عملدار ڊيوٽي ۾ غفلت يا لاپرواهي ڪندو تہ ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي هن چيو تہ پوليس آفيسر پنهنجو رويو عوام سان بهتر رکن شڪايت ملڻ تي پوليس عملدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي هن چيو تہ اسان جو فرض آهي تہ عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪيون هن وڌيڪ چيو تہ ڪوتاهي ۽ غفلت ڪندڙ عملدارن کي بخش نہ ڪيو ويندو خيرپور ضلعي جي مختلف روڊن تي پوليس عملدار گشت ڪن ۽ ڏوهاري سرگرمين تي مڪمل طور تي نظر رکن

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

ڪڻڪ حيدرآباد ۽ ڪراچي موڪلي رهيا آهيون تہ اسسٽنٽ ڪمشنر مختيار ڪار ۽ فوڊ عمل دارن اسان جا منڊ جمڙائو وٽ ڪڻڪ سان ڀريل ٽرڪ سنڌن 1100سئو ٻورين هٿ ڪري ٽرڪ بہ پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏي. واپارين ٻڌايو تہ ڪين مبينا طور اسسٽنٽ ڪمشنر جي گن مين ذريعي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ هڪ اڻڄاتل هنڌ تي رکيو ويو احتجاج ڪندڙ واپارين چيو تہ اسان کان مبينا طور 10 لک رپيا بہ ورتا ۽ جڏهن تہ سندن چوڻ آهي تہ اسان کي سنڌ سرڪار پاران فلور مل لاءِ ڪڻڪ خريد ڪرڻ ۽ ان کي وڪرو ڪرڻ جو اجازت نامو پڻ مليل آهي. واپارين الزام لڳايو تہ سندن خريد ڪيل ڪڻڪ مبينا طور اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ فوڊ عملو ملي ڀڳت ڪري اسان جي ڪڻڪ پرائيويٽ طريقي سان وڪرو ڪري ڇڏيندا. جنهن سبب اسان کي لکين رپين جو نقصان ٿيندو. هنن ٻڌايو تہ اسان کان ۾ مهينا اڳ بہ سرڪاري طريقي سان ڪڻڪ ورتي وئي جنهن جا اڃا تائين پيسا ناهن ڏنا ويا ۽ گدامن تہ رکيل ڪڻڪ پڻ سيل ڪئي وئي هئي جيڪا بہ اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ فوڊ عملو ملي ڀڳت ڪري پرائيويٽ طور وڪرو ڪري ڇڏي آهي متاثر واپارين جو چوڻ آهي تہ خيرپور فوڊ سينئر جي انچارج اسان جو جيڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اسان کي چئي ٿو سيڪريٽري منهنجو مائٽ آهي مونکي سيڪريٽري جا پاور آهن مونکي پيسا ڏيو نہ تہ مان توهان کي ڪڻڪ جو ڪاروبار ڪرڻ نہ ڏيندس متاثر واپارين ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي، ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي ڪڻڪ ۽ ٽرڪ واپس ڪرائي وڃي ۽ مبينا طور تشدد ۽ رقم وٺڻ ۾ ملوث آفيسرن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي طرف غير قانوني ڪڻڪ روڪي فوڊ ۽ روينيو جا عملدار ڪروڙين روپيا ڪمائي رهيا آهن جنهن ڪري ڪڻڪ جي1سو ڪلو گرام واري بوري 13هزار روپين تائين پهچي وئي آهي ۽ ڪڻڪ ڪراچي نہ وڃڻ ڪري اٽو150 رپيا في ڪلو ٿي ويو آهي هنن چيو تہ جڏهن پابندي ختم ٿي چڪي آهي تہ پوءِ وٽ پڪڙ ڇاجي آهي ان مان ظاهر آهي تہ وڏروينيو ۽ فوڊ جا عملدار هٿرادو اٽي جو بحران پيدا ڪرڻ چاهين ٿا هنن وزير اعلي سنڌ کان مطالبو ڪيو تہ ملوث ڪامورن خلاف سخت کان سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سيڪريٽري خوراڪ کان پڇاڻو ڪيو وڃي تہ اٽي جو بحران ڇو پيو پيدا ٿي هنن چيو تہ سيڪريٽري خوراڪ اٽي جو بحران ڪرڻ ۾ ملوث آهي ۽ ان سان روينيو جا عملدار پڻ ٻٽ ٻٽيل آهن ٻي طرف چيمبر آف ايگريڪلچرل سکر ڊويزن جي صدر پروفيسر عبدالسميع پنيري پڻ آبادگارن ۽ واپارين جون ڪڻڪون ضبط ڪري ۽ انهن کي پيسا نہ ڏيڻ آبادگارن کان رشوت وٺڻ جي شديد مذمت ڪئي آهي چيو آهي تہ جڏهن ڪڻڪ جي چرپر تي پابندي ختم ڪئي وئي آهي تہ پوءِ روڊن تي بيهي سرعام گاڏيون پڪڙڻ ڪٿان جو انصاف آهي

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

ڪيو ويو هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي مبينا ڪوڙا ڪيس ختم ڪري گرفتار نوجوانن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

جي عهديدارن ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي ۾ شريڪ ماڻهن جي هٿن ۾ قومي جهنڊا هئا ۽ اهي ”پاڪستان زنده باد“ ۽ ”پاڪ فوج زنده باد“ جا آڀ ڏاريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي ۽ صحافين سان ڳالهائيندي مظهر چانڊيو گلبهار خاصخيلي ۽ ٻين اڳواڻن چيو تہ 6 سيپٽمبر پاڪستان جي تاريخ جو هڪ اهم ۽ ناقابل فراموش ڏينهن آهي، جنهن تي پاڪ فوج ۽ قوم وطن جي دفاع لاءِ اتحاد، عزم ۽ بهادري جو مثالي مظاهرو ڪيو هنن چيو تہ 1965ع جي جنگ ۾ ملڪ جي دفاع خاطر جانين جا نذرانا پيش ڪندڙ شهيدن ۽ غازين جون قربانيون قوم لاءِ مشعل راهہ آهن شهيدن جي قربانين کي وساري نٿو سگهجي قوم هميشہ انهن کي عقيدت ۽ احترام سان ياد رکندي اڳواڻن وڌيڪ چيو تہ ملڪ جي سلامتي خودمختياري ۽ قومي يڪجهتي لاءِ هر پاڪستاني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي پاڪستان جي مضبوط، خوشحال ۽ پرامن مستقبل لاءِ اتحاد، نظم ۽ حب الوطني کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هنن چيو تہ وطن جي دفاع ۽ سلامتي لاءِ قوم ۽ پاڪ فوج هميشہ متحد ۽ پرعزم آهن

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

آڏو احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي تہ منهنجي چاچي حاجي عباس لاشاري کي هڪ نياڻي ڏنل آهي جنهن مان چار ٻار بہ آهن پر هاڻ منهنجي ٻي نياڻي جي گهر ڪري اغوا ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو هو ۽ اسان جي گهر تي حملو ڪري مون مٿان تشدد ڪندو هيو جنهن خوف سبب سندس ٻي نياڻي کي پاڻ مريد شاخ جي علائقي ۾ شادي ڪرائي ڇڏي آهي جنهن ڪري هاڻ هن اسان جي زندگي زهر بڻائي ڇڏي آهي ۽ سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جنهن مان سندن جان جو خطرو آهي هن ايس ايس پي گهوٽڪي ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي تہ فوري طور تي نوٽس وٺي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

عبدالحميد ابڙو ماجد علي خاصخيلي، خالد ڀٽو مير محمد ڪولاچي، راجا عباسي، محمد رفيق ابڙو عبداللطيف عمراڻي، ظفر علي لغاري ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر سيڪنڊري لاڙڪاڻو الهه بخش سومرو کي ونگار وهڻ جا خاص اختيار مليل آهن جنهن سينٽ جوزف هاءِ اسڪول جي چيف هيڊماسٽر گلشير سومرو سان ملي ڀڳت ڪري ايڊيشنل ڊائريڪٽر محمد پريل شيخ ۽ هيڊماسٽر حق نواز نوناري جي چرچ تي گستا اڳواڻن خلاف رڻ ٻاري ڏنو ڊائريڪٽر سيڪنڊري گذريل 28 آگسٽ تي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول رحمت پور جي ايس ايڇ ٽي استاد گستا تعلقي صدر نظر محمد مغيري مٿان بدانتظامي، بدنظمي ۽ اسڪولي معاملن ۾ مداخلت جا ڪوڙا ۽ بي بنياد الزام لڳائي ڪيس جبري رٽائر ڪري ڇڏيو جڏهن تہ ان وٽ ڪنهن بہ استاد کي جبري رٽائر جو ڪو بہ قانوني اختيار ناهي جنهن پنهنجي اختيارن جو ناجائز استعمال ڪندي گستا يونٽ سينٽ جوزف هاءِ اسڪول جي اڳواڻن نياز حسين سومرو ۽ سجاد حسين جعفري جي ڪن ڪن سالن جون سالياني انڪريمينٽس ختم ڪري ڇڏيون آهن هنن چيو تہ جن الزامن تحت گستا اڳواڻن کي جبري رٽائر ڏئي مختلف سزائون ڏنيون ويون آهن انهن الزامن جا هن وقت تائين واضح ثبوت سامهون نہ آندا ويا آهن جنهن مان ظاهر آهي تہ ڊائريڪٽر سيڪنڊري الهه بخش سومرو ۽ چيف هيڊماسٽر گلشير سومرو ڪنهن جي وانگار وهندي گستا اڳواڻن خلاف انتقامي ڪارروائيون ڪري رهيا آهن اهڙي عمل جي اسين سخت مذمت ڪيون ٿا. گستا اڳواڻن خلاف انتقامي ڪارروائيون ڪري مستقبل جي معمار ٻارن کي تعليم جي زيور کان محروم ڪيو پيو وڃي ۽ هٿ وٺي اسڪولن جي ماحول کي خراب ڪيو پيو وڃي جنهن ڪري استادن ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي هنن پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعليٰ سنڌ، چيف سيڪريٽري سنڌ، تعليم جي وزير سيد سردار شاهہ ۽ سيڪريٽري تعليم سميت ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي تہ ڊائريڪٽر سيڪنڊري الهه بخش سومرو ۽ چيف هيڊماسٽر گلشير سومرو ايڊيشنل ڊائريڪٽر محمد پريل شيخ ۽ هيڊماسٽر حق نواز نوناري کي هٽائي سندن جاءِ تي ايماندار ۽ تعليم دوست آفيسرن ۽ هيڊماسٽرن کي مقرر ڪري گستا اڳواڻن خلاف جاري ڪيل غيرقانوني حڪمناما واپس ورتا وڃن ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ان حوالي سان ڊائريڪٽر سيڪنڊري الهه بخش سومرو سان رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو تہ ايس ايڇ ٽي استاد نظر محمد مغيري ڊي او ايليمينٽري رشيد چانڊيو سان منهن ماري ڪئي جنهن کي سيڪريٽري رپورٽ ڪرائي پر هن رپورٽ نہ ڪئي جنهن کان پوءِ مئي جي آخر ۾ چيف سيڪريٽري گلشير سومرو کي سينٽ جوزف هاءِ اسڪول ۾ 20 هين گريڊ جي چيف هيڊماسٽر جي عهدي تي مقرر ڪيو جيڪو جوائننگ لاءِ اسڪول آيو تہ نظر محمد مغيري، سجاد جعفري ۽ نياز سومرو وارن ان جو ڪالر وٺي اسڪول مان ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيو جنهن پريس ڪانفرنس ڪري چيف سيڪريٽري، تعليم کاتي جي وزير سميت ٻين کي خط لکيو جنهن کان پوءِ تعليم کاتي جي سيڪريٽري جي هدايتن تي ڪيس بہ پيرا شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا ويا جن نوٽيسن جا جواب نہ ڏنا بعد ۾ ڪيس ذاتي حيثيت ۾ بہ طلب ڪيو ويو پر هو نہ آيا جنهن ڪري چيف سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري تعليم جي هدايتن تي نظرمحمد مغيري کي جبري رٽائرڊ ڪرڻ سميت سجاد جعفري ۽ نياز سومري جي ڪن ڪن سالن جي انڪريمينٽ ختم ڪئي آهي هن چيو تہ مون پنهنجي ڪن مهينن جي مقرري دوران روزانو ڌرڻو هڻندڙ 1509 کان وڌيڪ 2021ع جي آءِ بي اي ٽيسٽ پاس استادن جي ڪاغذن جي تصديق ڪري سندن جون پگهارون ڪولرائي ڏنيون مان تعليم جي بهتري توڙي استادن جي ڀلائي لاءِ عملي قدم کنيا آهن پر ان جي باوجود هڪ مخصوص ٽولو بلاجواز الزام لڳائي رهيو آهي هن چيو تہ گستا اڳواڻ دلدار چانڊيو ڪلاس نہ ٿو وٺي جيڪو 200 روپين تي ٽيوشن جا ڪلاس هلائي رهيو آهي

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

ڪچي ترقي پسند لائير فورم جي مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ رياض مصطفيٰ آرائين سناف جو ضلعي صدر راجا چانڊيو ترقي پسند مزدورفيڊريشن جو ضلعي صدر سلطان بوهڙ تعلقي جا صدر ڏيلي فرنٽن جي اڳواڻن راجا خواجا ياسرسيال ذوالفقار شاهہ جبارمگريو هارون شيخ مهرالپيوٽو ايوب پٽي دلبر لنڊ زيشان انصاري نوراحمد ملاح رسول بخش چانگ عمرنوحاڻي شوڪت عمراڻي سليمان ملاح معشوق ملاح لالون سمون اڪبرڪور مصطفيٰ ڪمبار حنيف جاٽ ممتازشيخ زوار بوزدار سراج احمد سيال حاجي چانگ فقيرمحمد وفائي خالد مگسي ۽ تعلقن ڪائونن يوسين جي اڳواڻن شرڪت ڪئي اجلاس تنظيمي سياسي سوشل سرگرمين جي رپورٽ پيش ڪئي وئي بدين کي دل جي اسپتال ڏيارڻ لاڙ ڪئمپس کي يونيورسٽي جو درجو ڏيارڻ ڪئمپس جي بلڊنگ ٺهرائڻ ڪيڊٽ ڪاليج ٺهرائڻ انڊس اسپتال ۾ بهتري آڻڻ اسپتالن مان دوائن ڊاڪٽرن جي کوٽ ختم ڪرڻ بند پيل اسڪول کولرائڻ ۽ ڪرپشن مهانگائي منشيات جي خاتمي لاءِ 8 تاريخ تي تلهار ۾ ان بعد تعلقي ماتلي تعلقي گولاڙچي تعلقي بدين جي شهرن ۾ بڪ هڙتال ٿيندي جڏهن تہ 6 آڪٽوبر تي ڊي سي آفيس اڳيان تاريخي ڌرڻو هنيو ويندو ان کان پهرين ضلعي جي ايم پي ايز کي ياداش ناما ڊي سي آفيس ڪيا ويندا اجلاس ۾ سنڌ جي وحدت تي وار جي سازشن خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو ويو تہ سنڌ جي ورهاست خلاف سنڌ جو ٻچو ٻچو هر قسم جي مزاحمت ڪندو پر سنڌ جي ورهاست يا ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪيو ويندو سنڌودرياهہ تي ڏاڍي جلال پور ڪئينال ٺاهڻ جي پڻ سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ويو تہ پنجاب اسٽيبلشيمنٽ سنڌ جي پاڻي زمينن وسيلن تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي سنڌين کي پاڪستان ٺاهڻ جي سزا ڏني پئي وڃي ان ڪري سنڌين کي منظم متحد ٿي پنجاب اسٽيبلشيمنٽ جي سازشن کي ناڪام ڪرڻو پوندو ۽ محسن نقوي جو گهيراءُ تنگ ڪرڻو پوندو

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

صحافين آڏو احتجاج ڪندي الزام هنيو تہ ماجد انصاري اشرف گودهڙا، سئوٽ عمير احمداڻي ۽ ٻئي نسرين مبينا طور گهر تي حملو ڪري قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران باٿ روم جي ڇت پڻ ڊاهي وئي هنن چيو تہ مذڪوره گهر بابت ڪين عدالت طرفان اسٽي پڻ حاصل ٿيل آهي جڏهن تہ گهر جي ملڪيت جا ڪاٿا ۽ ٻيا دستاويز پڻ موجود آهن تنهن باوجود مبينا طور مٿن حملو ڪيو ويو هنن دعويٰ ڪئي تہ پوليس انصاف ڪرڻ بدران سندس مڙس ۽ ڀاءُ کي گرفتار ڪري ورتو آهي رابعہ ۽ انزلا احمداڻي جو چوڻ هو تہ جوابدار اڳ ۾ بہ مٿن حملا ڪري چڪا آهن جنهن سبب ڪين پنهنجي جانين جو خطرو آهي هنن ٻڌايو تہ تحفظ لاءِ ايس ايس پي سانگهڙ کي پڻ درخواست ڏني وئي آهي احتجاج ڪندڙ عورتن اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي مبينا طور حملي ۽ قبضي جي ڪوشش ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي منشيات خلاف نعريبازي ڪئي احتجاجي مظاهرو ڪندڙ اڳواڻن چيو تہ پيروسڻ ۾ منشيات جو سرعام ڪاروبار عروج تي پهچي چڪو آهي جڏهن تہ پوليس منشيات جي خاتمي لاءِ اثرائتيون ڪارروايون ڪرڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهي آهي منشيات جي وڌندڙ استعمال سبب نوجوان نسل تباهي جي ڪناري تي پهچي رهيو آهي ۽ ڪيترائي نوجوان مختلف سماجي نفسياتي مسئلن جو شڪار ٿي رهيا آهن پيروسڻ جي مختلف چوڪن چوراهن ۽ علائقن ۾ آئس نشي آور سوپاري، شراب، چرس ۽ ٻئي منشيات جو سرعام وڪرو ٿئي پيو منشيات جو ناسور ايترو وڌي ويو آهي جو تعليمي ادارن ۾ پڙهندڙ ڪيترائي شاگرد ۽ شاگرديائيون پڻ ان جي لت ۾ مبتلا ٿيڻ جو خدشو آهي احتجاجي مظاهرو ڪندڙ آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو تہ پيروسڻ ۾ منشيات جي سرعام وڪري جو سختي سان نوٽيس وٺي منشيات فروشن خلاف بنا فرق ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ پيروسڻ مان منشيات جو مڪمل خاتمو يقيني بڻايو وڃي جيڪڏهن منشيات خلاف اثرائتيون ڪارروايون نہ ڪيون ويون تہ جلدازجلد پيروسڻ ٿاڻي آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

ويا اتي موجود چوڪيدار ٻڌايو تہ ڏوهاري پهريان ٻن موٽر سائيڪلن تي آيا جيڪي لوهي ڏاڪڻ ساڻ کڻي آيا ڏاڪڻ ڪوٽ تي رکي چڙهي آيا هٿيارن جي زور تي اسان ٽن ملازمن کي يرغمال بنائي اسان جا هٿ پير ٻڌي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري اسان کان وڏي گيٽ جي چابي وٺي در کولي مال ڍوهڻ جون گاڏيون اندر ڪوٽ ۾ ٻهاري ڪلر جون بوريون رکي ان ٽان مال کي گاڏين ۾ چاڙهي 11 مال جا ڍور ڪاهي ويا ان ڪانپوءِ اسان ڪمري جودر پڃي مالڪ کي ٻڌايو مالڪ سيٺ ظفرالله ٻگهيو اهڙي رپورٽ حد پوليس لغاري ايٽ گجيرو ٿاڻو تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پوليس جاءِ وارادات ڏسي واپس هلي وئي آخريءَ اطلاع تائين ڪابہ گرفتاري عمل ۾ ڪا نہ آهي متاثر سيٺ ظفرالله ٻگهيو . محمد صالح ٻگهيو .ملوميهر . راڻو خان . ۽ ٻين اعلا مجاز اختيارين DIG شهيد بينظير آباد SSPنوشهروفيروز DSPميهڙ قاڻزا سوڍر کي پر زور اپيل ڪندي گهر ڪئي آهي تہ اسان جو ڦرٿيل مال واپس ڪرائي اسان کي تحفظ ۽ انصاف مهيا ڪيو وڃي نہ تہ ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

خان چانڊيو مقبول احمد شيخ غلام شبير جوڻيو عبدالرشيد واهوچو ۽ علي انور مگسي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪائون ڪاميٽي کان پريس ڪلب تائين ڪڍي وئي، جتي شرڪت ڪندڙن پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي پاڪ فوج جي حمايت ۾ نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ 6 سيپٽمبر پاڪستان جي تاريخ جو اهم ڏينهن آهي جنهن تي قوم پنهنجي بهادر فوج جي قربانين ۽ دفاع وطن لاءِ ڏنل لازوال خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪري ٿي هنن چيو تہ ملڪ جي سلامتي، خودمختياري ۽ دفاع لاءِ پاڪ فوج ۽ قوم جون قربانيون هميشہ ياد رکيون وينديون

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

حيدرآباد جي احاطي ۾ هڪ ريلي جو اهتمام ڪيو ويو _ ريلي کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو حيدرآباد مهوش مرزو چيو تہ 6 سيپٽمبر 1965 جي جنگ ۾ پاڪ فوج دشمن کي اهڙي تہ عبرتناڪ شڪست ڏني جنهن کي اهي هميشہ ياد رکندا_ هن چيو تہ 6 سيپٽمبر جو ڏينهن اسانجي پاڪ فوج جي قرباني جي ڪري ملهايو ويندو آهي اسان کين سلام پيش ڪيون ٿا _ هن چيو تہ پاڪ فوج جي ڪري ئي اسان اڄ آزاد وطن ۾ سک جو ساهہ کڻي رهيا آهيون _ريلي ۾ مختلف کاتن جي عملدارن پوليس، ريسڪيو 1122، سماجي تنظيمن جي نمائندن کان علاوه عوام شرڪت ڪئي

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

مختيارڪار نياز سيال . اڪرم رند . عبدالغني ڪولاچي ۽ ٻين عملدارن شاهہ لطيف پارڪ ۾ قائم پاڪ آرمي جي شهيد محمد اسحاق جي يادگار تي پهچي گل رکي ڀيٽا پيش ڪئي جڏهن تہ ملڪي سلامتي لاءِ دعا پڻ گهري وئي ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ شهيد اسان جي قوم جو سرمايو آهن شهيدن جي بدولت اڄ اسان پنهنجي گهرن ۾ محفوظ زندگي گذاري رهيا آهيون جن ملڪ جو دفاع ڪندي جانين جا نذرانہ ڏنا کين سلام پيش ڪريون ٿا هنن چيو تہ پاڪ فوج دنيا جي بهادر فوج آهي اسان کي پنهنجي فوج تي فخر آهي ڪنهن کي بہ پنهنجي ملڪ ڏانهن ميري اک سان ڏسڻ نہ ڏينداسين اسان پاڪ فوج ۽ شهيدن جي وارثن سان گڏ آهيون تنهنڪري ڪين ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ اڄ سڀئي هتي گڏ ٿيا آهيون

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

اختيار صرف سنڌ جي عوام انهن جي چونڊيل اسيمبلي ۽ نمائندن کي آهي سنڌ جي عوام نئون صوبو نٿي چاهي عمرڪوٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي راشد محمود سومرو چيو تہ پيپلز پارٽي سنڌ اسيمبلي مان نئين صوبي بابت قرارداد منظور ڪرائي آهي. هاڻي اهو موضوع ختم ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ آئين ۾ نون صوبن جي قيام لاءِ اسيمبلي جي قرارداد جو طريقيڪار موجود آهي. جنهن صوبي جي اسيمبلي کي نئون صوبو ٺاهڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي، اها قرارداد آڻي پر سنڌ بابت فيصلو سنڌ جي عوام ئي ڪندي. هن چيو تہ جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي ورهاڱي کي پاڪستان جي ورهاڱي ڏانهن هڪ رستو سمجهي ٿي جيڪي سنڌ کي ورهائڻ چاهين ٿا اهي پاڪستان کي ڪمزور ڪرڻ چاهين ٿا. پيپلز پارٽي چاهي ٿي تہ سنڌ ڪارڊ سندس هٿ ۾ رهي پر سنڌ ڪارڊ سنڌ جي عوام جي هٿ ۾ آهي ۽ رهندو راشد محمود سومرو چيو تہ فريال ٽالپر چيو هو تہ سنڌ ڌرتي ماءُ آهي تہ پوءِ سوال اهو آهي تہ بينظير ڀٽو کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندا سين؟ آئون چوان ٿو تہ الله کي ڇا منهن ڏيکاريندا؟ سنڌ ۾ جيڪا ڪرپشن، بدامني، لاقانونيت ۽ تباهي برپادي ٿي رهي آهي، ان بابت بہ الله کي ڇا منهن ڏيکاريندا؟ هنن کي الله جو ڪو خوف ناهي. هن چيو تہ پيپلز پارٽي سنڌ کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. اسيمبلي اندر ويٺل سنڌ جا اهي نمائندا جيڪي سنڌ ڌرتي کي ماءُ سمجهن ٿا ۽ وڏيون وڏيون تقريرون ڪن ٿا، انهن کي گهرجي تہ پهريان پنهنجي پنهنجي يونين ڪائونسل ڏانهن نظر وجهن. جتي هر يونين ڪائونسل جي چيئرمين کان پنج لک رپيا ڀتو وٺڻ جون ڳالهيون سامهون اچي رهيون آهن. سنڌ جي عوام سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف آواز اٿارڻ ۽ اهڙين ڳالهين جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺڻ گهرجي. جي يو آءِ اڳواڻ چيو تہ اسان جي تحريڪ جاري آهي ۽ اسان مسلسل جدوجهد ڪري رهيا آهيون. اسان شفاف چونڊن جو مطالبو ڪري رهيا آهيون ۽ فارم 47 ذريعي اسيمبلين ۾ اچڻ واري عمل کي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نٿا ڪريون. هن چيو تہ پي ٽي آءِ سان اسان جو پارليامينٽ اندر اتحاد ٿيو آهي ۽ اهو اتحاد اڳتي بہ جاري رهندو. ان سلسلي ۾ عمرڪوٽ آمد دوران خيبرپختونخواهہ جي وڏي وزير سهيل آفريدي سان ملاقات ٿي، جنهن ۾ مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ ڪيس سنڌ جي مهمان نوازي طور سنڌ ۾ اچڻ تي پنهنجي گهر اچڻ جي دعوت پڻ ڏني وئي. راشد محمود سومرو چيو تہ صدر آصف علي زرداري چوندو آهي تہ محسن نقوي منهنجو پٽ آهي، جيئن بلاول منهنجو پٽ آهي. هڪ پٽ سنڌ کي ورهائڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو جڏهن تہ ٻئي پٽ پنهنجي والده جي تصوير لڳائي چون ٿا تہ سنڌ منهنجي ماءُ آهي. هن چيو تہ سنڌ جي عوام کي اهڙين ڳالهين کي سمجهڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو تہ ”مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون“ جا نعرا هڻڻ سان ماڻهون ارڙهن سالن جي ڪارڪردگي ۽ ميگا ناڪامين کي وساري نہ سگهندا. انفراسٽرڪچر ۽ اسپتالن جو بيڙو غرق ڪندڙن جو عوام احتساب ڪندي. جي يو آءِ سنڌ جي سيڪريٽري جنرل اعلان ڪيو تہ 19، 20 ۽ 21 مارچ 2027ع تي سکر ۾ هڪ عظيم الشان جلسو منعقد ڪرڻ وڃي رهيا آهيون جنهن ۾ دنيا جي مختلف حصن مان وفد پڻ شرڪت ڪندا.

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

مسعود بنڌاڻي جي اڳواڻي ۾ ٻارن جي هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ ٻارن سميت شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ريلي جي شرڪت ڪندڙن پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي وطن عزيز جي دفاع لاءِ پنهنجيون جانيون قربان ڪندڙ پاڪ فوج جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي.ان موقعي تي پاڪ فوج جي شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ خصوصي قرآن خواني پڻ ڪرائي وئي، جنهن ڪانپوءِ شهيدن جي درجن جي بلندي، ملڪ جي سلامتي استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي چيئرمين سکر بچہ يونين مسعود بنڌاڻي چيو تہ يوم دفاع اسان کي پنهنجي شهيدن جي لازوال قربانين جي ياد ڏياري ٿي جڏهن تہ ٻارن جي ريلي جو مقصد نئين نسل ۾ حب الوطني قومي يڪجهتي ۽ وطن سان محبت جو جذبو اجاگر ڪرڻ آهي هن چيو تہ پوري قوم پنهنجي شهيدن جي قربانين کي قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿي ۽ سندن خدمتن کي هميشہ ياد رکيو ويندو

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

ڪاليج اسٽاف وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب دوران چيف آف دي نيوي اسٽاف جو پيغام پڙهي ٻڌايو ويو جڏهن تہ ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ جي ڪمانڊنٽ/ پرنسپال ڪيپٽن شاهد رفيق پڻ خطاب ڪيو ان موقعي تي اقبال آڊيٽوريم ۾ 1965ع جي جنگ جي قومي هيروز کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ انٽر هائوس ٽرائي لنگوئل اسپيچ مقابلو پڻ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ انگريزي، اردو ۽ سنڌي ٻولين ۾ ڪيڊٽس پنهنجي تقريرن ذريعي يوم دفاع جي اهميت، قومي جذبن ۽ شهيدن جي قربانين کي اجاگر ڪيو تقريب جو خاص مهمان قومي اسيمبلي پاڪستان جو ميمبر ۽ ايم اين اي سانگهڙ صلاح الدين جوڻيجو هو خطاب ڪندي هن چيو تہ يوم دفاع پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ اهم ڏينهن آهي، جنهن تي ملڪ جي بهادر شهيدن ۽ غازين جي قربانين کي ياد ڪيو وڃي ٿو هن ڪيڊٽس کي مخاطب ٿيندي چيو تہ اوهان پاڪستان جا مستقبل جا محافظ ۽ ذميوار شهري آهيو تنهنڪري قومي هيروز جي قربانين مان سبق حاصل ڪري محنت، عزم ۽ لگن سان اڳتي وڌو هن ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ جو دورو ڪري نظم ۽ ضبط سان ڀرپور ماحول ڏسي خوشي جو اظهار ڪيو بعد ۾ چيف گيسٽ پاران تقريرن جي مقابلي ۽ چانٽيز پيپر ڪنگ مقابلي ۾ ڪامياب ٿيندڙ ڪيڊٽس ۾ انعام ورهايا ويا جڏهن تہ آئوٽ اسٽينڊنگ ڪيڊٽس ۽ جينٽل مينس ڪيڊٽس آف دي منٿ کي پڻ سرٽيفڪيٽس سان نوازيو ويو ان کان اڳ ڪمانڊنٽ/پرنسپال ڪيپٽن شاهد رفيق پنهنجي استقباليہ خطاب ۾ چيف گيسٽ صلاح الدين جوڻيجو جا قيمتي وقت ڪڍي ڪاليج اچڻ تي ٿورا مڃيا ۽ ڪيس ڪاليج جو يادگاري سوکڙي پيش ڪئي هن 1965ع جي جنگ جي اهم واقعن تي روشني وجهندي مادرِ وطن جي دفاع لاءِ جانين جا نذرانا پيش ڪندڙ شهيدن ۽ غازين کي شاندار لفظن ۾ ڀيٽا پيش ڪئي ڪيپٽن شاهد رفيق ڪيڊٽس تي زور ڏنو تہ هو تعليم تي مڪمل ڌيان ڏين نظم ۽ ضبط کي برقرار رکن ذميوار شهري بڻجن ۽ ايمانداري، اتحاد ۽ خلوص سان پاڪستان جي خدمت ڪرڻ جو عزم ڪن تقريب ڪانپوءِ چيف گيسٽ ڪاليج جي مختلف سهولتن ۽ شعبن جو دورو ڪيو جتي ڪيس تعليمي ۽ انتظامي سرگرمين بابت بريفنگ ڏني وئي بعد ۾ وڻڪاري مهم تحت وڻ پڻ پوکيو ويو جڏهن تہ چيف گيسٽ ڪاليج جي وزيٽرز بڪ ۾ پنهنجا تاثرات قلمبند ڪيا

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

ٻڌجي رهيو آهي.نوجوان ناري جي موت کي ساهرن پاران خودڪشي قرار ڏيڻ ڪانپوءِ مقتولا جي والد پنهنجي وڊيو بيان ۾ اهو موقف رد ڪندي الزام هنيو آهي تہ سندس نياڻي کي سخت تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد گلو دٻائي قتل ڪيو ويو آهي.جڏهن تہ خودڪشي لاءِ استعمال ٿيل ٻڌايل تنديڙي ڏوري مان بہ خودڪشي ٿيڻ بابت سوال اٿاريا ويا آهن.واقعي ڪانپوءِ ناري جي وارثن پاران انصاف ۽ قانوني ڪارروائي جو مطالبو سامهون اچڻ ڪانپوءِ گذريل رات پاڳونتي جا ساهرا گاڏي پري ملي پهچي سندس والدين سان ملاقات ڪئي،جتي مبينا طور قانوني ڪارروائي کان بچڻ لاءِ پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.تنهن هوندي بہ فوتي ناري جا والدين پنهنجي نياڻي جي موت جي شفاف جاچ،ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ۽ انصاف جي مطالبي تي قائم آهن.جڏهن تہ ڪيس ۾ سڀ کان اهم ۽ ڳنڀير ڳالهہ لاش جي پوسٽ مارٽم بابت سامهون آئي آهي.جتي پوليس ۽ اسپتال انتظاميا جي موقف ۾ واضح تضاد پيدا ٿي ويو آهي.ميڊيڪو ليگل آفيسر (ايم ايل او) جو موقف آهي تہ مقتولا جي وارثن پاران لکيت ۾ پوسٽ مارٽم ڪرائڻ کان انڪار ڪرڻ سبب پوسٽ مارٽم نہ ڪيو ويو.جڏهن تہ اسلام ڪوٽ پوليس جي دعويٰ آهي تہ اسپتال انتظاميا پوليس کي لکيت ۾ ڏنو آهي تہ لاش جو پوسٽ مارٽم ڪيو ويو آهي.پنهنجي ادارن جي انهن متضاد بيانن واقعي کي وڌيڪ شڪي بڻائي ڇڏيو آهي ۽ پوسٽ مارٽم جي عمل بابت ڪيترائي سوال پيدا ٿي ويا آهن تہ آخر ناري جي لاش جو قانوني طبي معائنو ٿيو يا نہ ۽ جيڪڏهن نہ ٿيو تہ ان جا ذميوار ڪير آهن؟اهو سوال جنم وٺي رهيو آهي ۽ معاملو اهم رخ اختيار ڪري ويو آهي،جنهن سبب مقامي پوليس عملدارن ۾ ٿرٿلو مچي چڪو آهي.ذريعن موجب تہ پوليس پنهنجو پاڻ بچائڻ لاءِ ناري جي ساهورن کي ناري مائٽن کي هر صورت ۾ راضي ڪرڻ خاطر ڏٻاءُ وڌو پيو وڃي پر ناري جا مائٽ ڪنهن بہ صورت ۾ اعتراض تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ناهن ۽ اهو نياڻي جي خون سان انصاف لاءِ ڏانهي رهيا آهن.پاڳونتي ميگهواڙ جي موت بابت وارثن پاران قتل جو الزام،ساهرن پاران خودڪشي جو موقف،صلح لاءِ مبينا ڪوششون ۽ پوسٽ مارٽم بابت سرڪاري ادارن جا متضاد بيان واقعي کي وڌيڪ گنڀير بڻائي ڇڏيو آهي.جڏهن تہ ناري جا وارث اصل حقيقت سامهون اچڻ ۽ انصاف ملڻ جا منتظر آهن ٻئي طرف هر لاش جو پوسٽ مارٽم لازمي،ايس ايس پي جي نوٽيس اهم رخ اختيار ڪري ورتو،انهي سلسلي ۾ ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز معاملي جو نوٽيس وٺندي چيو آهي تہ مون ضلعي جي پوليس کي واضح حڪم ڏئي رکيا آهن تہ ڪنهن بہ مشڪوڪ يا فوت ٿيل شخص جي لاش جو پوسٽ مارٽم لازمي ڪرايو وڃي،ايس ايس پي موجب صرف ڪنهن اداري طرفان لکيت ۾ ڏيڻ سان معاملو ختم نٿو ٿي سگهي ڇو تہ پوسٽ مارٽم قانوني طريقيڪار جو حصو آهي،ايس ايس پي ٿرپارڪر موجب تہ جيڪڏهن پاڳونتي جي لاش جو پوسٽ مارٽم نہ ٿيو آهي تہ ان معاملي جي جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي،خودڪشي جي هر واقعي جو پوسٽ مارٽم انتهائي اهم قرار ڏنل آهي جنهن بابت ڪا بہ لاپرواهي برداشت نہ ڪئي ويندي اگر لاش جو پوسٽ مارٽم نہ ڪرايو ويو هوندو تہ ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي ٿيندي.

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

سمترامنجياڻي پاڳونتي ميگهواڙ جي واقعي جو نوٽيس وٺندي جاچ جو مطالبو ڪري ڇڏيو پ ٽ ليڊيز ونگ جي اڳواڻ سمترامنجياڻي چيو آهي تہ نياڻي پاڳونتي وارو واقعو مشڪوڪ آهي.نياڻي جا وارث چون ٿا تہ پوليس اسان کان زوري زبردستي خودڪشي بابت لکرايو آهي.ايس ايڇ او اسلام ڪوٽ ۽ وڏيرن پاڻ ۾ ملي ڪري نياڻي جو خون لڪ مٽي ڪرڻ لاءِ پوسٽ مارٽم ناهي ڪرايو.نياڻي جي واقعي جو اڄ قتل ڪيس داخل ڪرائينداسين.پاڳونتي جا مائٽ چون ٿا تہ اسان مٿي مان مشڪل سان اچي پهتاسين تہ پوليس لکت وارو پيپر کڻي بيٺي هئي ۽ زوري بنا پڙهائڻ يا سمجهائڻ جي اسان کان آڱوٺا ورتا ويا،اسان کي چيو ويو تہ ناري جو پوسٽ مارٽم ٿي ويو آهي.اسان کي ٻي ڏينهن خبر پئي تہ نياڻي کي قتل ڪري خودڪشي جو ڊرامون رچايو ويو آهي.سمترامنجياڻي چيو آهي تہ اسان نياڻي جي وارثن سان گڏ آهيون اڄ اسلام ڪوٽ پهچي جاءِ واردات جو وزٽ ڪري جوابدارن تي ڪيس داخل ڪرائينداسين.ايس ايس پي پوسٽ مارٽم نہ ڪرائيندڙ ايس ايڇ او سميت ٽيم خلاف ڪارروائي ڪري.

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

حقن واري کاتي جي فوڪل پرسن اسد آزاد هنگورجو پاران اسلام ڪوٽ ۾ ناري پاڳونتي ميگهواڙ جي مبينا خودڪشي ۽ وارثن پاران واقعو قتل قرار ڏيڻ واري معاملي جي صاف شفاف جاچ لاءِ انساني حقن واري کاتي کي خط لکي ڇڏيو.اسد هنگورجي اسلام ڪوٽ ۾ پيش آيل خودڪشي واري معاملي ۾ پوسٽ مارٽم نہ ٿيڻ،ناري جي مائٽن پاران معاملي کي قتل قرار ڏيڻ تي لاڳاپيل ادارن کان تفصيل معلوم ڪندي سنڌ حڪومت جي انساني حقن واري کاتي لاءِ وڏي وزير جي معاون خصوصي راجوير سنگهہ سوڍي کي خط اماڻي سخت قدم کڻڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي.انهي سلسلي ۾ اسد آزاد پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي تہ ان قسم جا واقعا سماج ۾ ناڪاري اثر ڇڏين ٿا.انسان جي جان ۽ مال جي حفاظت رياست جو اولين فرض آهي ۽ شهرين جو بنيادي حق آهي ۽ ان قسم جا واقعا انساني ۽ بنيادي حقن جي سنگين لتاڙ جي زمري ۾ اچن ٿا.پاڳونتي واري واقعي جي صاف شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي.

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

رڃ ۾ خانداني تڪرار تان ٿيل خوني جهيڙي جو افسوسناڪ انجام،ڪهاڙين جا وار لڳڻ سبب سخت زخمي ٿيل انور ملاح حيدرآباد جي اسپتال ۾ زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو ذريعن موجب ٻہ ڏينهن اڳ ٽرائي شهر ۾ خانداني تڪرار تان ٻن ڌرين رڃ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران هڪ ٻئي تي ڪهاڙين سان حملا ڪيا ويا. جهيڙي دوران انور ملاح ۽ سندس پٽ آچار ملاح سخت زخمي ٿي پيا هئا. واقعو بعد زخمين کي فوري طور علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي انور ملاح جي حالت انتهائي نازڪ هئڻ سبب ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو حيدرآباد جي اسپتال ۾ علاج دوران انور ملاح زخمن جي تاب نہ آڻيندي فوت ٿي ويو انور ملاح جي فوت ٿيڻ جي خبر علائقي ۾ پهچڻ بعد سندس گهرڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن تہ ٽرائي شهر ۽ پرپاسي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي آهي هوڏانهن واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي پوليس طرفان واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي جڏهن تہ جهيڙي ۾ ملوث ڌرين خلاف قانوني ڪارروائي بابت پڻ معلومات گڏ ڪئي پئي وڃي

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

وٽ تيز ويگن جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ جي نتيجي عورت سلما ۽ سندس پٽ حسن رضا رند سخت زخمي ٿي پيا آهن جن کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 32 ”روزاني عبرت“

جي ڪنهن بہ ڪوشش کي سنڌ جا ماڻهو قبول نہ ڪندا. اهڙو اظهار هن ڪالهہ سيوهڻ ۾ ميڊيا ڳالهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو تہ وفاق سنڌ جو پاڻي چوري ڪرڻ ۽ پاڻي جي ورڇ کي متاثر ڪرڻ لاءِ جلالپور ڪينال سميت ٻيا واهن جا منصوبا ٺاهڻ چاهي ٿو. سندس چوڻ هو تہ سنڌ ۾ نئين صوبي جو شوشو ڇڏي عوام جو ڌيان اصل مسئلن تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر سنڌ ۾ ايڇ آءِ وي ايڊز جي پکڙجڻ تي پڻ ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو تہ هن سنگين مسئلي تي ضابطو آڻڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ جي ضرورت آهي هن ٻڌايو تہ هو لاڙڪاڻي ۾ ايڇ آءِ وي ايڊز بابت هڪ ڪيمپ ۾ شرڪت ڪري آيو آهي ۽ مستقبل ۾ بہ هن مسئلي بابت ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. هن وڌيڪ چيو تہ سنڌ جي عوام کي پاڻي صحت ۽ ٻين بنيادي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جن جي حل لاءِ گڏيل طور آواز اٿارڻ ۽ عملي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي بعد ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر پ پ شهيد ڀٽو سيوهڻ جي اڳواڻن حبيب الله ڀٽو سان سندس والد ۽ سينئر صحافي قادر بخش ڪنبر سان سندس والده جي وفات تي تعزيت ڪئي ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. ان کان اڳ ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر سيوهڻ پهچي حضرت لعل شهباز قلندرؒ جي مزار تي حاضري ڀري، فاتحہ خواني ڪئي ۽ سنڌ سميت ملڪ جي سلامتي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ خاص دعائون گهريون

بقايا 33 ”روزاني عبرت“

ٿهيم،خالد ڪاڪا ۽ ٻين تنظيم جي عهديدارن ، ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي هيومن رائٽس جسٽس اينڊ ڊفينڊر آرگنائيزيشن پاڪستان جي آفيس کان شروع ٿي جيڪا مختلف رستن کان ٿيندي درگاهہ ڀٽ شاهہ پهتي، جتي تنظيم جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران پاڪ فوج جي بهادر جوانن ۽ وطن جي شهيدن کي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ پاڪ فوج جي عزم، حوصلي ۽ جوانن جي بي مثال قربانين کي قوم ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهي. وطن جي دفاع خاطر پنهنجيون جانيون قربان ڪندڙ شهيدن کي سلام پيش ڪندي سندن قربانين کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو. اڳواڻن چيو تہ پاڪستان جا سمورا شهري پنهنجي وطن سان محبت، قومي يڪجهتي ۽ اتحاد جو اظهار ڪن ٿا ۽ ملڪ جي سلامتي، خودمختياري ۽ استحڪام لاءِ هر وقت متحد آهن. ريلي دوران شرڪت ڪندڙن پاران ”پاڪستان زنده باد، پاڪ فوج پائنده باد“ جا زوردار نعرا هنيا ويا، جنهن سان ڀٽ شاهہ جو ماحول حب الوطني جي جذبن سان گونجي اٿيو

بقايا 34 ”روزاني عبرت“

عسڪري، عزيز بروهي، اصغر نوناري، دودو ديشي، مولا بخش ڦلپوٽو محمد صفر مغيري، بخشل مگسي، زاهد پلاڻ، محمد امين سيال علي بخش سولنگي، طاهر نور هيسباڻي، علي محمد ڪوري، فقير جلال ساريو سرائي سودو سولنگي، علي زهري ۽ ٻين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ”حڪمرانو پنهنجا واعدا پورا ڪيو باڊهہ تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو“ جا نعرا هنيا. ان موقعي تي ڳالهائيندي اڳواڻن چيو تہ باڊهہ کي تعلقي وارو حق نہ ملڻ سبب شهر پنهنجي ڪاروباري ساک ۽ سونهن وڃائي ويٺو آهي. شهري صحت ۽ تعليم سميت ٻين گهربل سهولتن جي فراهمي لاءِ مختلف شهرن جو رخ ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن هنن وڌيڪ چيو تہ باڊهہ کي تعلقي جو درجو ملڻ سان نہ رڳو بنيادي مسئلا حل ٿيندا، پر شهر ۾ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا، ترقياتي منصوبن جو آغاز ٿيندو ۽ علائقي جي مجموعي ترقي ممڪن بڻبي هنن سنڌ حڪومت توڙي مقامي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪندي چيو تہ حڪومت جيڪڏهن واقعي عوام دوست هجڻ جي دعويدار آهي تہ پوءِ باڊهہ جي عوام جي آواز کي نظرانداز ڪرڻ بدران سندن جائز مطالبو فوري طور قبول ڪري باڊهہ کي تعلقي جو درجو ڏئي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ جدوجهد جاري رهندي

بقايا 35 ”روزاني عبرت“

هجڻ ڪري مريضن جي تڪليفن ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو آهي جڏهن تہ ايمرجنسي سميت مختلف وارڊن ۾ علاج هيٺ مريض سخت گرميءَ سبب بيحال ٿي رهيا آهن اسپتال ۾ داخل مريضن ڊي سي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي تہ معاملي جو فوري نوٽيس وٺي اسپتال جي بجلي بحال ڪرائي وڃي تہ جيئن تڪليفن کان بچي سگهون

بقايا 36 ”روزاني عبرت“

احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان سارين جي فصل لاءِ ٻيجارا تيار ڪيا هئا. پاڻي نہ ملڻ جي ڪري سڀ ٻيجارا سڪي سڙي تباهہ ٿي ويا آهن اسان جون زمينون ڪريڪ ٿي ڪري پٿر بڻجي ويون آهن هاري جو سڄي سال جو سرمايو محنت ۽ اميد سڀ ختم ٿي وئي آهي اسان بار آبپاشي کاتي ۽ حڪومت جي ذميوارن کي درخواستون ڏنيون وفد موڪليا، پر اڄ تائين ڪنهن بہ اسان جي سار نہ لڌي گنج بحر شاخ جي هيڊ کان وٺي ٽيل تائين پاڻي پهچڻ ئي نٿو ڏنو وڃي جيڪڏهن اڄ بہ فوري طور پاڻي نہ ڇڏيو ويو تہ اسان جو فصل مڪمل طور تباهہ ٿي ويندو اسان وٽ ٻارن کي ماني ڏيڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچندو مجبور ٿي اسان کي روڊ بند ڪرڻا پوندا ۽ وڏي احتجاج ڪرڻو پوندو اسان اعلي اختيارن کان مطالبو ڪريون ٿا تہ فوري طور گنج بحر شاخ ۾ پاڻي ڇڏيو وڃي ۽ ٽيل وارن آبادگارن کي سندن حق ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ اسان جو احتجاج جاري رهندو“

بقايا 37 ”روزاني عبرت“

لڳائي ڪيس هٿ ڪري وارثن حوالي ڪري ڇڏيو آهي ان حوالي سان هٿ آيل نينگر جي وارثن جو چوڻ آهي تہ اسان جو نينگر گهران نڪرڻ بعد گم ٿي ويو جنهن کي مختلف علائقن ۾ ڳولا ڪرڻ سميت سندس گمشدگي جو اطلاع حد جي مارڪيٽ ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو جنهن تي پوليس اسان جي نينگر کي هٿ ڪري ورتو آهي ٻئي طرف نينگر جي گهر پهچڻ تي سندس گهر ڀاتين جا چهرا ٻهڪي پيا.

بقايا 38 ”روزاني عبرت“

مارچ پونم پيٽرول پمپ کان پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيو جنهن ۾ جسقم آريسر جساف ۽ ٻين قومپرست تنظيمن جا سوين ڪارڪن شريڪ هئا. مارچ ۾ شريڪ ڪارڪن سنڌ جي ورهاڱي نون صوبن جي قيام ۽ سنڌ جي وسيلن تي قبضي خلاف نعريبازي ڪري رهيا هئا. پوليس وڏي نفري سان پهچي مارچ کي اڳتي وڌڻ کان روڪيو جنهن دوران پوليس ۽ ڪارڪنن وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي بعد ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي قومپرست اڳواڻ عبدالفتاح چنا سميت ڪيترن ئي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي حراست ۾ وٺي مختلف پوليس موبائلن ۾ منتقل ڪري ڇڏيو گرفتارين ڪانپوءِ علائقي ۾ ڪجهہ وقت لاءِ ڇڪتاڻ واري صورتحال برقرار رهي قومپرست اڳواڻن پوليس ڪارروائي جي سخت مذمت ڪندي چيو تہ سنڌ جي وحدت ۽ حقن لاءِ آواز اٿارڻ سندن آئيني ۽ جمهوري حق آهي، جنهن کي طاقت جي زور تي دٻائي نٿو سگهجي اڳواڻن مطالبو ڪيو تہ گرفتار ڪيل ڪارڪنن کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي ۽ سياسي سرگرمين ۾ رڪاوٽون وجهڻ بند ڪيون وڃن هوڏانهن پوليس ذريعن جو چوڻ آهي تہ قانون ۽ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ لاءِ ضروري قدم کنيا ويا آهن جڏهن تہ گرفتار ڪيل ماڻهن بابت وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي

بقايا 39 ”روزاني عبرت“

سنڌ جي تعليم يافتہ نوجوان طبقي جي ڪلهن تي قومي بقا جو وڏو بار آهي ڪيز سردارن پوتارن ۽ اقتدار جي پوڄاري وڏيرن ۽ سياسي پارٽين جي مڪر کي سمجهي پنهنجا قوم کي بيدار ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي انهي موقعي تي سومرا برادري جي نوجوانن علي حسن ۽ خالد حسين سومرو پنهنجي دوستن ۽ ساٿين سميت عوامي تحريڪ ۾ شموليت ڪندي وچن ڪيو تہ هو پنهنجي قوم ۽ وطن جي بقا واري جدوجهد ۾ ڀرپور حصو وٺي عوامي تحريڪ جي نظريئي ۽ واٽ تي هلندي علائقي جي عوام تائين فڪر رسول بخش پليجو جي پرچار ڪندا انهي موقعي تي عوامي تحريڪ جا سينئر اڳواڻ بهادر ڪاليرو ۽ حاجي عبدالڪريم جمالي بہ موجود هئا

بقايا 40 ”روزاني عبرت“

جي اڳواڻيءَ ۾ يوم دفاع جي حوالي سان ريلي پڻ ڪڍي وئي. تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي

بقايا 41 ”روزاني عبرت“

جوابدارن کي گرفتار ڪري هٿيار ڦر ڪيل موٽرسائيڪل ۽ منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ان سلسلي ۾ ڪنگا پوليس قتل جي ڪيسن ۾ ملوث 2 اشتهاري جوابدارن زاهد شاهہ ۽ عبدالمجيد سانگي کي، ٽنڊو ڏيرو پوليس قتل ۽ ڦر جهڙن سنگين ڪيسن ۾ روپوش ۽ گهربل جوابدار ذوالفقار جوڻيجو کي منشيات فروش جوابدار مجاهد شيخ کي 2 ڪلو ڀنگ سميت، الله آباد پوليس 2 جوابدارن لطيف ڏنو گوپانگ ۽ عبدالستار ڏهر کي بغير لائسنس جي 2 پستلن گولين ۽ شراب سميت، علي گوهر آباد ٻن مختلف هنڌن تي ڪارروائيون ڪندي هڪ درجن کان وڌيڪ سنگين ڪيسن ۾ ملوث ۽ منشيات فروشي ڪندڙ جوابدار اسد ابڙو کي هڪ ڪلو کان وڌيڪ چرس سميت ۽ جوابدار سجاد شيخ کي ڦر ڪيل موٽرسائيڪل سميت گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب گرفتار سمورن جوابدارن مٿان اهڙي نوعيت جا ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 42 ”روزاني عبرت“

آهي جنهن جي بقا، وحدت ۽ تاريخي حيثيت جو تحفظ سنڌي قوم جي بنيادي ذميواري آهي سنڌ جي نقشي ۽ وحدت کي ڪنهن بہ صورت ۾ تبديل يا ختم ٿيڻ نہ ڏنو ويندو جيڪڏهن ڪنهن بہ ڌر سنڌ ڏانهن بري نظر سان ڏٺو تہ سنڌي قوم ڀرپور مزاحمت ڪندي

بقايا 43 ”روزاني عبرت“

6 سيپٽمبر اسان کي 1965 جي جنگ جي انهن بهادر سپاهين ۽ محب وطن پاڪستانين جي قربانين جي ياد ڏياري ٿو جن وطن عزيز جي دفاع لاءِ پنهنجين جانين جا نذرانا پيش ڪيا.

بقايا 44 ”روزاني عبرت“

ڳالهائيندي اڳواڻنچيو تہ اسان جو احتجاج ڪنهن ذاتي مفاد، سياسي فائدي يا رعايت لاءِ نہ پر ميرٽ، انصاف ۽ پنهنجي جائز حقن لاءِ آهي

بقايا 45 ”روزاني عبرت“

پهتي جتي اڳواڻن توڙي ڪارڪنن هٿن ۾ بئنر ۽ تنظيمي جهنڊا کڻي نعريبازي پڻ ڪئي

بقايا 46 ”روزاني عبرت“

تاريخي اهميت رکندڙ وڏي اعزاز ۽ فخر جو ڏينهن آهي ڊاڪٽر روبينا شيخ کي بنا مقابلي ٻيهر انريپريزنٽيڊ نيشنز آف پيپلز آرگنائيزيشن (UNPO)جو صدر چونڊيو ويو آهي

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

Sukkur IBA University

Sukkur IBA University
www.iba-suk.edu.pk

NOTICE INVITING TENDER (THROUGH EPADS)
Tender Proc/EPADS/0113

Sukkur IBA University invites bids on Composite Schedule of Rates (CSR)/item rate basis electronically through EPADS (E-Pak Acquisition & Disposal System) on a **single stage Two envelope** procedure from the eligible and experienced firms registered with Pakistan Engineering council (PEC), Income tax & Sales tax and Sindh Revenue Board (whichever is applicable) departments for the following works. Manual bids will not be considered.

S. No.	Name of Work	Estimated Cost Rs. in Million	Bid Security Cost Rs.	Time for completion
01	Miscellaneous works at IBACC Dadu	14.703	300,000	09 Months
02	Rehabilitation of Boundary Wall and R&M of IBA IPHSS Ghotki	4.00	80,000	06 Months
03	Repair and Maintenance of Academic Block at IBA Public School Ubauro	3.999	80,000	06 Months

Tender Schedule - Date and Time

	From	To	Submission	Opening
01	September 07, 2026	September 28, 2026	28-09-2026 03:00 PM Through EPADS	28-09-2026 03:30 PM Through EPADS

1. Mandatory Eligibility Criteria:

All the applicants shall be subjected to initial scrutiny using the following criteria:

- Valid licensed by the Pakistan Engineering Council (PEC) in the category C-6 or above with specialized codes CE-09 and CE-10 for Serial No. 01, and CE-10 for Serial Nos. 02 and 03.
- Bidder must have valid registration with Income Tax and applicable Sales Tax along with Active Taxpayer Status.
- Bidders must have an average annual turnover as per (FBR tax returns) for the last five years that should be more than or equal to the estimated cost of the work.
- An affidavit (on non-judicial stamp paper) declaring that there is no litigation history, no blacklisting, and no involvement in any corrupt, fraudulent, or collusive practices. The affidavit shall also include an undertaking that all information and documents provided are true and correct. If, at any stage, the information is found to be bogus, fake, forged, or counterfeit, action shall be taken in accordance with the applicable rules.
- Bidder must not have forfeited CDR/or bid security with the procurement agency Sukkur IBA University.

2. Terms and Conditions:

(a) Under the following conditions, the bid will be rejected: -

I. Conditional bids/tenders.
ii. Bids not accompanied by a bid security of the required amount and form.
iii. Blacklisted firms.
iv. Unable to meet the eligibility criteria listed above.

(b) Bid validity Period: 90 days.

Bidding documents can be obtained and submitted through EPADS as per the above schedule. Bidders are requested to give their Best and Final Price as "No Negotiations" is permitted. Bidding Documents containing detailed terms and conditions can be downloaded from the following websites & submitted electronically through EPADS.

https://portalsindh.eprocure.gov.pk, www.iba-suk.edu.pk.

Bid Security in the form of a pay order, deposit at call, demand draft or bank guarantee should be in favor of **Sukkur IBA University.**

The procuring agency reserves the right to accept or reject any or all bids prior to the acceptance of a bid as per SPP Rules 2010 (Amended to date).

In case of any query/confusion, please email at: pd@iba-suk.edu.pk

PROJECT DIRECTOR
SUKKUR IBA UNIVERSITY
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur.
Ph: 071-5644025-26/0333-2671527, Fax: 071-5804419

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

سکر ۾ ڪوسا ۽ جتوئي برادري ۾ هلندڙ خوني تڪرار جو نبيرو، ڪروڙ 85 لک روپيه ڏنڊ

سرڪٽ هائوس ۾ سردار عبدالرزاق ڪوسو، ڊاڪٽر ابراهيم جتوئي ۽ مير عابد جتوئي جي سرپنچي هيٺ جرڳو ٿيو

ڪوسا برادري جي پنج خونن ۽ زخمين جو عيوضو هڪ ڪروڙ ايڪٽيهه لک روپيه رکيو ويو

جتوئي برادري جو هڪ خون ۽ ٻارنهن زخمين جو مجموعي طور تي 54 لک روپيه ڏنڊ مقرر بعد ڏريون ڪير ڪنڊ

سکر (بيورو رپورٽ) ڪوسا ۽ جتوئي برادري ۾ هلندڙ خوني تڪرار جو نبيرو ٿي ويو فتوا ٻڌائي وئي سال2024 ۾ ڪوسا برادري جي ڇوري واري معاصري تان تڪرار شروع ٿيو سردار عبدالرزاق خان ڪوسو، ڊاڪٽر محمدابراهيم جتوئي ۽ مير عابد حسين جتوئي جي سرپنچي هيٺ سکر سرڪٽ هائوس ۾ ٿيو. جرڳي ۾ پ پ جو مرڪزي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪنڏڙو ويجهو چنگچي رڪشا ڪلٽي ٿيڻ سبب ٽينگر فوت، 3 ڄڻا زخمي

جمڙائو ڪينال پرسان حادثي ۾ 15 ورهين جو حافظ عبدالله مدواڻي فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي ٽن ڄڻن ۽ فوتي جو مڙهه ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

ڪنڏڙو (ن ع) ڪنڏڙو ويجهو جمڙائو ڪينال پرسان هڪ چنگچي رڪشا ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب ڪلٽي ٿي جمڙائو ڪينال پرسان ڪڏ ۾ وڃي ڪري پيو جنهن نتيجي ۾ 15 ورهين جو اسڪولي شاگرد حافظ عبدالله ولد شير محمد مدواڻي فوت ٿي ويو جڏهن ته رڪشا سوار ٻيا ٽي ماڻهون زخمي ٿي پيا زخمين کي علاج لاءِ مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو.

بدين ۾ پ ٽ الف جو سروس اسٽرڪچر لاءِ احتجاجي مظاهرو

غريب آباد اسڪول کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي

سروس اسٽرڪچر جو نوٽيفڪيشن فوري جاري ڪيو وڃي، جائز مطالبا حل ڪيا وڃن:مظاهرين

بدين (ڊ ر) آل سنڌ پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن (پ ٽ الف) جي مرڪزي سڏ تي اعلانيل مرحليوار تحريڪ تحت ضلعي هيڊڪوارٽر بدين ۾ پرائمري استادن پاران سروس اسٽرڪچر سميت جائز مطالبن جي حاصلات لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو غريب آباد پرائمري اسڪول کان بدين پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ پرائمري استادن شرڪت

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

بدين: پ ٽ الف پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد: يوم دفاع جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ 18 ورهين جي معذور نياڻي مبينا طور يرغمال

اريس ٽالپور ڪراچي مان نوڪري بهاني ڪٺي آيو قيد ڪري مون تي تشدد ڪندو هو:عليا

ڪاڌو ڏيڻ لاءِ جيئن ئي دروازو کوليو ويو ته رڙيون ڪري پٽ تان ٽپو ڏيئي ٻاهر نڪري ويس

متاثر نياڻي جي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ طبي امداد بعد سول اسپتال حيدرآباد منتقل، گرفتاري عمل ۾ نه آئي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ ڪراچي جي رهواسڻ معذور ناري 18 سالا انيلا مگسي کي اغوا ڪري يرغمال بڻايو ويو خبر موجب ڪراچي جي علائقي سڪندر ڳوٺ جي رهواسڻ نوجوان ناري کي هڪ مهيني کان ڪمري ۾ بند ڪري تشدد ڪيو ويو متاثره ناري کي ڪاڌو ڏيڻ لاءِ جيئن ئي دروازو کوليو ويو ته هو رڙيون ڪري پٽ تان ٽپو ڏيئي ٻاهر نڪري وئي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: ڪراچي جي رهواسڻ معذور ناري انيلا مگسي جنهن کي بازياب ڪرايو ويو

مانجهند ويجهو نوجوان جو لاش هٿ، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

انڊس هاءِ وي سر نالي وٽ لاش جي اطلاع تي پوليس ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

مانجهند (ن ع) آمري پرسان انڊس هاءِ وي تي سر نالي وٽان 22 ورهين جي اڻڄاتل نوجوان جو لاش هٿ آيو ڳوٺاڻن جي اطلاع تي آمري پوليس واقعي واري هنڌ پهچي پنهنجي تحويل ۾ وٺي سيوهڻ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو ذريعن موجب لاش جي وات ۽ نڪ مان رت پئي وهي رهيو هو پوليس موجب ظاهري ڪو به زخم جو نشان نظر نه آيو آهي وڌيڪ پوسٽ مارٽم رپورٽ مان خبر پوندي

لاڙڪاڻي مان بيهوشي حالت ۾ مليل نوجوان اسپتال ۾ فوت

ايمرجنسي وارڊ ۾ فوت ٿيل نوجوان جي سوشل ميڊيا تي تصوير بعد سڃاڻپ ٿي وئي

لهر ڪالوني واسي سهيل پٽ اويس جمالي جو مڙهه وارث قانوني ڪارروائي بعد گهر کڻائي ويا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي چانڊڪا پل واري علائقي ۾ هڪ ڏينهن اڳ نوجوان بيهوشي واري حالت ۾ هٿ اچڻ بعد چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ سينٽر ۾ فوت ٿي ويل نوجوان جي سڃاڻپ لهر ڪالوني واسي سهيل پٽ اويس جمالي طور ٿي آهي سوشل ميڊيا تي نوجوان جون تصويرون وائرل ٿيڻ بعد وارثن ايڌي سينٽر لاڙڪاڻو پهچي ضروري قانوني ڪارروائي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٺري ميرواهه لڳ هٿياربند پاران صحافي جي پٽ کان ڦرلٽ، احتجاج

عبرت نمائندي گلاب علي سهتو جي پٽ کان هٿياربند موٽرسائيڪل سامان ڦري ويا

واقعي خلاف صحافين، سول سوسائٽي جي اڳواڻن جو احتجاج، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

ٺري ميرواهه (ن ع) خيرپور ڪان وايس اينڊي شاهه حسين ڦاٽڪ جي حد ۾ عبرت جي نمائندي گلاب علي سهتو جي پٽ صحافي اطهر سهتو ۽ ايڊووڪيٽ مظهر سهتو کان ڳوٺ ڪوڙو قليوٽو وٽان نامعلوم موٽرسائيڪل سوارن فورن هٿيارن جي زور تي ٻه ٽچ موبائلون هڪ ڪي پيڊ موبائل 10 هزار روڪ رقم ميڊيا جو سامان لوڳا،ڪارڊ، اي ٽي ايم ڪارڊ،ضروري

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

باڍهه کي تعلقو ڏيو
WE WANT BADAH AS TALUKA
باڍهه تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو
باڏه تحصيل کا نوٽيفڪيشن جاري ڪرو
BADAH TALUKA MOVEMENT

باڍهه: تعلقي سوومينٽ پاران شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ۾ منظور ڪوڪر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو احتجاج

جوابدار دين محمد جوڻيجو فائرنگ ڪري منظور کي قتل ڪيو آهي: مظاهرين

جوابدارن خلاف ڪيس به داخل ٿيل آهي پر اڃا تائين جوابدار گرفتار ناهن ڪيا ويا

بدين (ڊ ر) ڪراچي جي عثمانيه واري علائقي پرسان ڪجهه ڏينهن اڳ مبينا طور قتل ٿيل بدين واسي نوجوان منظور الاهي ڪوڪر جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف وارثن ۽ شهرين پاران

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ پوليس جي ڪارروائي، قتل سميت درجنين ڪيسن ۾ گهربل روپوش جوابدار گرفتار

بدين (ڊ ر) اي ايس پي شهيد فاضل راهو جي سربراهيءَ ۾ ڪامياب ڪارروائي قتل سميت درجنين ڪيسن ۾ گهربل ڏوهاري گينگ جو سرغنه روپوش جوابدار گرفتار ڊي ايس پي شهيد فاضل راهو عبدالرحيم خاصخيلي جي سربراهيءَ ۾ ايس ايڇ او ٿاڻو شهيد فاضل راهو انسپيڪٽر محمد خان ڪلوئي ۽ پوليس پوسٽ ڳڙاڙي جي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

سنڌ آبادگار بورڊ جو زرعي پاليسين خلاف احتجاج، حڪومت جي ڊي ريگيوليشن پاليسي کي آبادگارن لاءِ هاڃيڪار قرار

ڳڏيل ٻن سالن دوران حڪومت جي وقتي پاليسين سبب پيدا ٿيندڙ خلل زرعي شعبي کي سخت نقصان پهچايو آهي: محمود نواز شاهه

ملڪي معيشت ۾ مهانگائي لاڳيتو 29 سيڪڙو رهي ته ڏهن به ڪنهن به هڪ زرعي جنس جي اگهه ۾ ان تناسب سان واڌ نه ٿي

آبادگارن لاءِ امدادي اگهه مقرر ڪرڻ جو عمل جاري رکڻ جو مطالبو، درآمد ۽ برآمد لاءِ منصفاڻي ۽ مقابلي واري مارڪيٽ قائم ڪرڻ تي زور

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ آبادگار بورڊ حڪومت جي غلط ۽ وقتي پاليسين کي زراعت لاءِ هاڃيڪار قرار ڏيندي چيو آهي ته حڪومت جي "ڊي ريگيوليشن" پاليسي خاص طور تي ڪڻڪ ۽ ڪمند جي شعبي ۾ ڳڏيل اڍائي سالن اندر هزارين ارب روپين جي نقصان جو ڪارڻ ٿي آهي سنڌ آبادگار بورڊ ڪمند جو في مڻ اگهه 525 روپيا ۽ ڪڻڪ جو في مڻ اگهه 4,500 روپيا مقرر ڪرڻ جو مطالبو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پ ٽ الف پاران جائز حقن جي حاصلات لاءِ پيادل مارچ جو اعلان

استادن ورڪرز ڪنوينشن ڪوٺائي بعد ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

جائز مطالبا نه مڃيا ويا ته بلاول هائوس تائين لانگ مارچ ڪري ڌرڻو لڳايو ويندو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن پ ٽ الف جي مرڪزي صدر حاجي شفيع محمد سليو جي اڳواڻيءَ ۾ پرائمري استادن پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ شهيدن جي شهر لاڙڪاڻي کان تحريڪ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي ان لاءِ تمام جلد شهيدن جي سرزمين ڳڙهي خدابخش کان ڪراچي پريس ڪلب تائين پيادل لانگ مارچ شروع جو اعلان

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر ۾ واپارين کان ڦر بعد پوليس جو آپريشن، 8 کان وڌيڪ شڪي گرفتار

ڊي ايس پي ميرپور ماٿيلو جي اڳواڻي ۾ پوليس مختلف علائقن ۾ سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن ڪندي ڇاپا هنيا

آپريشن دوران نظر علي گڏاڻي، شاهه مراد چانگ، سونو پتافي، سهانجڙو ۽ ٻين ۾ گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي آهي: ذريعا

ڏوهارين سان لاڳاپيل ماڻهن جو چورايل مال، اناج ۽ موٽرسائيڪلون پڻ تحويل ۾ ورتيون آهن

خانپورمهر (رپورٽ: سري چند ڪيول) خانپور مهر ۾ واڪ ڪنڊ هندو واپارين کان ڦر ۽ گهر ۾ ڌاڙي جي واقعن ڪانپوءِ پوليس ڏوهارين خلاف ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون آهن ڊي ايس پي ميرپور ماٿيلو جي اڳواڻي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ايس ايس پي جو 85 پوليس اهلڪارن ۽ آفيسرن جو اردلي روم، 11 برطرف

امير سعود مگسي پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾85پوليس آفيسرن اهلڪارن ۽ ليڊي پوليس اهلڪارن جا اردلي روم ڪيا

اردلي روم دوران ناقص ڪارڪردگي تي شاهه لطيف ۽ براڊري جتوئي ٿاڻي جي ايس ايڇ اوز کي لائين ڪلوز ڪيو ويو

مسلسل غيرحاضري ۽ ڊيوٽي ۾ غفلت ڪرڻ تي 11 پوليس اهلڪارن کي نوڪري مان برطرف ڪيو ويو

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور: ايس ايس پي امير سعود مگسي جو 85 پوليس اهلڪارن ۽ آفيسرن جو اردلي روم، 11 پوليس اهلڪار نوڪري مان برطرف. ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾85پوليس آفيسرن اهلڪارن ۽ ليڊي پوليس اهلڪارن جا اردلي روم ڪيا ايس ايس پي خيرپور امير سعود

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڪي پي جو وڏو وزير سهيل آفريدي جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

خيرپور ۾ نارا تعلقي جي واپارين جو اي سي ۽ فوڊ عملي خلاف احتجاج

واپارين نرسو مل، راڄهر لعل، امر لعل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڪٽڪ تي لڳل پابندي ختم ٿيڻ باوجود عملدارن ڪٽڪ سان ڀريل گاڏي تحويل ۾ ورتي آهي

خيرپور(ڊ ر)نارا تعلقي جي ڪٽڪ جي واپارين نرسو مل، راڄهر لعل ۽ امر لعل احتجاج ڪندي اسسٽنٽ ڪمشنر نارا مختيارڪار نارا ۽ فوڊ عملي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو واپارين جو چوڻ آهي ته اسان نارا تعلقي جي اسسٽنٽ ڪمشنر مختيارڪار ۽ فوڊ عملي کي ٻڌايو ته اسان کي سرڪاري ليٽر آهي ۽ ڪٽڪ تي لڳل پابندي ختم ٿي چڪي آهي . جڏهن اسان

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ يوم دفاع حوالي سان اين پي سي ۽ ايڇ اي پاران ريلي ڪڍي وئي

ٽنڊوآدم (ن ع) پاڪستان جي دفاع واري ڏهاڙي 6 سيپٽمبر جي موقعي تي اين پي سي ۽ ايڇ اي سنڌ پاران ٽنڊوآدم ۾ صوبائي نائب صدر مظهر چانڊيو جي اڳواڻيءَ ۾ محمدي چوڪ کان ٽنڊوآدم پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ گلبهار خاصخيلي صداقت قريشي دانيال خلجي جانچ سنڌي سميت تنظيم

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: يوم دفاع جي موقعي تي اين پي سي ۽ ايڇ اي پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪيرو پوليس جي مبينا زيادتين خلاف پيبل برادري جو احتجاجي مظاهرو

پوليس نوجوانن کي گرفتار ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن: مظاهرين

اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي ڪوڙا ڪيس ختم ڪري گرفتار نوجوانن کي آزاد ڪرائين

ڪيرو(ن ع) پيبل برادري جي ماڻهن پوليس جي مبينا زيادتين ۽ نوجوانن جي گرفتاري خلاف شهيد چوڪ تي احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙن جو الزام آهي ته پوليس سندن نوجوانن کي گرفتار ڪري انهن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن معاشرن موجب، پوليس ارجن کي گرفتار ڪيو جڏهن ته پاڳچند کي سندس ڳوٺ مان گرفتار ڪري چوري جي ڪيس ۾ چالان

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪيرو پيبل برادري جا ماڻهون پوليس خلاف احتجاج ڪندي

لاڙڪاڻي ۾ گستا اڳواڻن جو جبري رٽائر ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين دلدار علي چانڊيو، عبدالحميد ابڙو، ماجد علي خاصخيلي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڊائريڪٽر سيڪنڊري ۽ چيف هيڊماسٽر گستا اڳواڻن خلاف انتقامي ڪارروايون ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ گستا تعلقي طرفان ڊائريڪٽر سيڪنڊري الهه بخش سومرو ۽ گورنمينٽ سينٽ جوزف هاءِ اسڪول جي چيف هيڊماسٽر گلشير سومرو طرفان گستا اڳواڻن کي جبري رٽائر ڪري مختلف سزائون ڏيڻ خلاف پريس ڪلب آڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي ان موقعي تي گستا اڳواڻن دلدار علي چانڊيو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو ۾ عورت جو ڄاڻي جي زيادتين خلاف مقدس ڪتاب کڻي احتجاج، انصاف جو مطالبو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ويجهو داد لغاري ٿاڻي تي حد ڳوٺ تاج محمد لاشاري جي رهواسي عورت مائي آسيه مقدس ڪتاب قرآن پاڪ کڻي معصوم ٻارڙن سان گڏ ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ ايس ٽي پي ضلعي ڪائونسل جو اجلاس، عوامي مسئلن ۽ سنڌ جي وحدت بابت اهم فيصلا

ٺٽي جي اسپتال، ڪيڊٽ ڪاليج ۽ صحت توڙي تعليم جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ احتجاجي پروگرام جو اعلان

8تاريخ کان مختلف تعلقن ۾ بک هڙتال، 6 آڪٽوبر تي ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻي جو اعلان

بدين (ڊ ر) ايس ٽي پي ضلعي بدين جي ڪائونسل جو اجلاس ضلعي صدر شاهنوازسيال جي صدارت ۾ ترقي پسند هائوس تي ٿي گذريو جنهن ۾ ضلعي نائب صدر علي حيدر پنهور جنرل سيڪريٽري محمد اسلم مهندرو جوائينٽ سيڪريٽري پنهل نظاماڻي خازانچي سيد گل محمد شاهه انفارميشن سيڪريٽري غلام قادرمراداڻي رابطا سيڪريٽري ابوبڪر

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم پوليس ٻاڻن جي زيادتين خلاف ماءُ ڌيءَ جو احتجاج، انصاف جو مطالبو

بمبئي بازار واسي رابعه زال راشد حسين احمداڻي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ملڪيت تڪرار تان ٻاڻن گهر تي حملو ڪيو پوليس انصاف فراهم ڪرڻ بجاءِ ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي بمبئي بازار واري علائقي ۾ ملڪيت جي تڪرار تان گهر تي مبينا قبضي جي ڪوشش دوران جوابدارن باٿ روم جي ڇت ڊاهي پٽ ڪري ڇڏي جڏهن ته سٽي پوليس گهر ڌڻي راشد حسين احمداڻي ۽ محمد جمن کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار راشد حسين احمداڻي جي گهرواري رابعه ۽ سندس ڌيءَ انزلا احمداڻي ٽنڊوآدم پريس ڪلب پهچي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

پيروسڻ ۽ پرياسي ۾ منشيات جي سرعام وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو

نوجوان اتحاد، سول سوسائٽي ۽ شهرين پاران ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

جيڪڏهن منشيات خلاف اثرائتيون ڪارروايون نه ٿيون ته پيروسڻ ٿاڻي آڏو ڌرڻو هڻنداسين: مظاهرين

گمبٽ (ٽ.ر) پيروسڻ ۽ پرياسي ۾ منشيات جي سرعام وڪري خلاف نوجوان اتحاد سول سوسائٽي ۽ شهرين پاران پيروسڻ شهر جي الحسني چونڪ کان پريس ڪلب پيروسڻ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب پيروسڻ آڏو مظاهرو ڪيو ويو ريلي جي اڳواڻي منظور سنڌ، باسط سومري، رضا عباس علي عباس گلزار عامر ڏاهد گل مجيداڻو ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: منشيات خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ ۾ يوم دفاع قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

يوم دفاع پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ اهم ڏينهن آهي: صلاح الدين جوڻيجو

ڪيڊٽ قومي هيروز جي قربانين مان سبق حاصل ڪري محنت، عزم ۽ لگن سان اڳتي وڌن

جام نوازعلي (ن ع) ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ ۾ 6 سيپٽمبر يوم دفاع پاڪستان وڏي قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو تقريبن جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ٿي 1965ع جي جنگ جي شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ خصوصي دعا سان ڪئي وئي آن ڪاليج اڪيڊمڪ بلاڪ ۾ پرچم ڪشائي جي تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ ڪيڊٽس، تدريسي عملي ۽

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ هٿياربندن نوجوان کي زخمي ڪري موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦري ويا

خيرپور(ڊ ر) شاگرد امجد علي چنا سگهيون کان موٽر سائيڪل تي لا ايڊميشن ٽيسٽ ڏيڻ لاءِ آءِ بي اي ڪميونٽي ڪاليج وڃي رهيو هو ته بلاول پارڪ پرسان هٿياربندن کيس روڪي ورتو ۽ ڦر ڪئي واردات دوران شاگرد مزاحمت ڪئي جنهن تي جوابدارن مٿس فائرنگ ڪري کيس زخمي ڪري ڇڏيو واقعي کان پوءِ جوابدار فرار ٿي ويا زخمي شاگرد امجد علي چنا کي علاج لاءِ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو

مورو ويجهو هٿياربندن جي مال جي واپاري تي ڪاهه، مزدورن کي يرغمال بڻائي 11 ڍور ڪاهي ويا

ٻڌون هوٽل نيشنل هاءِ وي تي سيٺ ظفر الله ٻگهيو جي ڪوٺ تي 11 هٿياربندن چڙهائي ڪري مزدورن کي يرغمال بڻايو

هٿياربندن چوڪيدار ۽ مزدورن کي ڪمري بند ڪري 11 ڍور ڪاهي آساني سان فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي معائنو ڪري سار نه لڌي آهي، اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪن: ظفر الله ٻگهيو

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) رات ٻڌون هوٽل نيشنل هاءِ وي سيٺ ظفر الله ٻگهيو جي ڪوٺ تان 11 هٿياربند ڏوهاري هٿيارن جي زور تي چوڪيدار ۽ مزدورن کي يرغمال بڻائي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري 11 ڍور جن ۾ 7 مينهيون هڪ سان ڀاڏو ڪي ڦر زوري ڪري مال جي 2 ڇڪڙن ۾ چاڙهي ڪاهي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ يوم دفاع جي موقعي تي ريلي، پاڪ فوج جي قربانين کي خراج تحسين

ڊي سي آفيس جي احاطي مان اي ڊي سي سميت مختلف کاتن جي عملدارن ريلي ڪڍي

6 سيپٽمبر 1965 جي جنگ ۾ پاڪ فوج دشمن کي عبرتناڪ شڪست ڏني: مهوش برڙو

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ جي هدايت تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو حيدرآباد مهوش برڙو جي سربراهي ۾ بجاءِ واري ڏينهن جي حوالي سان ڊي سي آفيس

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد ٽائون ڪاميٽي پاران يوم دفاع ۽ پاڪ فوج سان يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

نصيرآباد: (ن ع) نصيرآباد ٽائون ڪاميٽي پاران 6 سيپٽمبر يوم دفاع جي موقعي تي پاڪ فوج سان اظهارِ يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي ٽائون آفيسر وريل

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ 6 سيپٽمبر يوم دفاع ملهايو ويو

ضلعي انتظاميه شهيد جي يادگار تي گلن جي ورکا ڪري ڀيٽا پيش ڪئي

شهيدن جي بدولت اڄ اسان پنهنجي گهرن ۾ محفوظ زندگي گذاري رهيا آهيون:اڳواڻ

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ 6 سيپٽمبر يوم دفاع ملهايو ويو ضلعي انتظاميه طرفان شهيد جي يادگار تي گلن جي ورکا ڪري ڀيٽا پيش ڪئي ٽنڊوالهيار جي ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري جي هدايتن تي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سنڌ ورهاڱي جي سازش جي سخت مخالفت ڪنداسين، سنڌ جو فيصلو عوام ڪندو: راشد محمود سومرو

جي يو آءِ سنڌ کي ورهائڻ واري ڪنهن به قسم جي سازش يا تحريڪ جي سخت مخالفت ڪندي رهي آهي ۽ آئنده به ڪندي رهندي

پيپلز پارٽي چاهي ٿي ته سنڌ ڪارڊ سندس هٿ ۾ رهي، پر سنڌ ڪارڊ سنڌ جي عوام جي هٿ ۾ آهي ۽ رهندو

اسان شفاف چونڊن جو مطالبو ڪري رهيا آهيون ۽ فارم 47 ذريعي اسيمبلين ۾ اچڻ واري عمل کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نٿا ڪريون

عمرڪوٽ (ڊ ر) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي سيڪريٽري جنرل علام راشد محمود سومرو چيو آهي ته جي يو آءِ سنڌ کي ورهائڻ واري ڪنهن به قسم جي سازش يا تحريڪ جي سخت مخالفت ڪندي رهي آهي ۽ آئنده به ڪندي رهندي، سنڌ اسان جي ڌرتيءَ آهي ۽ ان بابت فيصلو ڪرڻ جو

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

سکر بچه يونين پاران يوم دفاع پاڪستان حوالي سان ريلي ڪڍي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) يوم دفاع پاڪستان جي موقعي تي چيئرمين سکر بچه يونين

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ پيرسن شخص آرٽيفيشل گلدستا وڪرو ڪري رهيو آهي

اسلام ڪوٽ ۾ نوجوان ناري جي موت وارو معاملو ڳنڀير، وارثن جو قتل جو الزام

ساهرن پاران مقتولا جي وارثن سان صلح لاءِ مبينا ڪوشش، ماڻيٽن جو قانوني ڪارروائي تان هٿ کڻڻ کان انڪار

پوليس ۽ اسپتال انتظاميا جي موقف ۾ واضح تضاد، ايس ايس پي ٿرپارڪر جو معاملي جو نوٽيس ورتو

هر مشڪوڪ موت ۾ پوسٽ مارٽم لازمي آهي، لاپرواهي ثابت ٿيڻ تي ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي ٿيندي: ايس ايس پي

اسلام ڪوٽ(رپورٽ:سڪندر علي بجير) اسلام ڪوٽ جي نجار پاڙي ۾ چار ڏينهن اڳ 23 ورهين جي شادي شده ناري ڀاڳونتي ميگهواڙ جي لاش ملڻ وارو واقعو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مشڪوڪ ۽ پيچيده

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڀاڳونتي ميگهواڙ جي موت جو پ پ اڳواڻن نوٽيس ورتو

وارثن کان مبينا طور زوري خودڪشي بابت لکت ورتي وئي: سمترامنجياڻي

جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرايو ويندو، لاڳاپيل پوليس ٽيم خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

اسلام ڪوٽ : پ پ ايم پي اي سريندر ولاساڻي ۽ پ پ ميونسپل ملي جي وائيس چيئرپرسن ۽ ليڊيز ونگ جي اڳواڻ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڀاڳونتي ميگهواڙ جي موت واري معاملي جي شفاف جاچ لاءِ انساني حقن واري کاتي کي خط

اسلام ڪوٽ : سنڌ حڪومت جي انساني

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي: جهيڙي جو زخمي حيدرآباد اسپتال ۾ فوت

ترائي شهر ۾ جهيڙي دوران انور ملاح ۽ سندس پٽ زخمي ٿي پيا هئا

علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي انور ملاح دم ڌڻي حوالي ڪري ڇڏيو

گولاڙچي (ٽ ر) ترائي شهر ۾ خوني جهيڙي زخمي انور ملاح حيدرآباد ۾ فوت گولاڙچي ترائي شهر ۾ ٻه ڏينهن اڳ پاڙن ۽ پائيٽر

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان تيز ويگن جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، ماءُ ۽ پٽ سخت زخمي

ديهه سوهو اسٽاپ وٽ حادثي ۾ زخمي سليمه ۽ حسن رضا رند کي اسپتال آندو ويو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان ديهه سوهو اسٽاپ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽئين صوبي جو شوشو ڇڏي عوام جو ڌيان اصل مسئلن تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: جونيئر ذوالفقار

وفاق سنڌ جو پاڻي چوري ڪرڻ ۽ ورچ کي متاثر ڪرڻ لاءِ جلالپور ڪينال سميت ٻيا منصوبا ٺاهڻ چاهي ٿو

ٽئون صوبو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي، سنڌ هڪ هئي، هڪ آهي ۽ هميشه هڪ ٿي رهندي

سنڌ ۾ ايڇ آءِ وي ايڊز جي پکڙجڻ جي سنگين مسئلي تي ضابطو آڻڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ جي ضرورت آهي

سيوهڻ(ن ع)پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو جي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر چيو ته سنڌ ۾ ٽئون صوبو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي سنڌ هڪ هئي هڪ آهي ۽ هميشه هڪ ٿي رهندي سنڌ جي ورهاڱي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

HUMAN RIGHTS JUSTICES & DEFENDER ORGANIZATION
يوم دفاع پاڪستان
PAKISTAN DEFENSE DAY

پٽ شاهه: يوم دفاع جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

پٽ شاهه ۾ يوم دفاع پاڪستان جي موقعي تي شاندار ريلي

پٽ شاهه (ن ع) هيومن رائٽس جسٽس اينڊ ڊفينڊر آرگنائيزيشن پاڪستان پاران مرڪزي چيئرمين رانا غلام نبي ۽ وائيس چيئرمين ڊاڪٽر چند جي رهنمائي ۾ 6 سيپٽمبر يوم دفاع پاڪستان جي موقعي تي پٽ شاهه ۾ شاندار ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ حافظ طالب جلباڻي،الياس پنهور حبيب لاشاري،امير نظاماڻي،محمد سومار

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

گنڀ بحر شاخ جي ٽيل ۾ مهينن کان پاڻي بند، آبادگارن جو احتجاج

پاڻي نه ملڻ سبب سارين جا ٻيجارا سڪي تباهه، زمينون بنجر بڻجي ويون: آبادگار

آبپاشي کاتي ۽ حڪومت کي بار بار درخواستن باوجود مسئلو حل نه ٿيو

بدين (ڊ ر) گنڀ بحر شاخ جي ٽيل ۾ ڪيترن مهينن کان پاڻي مڪمل طور بند آهي پاڻي نه هئڻ جي ڪري ٽيل جا سڀ آبادگار سراپا احتجاج بڻيل آهن اڄ احتجاج جي اڳواڻي محمد اسحاق لنڊ، سراج الدين مهرانپوٽو بلاول لنڊ، آفتاب احمد لنڊ، ماڻو لنڊ، مير حسن لنڊ ۽ ٻين آبادگارن ڪئي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

باڍهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ شهرين جو 372 هين هفتي به احتجاج جاري

باڍهه (ن ع)باڍهه تعلقه موومينٽ پاران شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ 8 سالن کان هلندڙ جدوجهد واري تسلسل کي برقرار رکندي موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي سارو جي اڳواڻيءَ ۾ 372 هين هفتي به باڍهه ميڊيا هائوس کان ٽائون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن علي انور

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پوليس گم ٿيل 6 ورهين جي ٽينگر کي هٿ ڪري وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پوليس گهران نڪري گم ٿيل 6 ورهين جي ٽينگر کي هٿ ڪري وارثن حوالي ڪري ڇڏيو گهر پهچڻ تي گهرڀاتين جا چهرا ٻهڪي پيا آهن ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي ڦاٽي مارڪيٽ جي حد مان گهران نڪري گم ٿيل 6 ورهين جي ٽينگر بهاءِ الدين پلاڻ جي گمشدگي جي اطلاع تي سمورا وسيلا ڪم آڻيندي گم ٿيل ٻار جو پتو

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: گهر تي مبينه قبضي جي ڪوشش پيچ ڊاهه خلاف متاثر رهواسڻ احتجاج ڪري رهيو آهي

سول اسپتال خيرپور جي ايمرجنسي سميت ڪيترن ئي وارڊن جي بجلي بند، مريض ۽ عملو پريشان

خيرپور(ڊ ر) سول اسپتال خيرپور جي ايمرجنسي وارڊ سميت ڪيترن ئي وارڊن جي بجلي ڪيترن ئي ڪلاڪن کان بند، مريض ۽ عملو سخت پريشان انتظاميا جي مبينا نااهلي سبب سول اسپتال خيرپور جي ايمرجنسي وارڊ سميت ڪيترن ئي وارڊن جي بجلي بند هئڻ سبب اسپتال ۾ داخل مريض ۽ عملو سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن سخت گرميءَ ۾ بجلي بند

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

وحدت سنڌ مارچ تي پوليس ڪڙڪي پئي، جسقم آريسر ۽ جساف اڳواڻ سميت ڪيترائي گرفتار

حيدرآباد ۾ مارچ دوران پوليس ۽ ڪارڪنن وچ ۾ ڇڪرين، وڏي نفري پهچي مارچ کي اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو

سنڌ جي ورهاڱي، نون صوبن ۽ وسيلن تي قبضي خلاف نعريبازي، گرفتار ڪارڪنن کي مختلف پوليس موبائلن ۾ منتقل ڪيو ويو

قومپرست اڳواڻن گرفتارين جي مذمت ڪندي ڪارڪنن جي فوري آزادي جو مطالبو ڪيو، امن امان لاءِ ڪارروائي ڪئي وئي: پوليس

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) وحدت سنڌ مارچ تي پوليس ڪڙڪي پئي پوليس ۽ ڪارڪنن ۾ ڇڪرين قومپرست اڳواڻ عبدالفتاح چنا سميت ڪيترائي ڪارڪن گرفتار سنڌ جي وحدت ۽ سالميت جي حق ۾ نڪتل "وحدت سنڌ مارچ" دوران حيدرآباد جي پونم پيٽرول پمپ واري علائقي ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي جسقم آريسر ۽ جساف جي مرڪزي اڳواڻ عبدالفتاح چنا سميت ڪيترن ئي سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن کي گرفتار ڪري ورتوتفصيل موجب سنڌ ايڪشن ڪاميٽي ۽ قومپرست ڌرين جي سڏ تي وحدت سنڌ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ سومرا برادري جي نوجوانن جي عوامي تحريڪ ۾ شموليت

عوامي تحريڪ سنڌي قوم لاءِ ريڊار جو ڪردار ادا ڪري ٿي: مهراڻ درس

تعليم يافته نوجوانن تي قومي بقا جي وڏي ذميواري آهي عوام کي بيدار ڪرڻو پوندو

بدين (ڊ ر) سنڌي قوم لاءِ ريڊار جو ڪم ڪندڙ سياسي پارٽي صرف عوامي تحريڪ آهي جيڪا هر دور ۾ ٿيندڙ سازشن کان اڳواٽ عوامي سڄاڳي مهم هلائي سڄي قوم کي متحرڪ ۽ سڄاڳ ڪري ٿي اهڙن خيالن جو اظهار عوامي تحريڪ ضلع بدين جي صدر مهراڻ درس سومرا برادري جي نوجوانن پاران عوامي تحريڪ ۾ شموليت واري تقريب ۾ ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ت

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ضلعي انتظاميا پاران يوم دفاع 6 سيپٽمبر حوالي سان ريلي

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ڄامشورو محمد طارق ڪاڪا جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي ڪڍي وئي

6 سيپٽمبر پاڪستان جي تاريخ جو هڪ عظيم ۽ ناقابلِ فراموش ڏينهن آهي: طارق ڪاڪا

ڪوٽڙي (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي هدايتن تي ضلعي انتظاميا ڄامشورو پاران يوم دفاع پاڪستان جي موقعي تي پاڪ فوج جي شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ گورنمينٽ ٻوائز هاءِ اسڪول ڪوٽڙي ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب جي پڄاڻيءَ تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ڄامشورو محمد طارق ڪاڪا

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5



مورو: بيهوشي جي حالت ۾ هٿ آيل ناري جيڪا بعد ۾ فوت ٿي وئي

مورو اسپتال ۾ رڪشا واري بيهوش حالت ۾ ڇڏيل عورت فوت، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

مورو (ن ع) مورو تعلقه اسپتال ۾ رڪشا واري طرفان ڇڏي ويل بيهوشي واري حالت ۾ عورت فوت ٿي وئي آهي هن وقت تائين عورت جا وارث نه ٿي سگهيا آهن ۽ عورت جو لاش مورو اسپتال ۾ پيل آهي جنهن جي پوليس جاچ ڪري رهي آهي

ڪوٽڙي سائيٽ: شورا اتحاد پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻو پوليس پاران سنگين ڪيسن ۾ گهربل 8 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

مختلف هنڌن تي ڪارروائين دوران زاهد شاهه، مجيد سانگ، مجاهد شيخ، لطيف گوپانگ ۽ ٻين کي گرفتار ڪيو: پوليس

جوابدارن جي قبضي مان هٿيار، ڦر ڪيل موٽرسائيڪل ۽ منشيات پڻ برآمد ڪئي آهي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس ڏوهارين خلاف ڪارروائيون ڪندي قتل، ڦر، چوري، منشيات فروشي ۽ غيرقانوني هٿيار رکڻ جهڙن سنگين ڏوهن ۽ ڪيسن ۾ ملوث اشتهاري، روپوش ۽ گهربل 8

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

سمورين قومپرست پارٽين سنڌ جي ورهاڱي خلاف متحد آهن: نواز خان زنئور

سنڌ جون ساموندي پٽيون، معدني وسيلا ۽ ٻيا قدرتي وسيلا سنڌ جي ملڪيت آهن

انتظامي يونٽن جي قيام لاءِ جيڪڏهن ريفرينڊم ڪرايو ويو ته اهو غير آئيني عمل هوندو

باڍهه (ن ع)جيئي سنڌ قومي پارٽي جي مرڪزي چيئرمين نواز خان زنئور پنهنجي ساٿين وائيس چيئرمين ڪامريڊ محمد علي خشڪ ۽ ضلعي نوابشاهه صدر دودو سيال سان گڏ باڍهه ميڊيا هائوس تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ صرف هڪ صوبو نه پر سنڌي قوم جو تاريخي وطن

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

حر مجاهدين 65 جي جنگ ۾ پاڪ فوج سان گڏجي وطن جو دفاع ڪيو: شفقت حسين شاهه

پير صاحب پاڳارا جي قيادت ۾ حر جماعت دشمن کي ناڪام بڻائڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو

ملڪ کي درپيش چيلنجز جو مقابلو اتحاد، اتفاق ۽ قومي يڪجهتي سان ئي ڪري سگهجي ٿو

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڪانوري) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل صوبي سنڌ جي صوبائي اڳواڻ ايڊووڪيٽ سيد شفقت حسين شاهه يوم دفاع پاڪستان جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي 40 پلس ويٽنگ اميدوارن جي احتجاجي ڪيمپ 44هين ڏينهن به جاري

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي 40 پلس بي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن جي احتجاجي ڪيمپ 44هين ڏينهن به جاري. ويٽنگ اميدوارن ڪيمپ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو جتي هنن هٿن ۾ آئينو ۽ بئنر کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ جميعت علماءِ پاران يوم تاجدار ختم نبوت ﷺ حوالي سان ريلي ڪڍي وئي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ جميعت علماءِ پاڪستان ضلعي طرفان يوم تاجدار ختم نبوت ﷺ جي موقعي تي درگاهه قائم شاهه بخاري وٽان ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف روڊن رستن کان ٿيندي پريس ڪلب اڳيان

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

سنڌ ڇائي ڊاڪٽر روبينا شيخ ٻيو ڀيرو يواين پي او جي صدر چونڊجي وئي

نوشهروفيروز (ڊ ر) سنڌ ڇائي ٿي دنيا جي 45 قومن جو اعتماد! ڊاڪٽر روبينا شيخ ٻيو ڀيرو UNPOجي صدر چونڊجي وئي، ورلڊ سنڌي ڪانگريس ۽ سنڌي قوم لاءِ

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

هڪ ٽريڪٽر پويان اٺ گاڏيون ڪاهي وڃي رهيو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.